# سنڌو سڀيتا جي اوسر

رک سنڌي

# Rise of Indus Civilization

Author: Ruk Sindhi

(اوائل کان 1500 ق م)

# ترتيب


مهاڳ

1. سنڌو ماٿر جي ارضياتي جاگرافي
2. تهذيبي ۽ سياسي جاگرافي
3. سنڌو ماٿر ۾ اوائلي انساني آباديون
4. سنڌو ماٿر ۾ ڳوٺاڻيون زرعي ثقافتون
5. سنڌو ماٿر ۾ شهري رياست جو بنياد
6. سنڌو ماٿر ۾ شهري رياست جي معاشرتي حالت
7. سنڌو ماٿر ۾ شهري رياست جو معاشي تجزيو
8. سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ٻولي ۽ لپي
9. سنڌو ماٿر جي شهري رياست ۾ مذهب ۽ نظريا
10. سنڌو ماٿر جي شهري رياست جا پرڏيهه سان لاڳاپا
11. سنڌو ماٿر جي عوام جو نسلي جائزو
12. سنڌو سڀيتا جي زوال جو مفروضو

ماخذات


# مهاڳ

سـنڌ جي تـاريخ تي سـنڌي ٻـوليءَ ۾ اڃـان سوڌو سائنسي بنيـادن تي ڪوبـه ڪم نـه ٿيـو آهي. تـاريخ جي جديـد نقطي نظـر مـوجب جنهن نمـوني سنڌ جي تـاريخ لکڻ گهـرجي، ان سلسـلي ۾ ڪابـه اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي. خـاص ڪـري دنيـا انـدر سنڌو ماتري جي تهذيب تي جيڪا جديـد تحقيـق ٿي رهي آهي. ان ڪـان هتـان جي مـاڻهن ڪي اڻ ڄـاڻ رکيو ويو آهي. اڄ به ڪين سنڌو سڀيتا بابت برصـغير تي برطـانوي بينڪيت واري دور يعـني 80 ڪـان 90 سال اڳ جوڙيل يا طئه ڪيل ٿيوريون پڙهايون وڃن ٿيون. اڄ به اهو پڙهايو ٿو وڃي ته سنڌو ماتري جي سڀيتا جي وارث دراوڙ نسل جا ماڻهو هئا. اڄ به اهو چيو پيو وڃي ته سـنڌو مـاتري جي سـڀيتا جي زوال جا ڪارڻ سنڌ تي يورپ ڪان سينٽرل ايشـيا رسـتي کهي آيل آرين جو حملو هو. جن يـورپي نسـل جي آرين سنڌ جي هن پرئي پـاڳئي پرڳـٽي جي شـهري تهـذيب ڪي رات وچ ۾ نـاس ڪـري ڇـڏيو. سـندن شهر اجاڙي ڇڏيا، ڪين سـنڌو مـاتري مـان نيڪـالي ڏئي، ان جـــا والي وارث پـــاڻ ٿي ويئـــا. آرين جي حملي سبب سنڌو ماتر جهڙي تـرقي يافتـه تهـذيب جــا وارث، جن کي مــاهر هن ڪـان اڳ دراوڙ قــرار ڏين پيا، سي هتان ڀڄي وڃي، هندستان جي ڏاکڻين رياستن تامل ناڊو، ڪرناٽڪا ۾ تيلگـو نکتـا. جـڏهن ته هاڻي ان دعوى کي نـئين تحقيـق بعـد مـاهرن رد ڪري ڇڏيو آهي. يورپي آرين جو تصور پهريون پيرو فرانسيســي مــاهر جــوزف آرٿــر (,Joseph Arthur Comte de Gobineau) پيش ڪيـــو. هن 1855ع ڌاري پنهنجي ڪتاب (An Essay on the Inequality of the Human Races) ۾ آريا نسل جي برتري جو تصور پيش ڪيـو. سـندس ان تصـور کي 19 صـدي جي وچ ڌاري برطانوي جرمن نسـل جي هڪ ٻـولي

ماهر ۾ آرڪيالاجست ميڪس مولر (Max Muller) هئي ڏني. ميڪس مولر آريا نسل کي دنيا جو اعلى نسل قرار ڏيندي، ان نسل ۾ سندس ٻولي کي باقي دنيا ۾ خاص ڪري ڏکڻ ايشيا جي ٻولين جو بنياد قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ۾ انڊو آرين ٻولين جو بي بنياد مفروضو ۾ فارمولو قائم ڪيو. جنهن کي اڳتي هلي برطانوي محققن بنياد بنائي سنڌو ماٿري تي يورپي آرين جي حملي جي بي بنياد ٿيوري کي اڳتي وڌايو. جنهن جو حقيقتن سان ڪوبه واسطو نه هو. اصل ۾ ان ٿيوري جو بنياد جرمن نسل پرستي ۾ برطانوي بيٺڪيتي سوچ تي ٻڌل هو، ڇاڪاڻ ته جنهن وقت موهن جو دڙو ۾ هڙاپا جي قديم آثارن جي کوٽائي يورپي آرڪيالاجسٽن ڪئي ته هنن لاءِ اها حقيقت تسليم ڪرڻ انتهائي ڏکئي هئي ته جنهن ديس تي هو قابض آهن، ان جي ماضي ڪا ايتري شاندار ٿي سگهي ٿو. ان ڪري تعصب جي بنياد تي يورپي ماهرن هتان جي اصلوڪن رهاڪن کي نفسياتي طور غلام رکڻ ۾ پنهنجي برتري ۾ بيٺڪيت جو جواز پئدا ڪرڻ لاءِ سنڌو ماٿري تي يورپي نسل جي آرين جي حملي جو مفروضو گهڙيو. جنهن کي اڳتي هلي ماهرن سائنسي ثبوتن سان رد ڪري ڇڏيو. تازو سينٽر آف سيليولر اينڊ موليڪيولر بائيولاجي جي سائنسدانن (Scientists from the Centre for Cellular and Molecular Biology) گائنشوار چوبي ۾ ڊاڪٽر ڪماراسامي ٿنگاراج آمريڪا جي هڪ تحقيقي جنرل (American Journal of Human Genetics) ۾ آرين جي مفروضي کي مڪمل طرح رد ڪيو آهي. سنڌو سپيتا تي تحقيق ڪندڙ انهن سائنسدانن جو تعلق استونيا، پارت ۾ ٻين ملڪن سان آهن. جن تارتو يونيورسٽي استونيا

جي تعاون سان سـنڌو مـاتري جي قـديم آثـارن تي جينيٽڪ (Genetics) بنيادن تي تحقيق ڪئي آهي.

خود سنڌو سـڀيتا جي وارثن کي دراوڙ نسـل جـا قـرار ڏيڻ بـه آرين جي حملي بـابت جوڙيـل ان مفروضي کي جواز بخشڻ هيو. جنهن مــوجب آرين جي حملي وقت جيڪي ديس ڏٽي هتـان لـڏي وجي ڏکڻ هندستان ۾ آباد ٿيا، اهي موجـوده دراوڙ نسـل سان واسطو رکن ٿا. هتي سوال پئدا ٿئي ٿو ته جن ماڻهن موهن جي دڙي جهڙي شاندار شهري تهذيب کي جنم ڏنو، سـي آخرڪـار ان سـاڳي تهـذيب جـو ڦهلاءُ ڏکڻ هندسـتان ۾ ڇـو نـه ڪـري سـگهيا؟ هنن تامل ناڊو، تيلگو، ڪرناٽڪا ۾ هڙاپا، موهن جي دڙي ۾ چانهون جي دڙي جهڙا سڌريل شهر ڇو نـه اڏيـا؟ هن وقت تـائين قـديم آثـارن جي مـاهرن کي ڏکڻ هندستان مان اهـڙي ڪنهن بـه سـڌريل تهـذيب جـا آثار نه مليـا آهن، جن جـو سـنڌو سـڀيتا جي تهـذيب سان ڪـو لاڳاپو ظاهر ٿي سگهي. ان ڪـري يـورپي ۾ خاص ڪري جرمن آرڪيالاجسٽن طرفـان سـنڌو سڀيتا جي وارثن کي درواڙ قرار ڏيڻ پويان پڻ آرين جي حملي واري مفروضي کي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش هئي. جنهن کي اڳتي هلي انسـاني علم ۾ قديم آثارن جي ماهرن ثبوتن سان رد ڪــري ڇـڏيو آهي. هن ڪتـاب ۾ اهـا ڳالهـه جديـد ۽ تـازي ٿيـل تحقيق جي بنياد تي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪـئي وئي آهي ته سنڌو سڀيتا جا وارث دراوڙي نسل جــا نه هئا، پر هو هن ئي ڌرتي جا اڳاتي سنڌي نسل جا ماڻهو هئا. سنڌو سڀيتا دراوڙي تهـذيب نـه پـر اصـل سنڌو ماتري جي تهذيب آهي، جنهن هن ئي مــاتري ۾ پنهنجي ارتقا جا ڏاڪا طئه ڪيا.

سـنڌو مـاتري جي سـڀيتا تي آرين جـو حملي وارو تصور بي بنياد ۽ مفروضــي تي ٻــڌل آهي. هن

ڪتاب ۾ ان مفروضي جي رد ڪيو ويو آهي ته سنڌو سڀيتا جي زوال جو سبب سنڌ تي آرين جو حملو هو. مختلف ماهرن طرفان آرين جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ هتان جي اصلي باشندن کي غلام بڻائي انهن جو قتل عام ڪرڻ يا مڙني ماڻهن کي سنڌ مان نيڪالي ڏئي ڇڏڻ يا سندن سموري تهذيب ۽ ان جي شهرن ۽ وسندين کي مڪمل طور فنا ڪري ڇڏڻ وارو تصور هڪ مفروضو پيو لڳي. آريا نه ڪا قوم، نه وري قبيلو يا ماڻهن جو ڪو گروهه هيو. ان ڪري اهو تصور ڪرڻ ته سنڌو سڀيتا جو خاتمو نام نهاد آريا قبيلن آندو، عقلي ۽ سائنسي بنيادن تي بيٺل نه آهي.

آريا اصل ۾ ڪا قوم، قبيلو يا نسل نه هو، پر سنڌو ماتر ۾ رهندڙ ماڻهن جو هڪ طبقو هو. آريا اهي ماڻهو سڏبا هئا، جيڪي هارپو ڪندا هئا. هارين کي موهن جي دڙي جي دور کان وٺي هندو ڌرم جي عروج واري دور ۽ ان کان پوءِ به آريا چيو ويندو هو. جڏهن ته هارپو نه ڪندڙن کي اڻ سڌريل يعني اڻ آريا چيو ويندو هو. هندن جو ديوتا ’هري‘ اصل ۾ ’هر‘ مان نڪتل آهي ۽ آباديءَ جو ديوتا تصور ڪيو ويندو آهي. ان ڪري سنڌو ماتر ۾ آباديءَ ۽ خوشحالي جي علامت طور هارين کي آريا ڪوٺيو ويندو هو. سنسڪرت زبان ۾ به آرين جي معــــنى اوچي ذات، شــــريف ۽ آزاد آهي. سنسڪرت زبان ۾ آريا لفظ ڪنهن نسل، قبيلي يا قوم جي نالي طور ڪتب نه آيو آهي. جيئن يورپي محققن هڪ مفروضو قائم ڪري تاريخ ۾ آرين جو افسانو گهڙي شامل ڪيو.

مان پنهنجي هن ڪتاب ” سنڌو ماتر جي سڀيتا“ ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي پيدائش کان وٺي موهن

جي ڏڙي جي تهـذيب يعـني سـنڌو سـڀيتا جي زوال بابت جوڙيل مفروضي تـائين واري دور جـو احـاطو ڪيو آهي. جيالاجي مـاهرن مـوجب سـنڌ ڌرتي جـو وجـود اڄ ڪـان اٽڪـل 100 ڪـروڙ سـال اڳ ٽيٿس سمنڊ جي اندران ميداني علائقي ۾ پهاڙي سلسـلي اڀرڻ جي ڪـري ٿيـو. هن ڪتـاب ۾ سـنڌ ڌرتي جي وجـود بـابت تفصـيل سـان لکيـو ويـو آهي. جـيئن پڙهنــدڙ جي ذهن ۾ هن ڌرتي جي پئــدائش، هــتي انساني ارتقا ۽ تهذيبي ارتقا بابت هڪ خاڪو جــڙي سگهي. ارضياتي ماهرن طرفان ٿيل تحقيق موجب سـنڌ ۾ 6 ڪـروڙ ورهيـه اڳ زنـدگي جي شـروعات ٿي. اڄ ڪان 6 ڪروڙ ورهيه اڳ هتي ڪيترائي جيتن جا قسـم، ڪـرنگهي دار مڇيـون، پکين جـا مختلـف قسـم پيـدا ٿي چڪـا هئـا، جـڏهن تـه ڪـير پيارينـدڙ جانورن جـو وجـود هـتي اڄ ڪـان سـاڍا چـار ڪـروڙ ورهيه اڳ تائين ملي ٿو.

علمِ انسانيات جـا مـاهر (Anthropologists)۔ ان راءِ جا آهن ته انسان جا پراڻي ۾ پراڻا آثار يعـني دنيـا ۾ سندس هئڻ جي وڏ ڪان وڏ اڳوٽي ثابتي سنڌو ماٿر ۾ ملي آهي. انساني ارتقا جو عمـل بـاقي دنيـا جي پيٽ ۾ سڀ ڪـان پهريـان هنـد سـنڌ (ڏکڻ ايشـيا) ۾ ٿيو. سنڌو مـاٿر ۾ انسـان 2 ڪـروڙ سـال اڳ ڌرتي جي تـئين زمـاني (Tertiary) ۾ حيـواني نسـل ڪـان عليحده ٿيو. هندستان جي سـيوالڪ (Siwalik Hills) جبلن ۾ کوٽائي ڪندي هڪ انسـان جـو بـه ڇـاڙيون هيــــٺيون ۽ مـــٿيون ڳـــولهي لـــڌيون آهن، جيڪي پٿرائجي چڪيون آهن. جن کي مـاهرن رامـاپٿيڪس (Ramapithecus) يعني ”ماڻهو جهڙو پوتر“ جو نــالو ڏنو آهي. راما پـٿيڪس انسـان اڄ ڪـان هڪ ڪـروڙ 50 لک سـال اڳ جي زمـاني جـو انسـان آهي. هن انسـان جي لـڌل پٿرايـل بـوتي جـو وري 1961ع ۾

پيهر اپياس ڪيو ويو ۾ ماهرن هن پٽرايل ٻوتي کي دنيا جو سڀ کان وڏيڪ قديم انسان قرار ڏنو. ان بعد وري پاڪستان جي پوٺار جي علائقي مان پڻ پٽرايل انسان جو ڍانچو مليو، جيڪو 70 لک سال پراڻو آهي. جنهن کي ماهرن سواپٿيڪس ( Sawapithecus) يعني ”هر دم زندهه“ جو نالو ڏنو آهي. آڳاٽي سنڌو ماٿر ۾ هن قسم جي ماڻهو ملڻ ڪانپوءِ ماهرن کي پنهنجا رايا بدلائڻا پيا ۾ هنن ان ڳالهه کي تسليم ڪيو ته دنيا ۾ سڀ کان اول آدم جي پئدائش سنڌو ماٿر ۾ ٿي ۾ سنڌو ماٿر ئي انساني ارتقا جو پهريون مسڪن بڻي. هن کان اڳ دنيا ۾ جيڪي ٻين هنڌن تي قديم انسان جا آثار مليا آهن، سي سڀ سنڌو ماٿر ۾ مليل انسان کان پوءِ جا آهن. جنهن ڪري اسان هاڻ سائنسي تحقيقاتي بنيادن تي اها ڳالهه چئي سگهون ٿا ته سنڌو ماٿر اوائلي انساني ارتقا جو بنياد هئي ۾ شروع ۾ هتان ئي انسان پنهنجو پهريون سفر شروع ڪيو. ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي دنيا اندر وڏيڪ تحقيق ۾ کوجنا دوران اهڙا ڪي ثبوت ملن، جن سان موجوده راءِ ۾ نتيجا تبديل ٿي وڃن.

هن ڪتاب ۾ تحقيق ذريعي اها ڳالهه ثابت ڪئي وئي آهي ته پراڻي (پروٽو) سنڌي ٻولي ئي سنڌو سپيتا جي وارثن جي ٻولي هئي. سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون موهن جي دڙي واري سپيتا ۾ کتل آهن. پروٽو سنڌي ٻوليءَ جون خاصيتون هندستان جي ٻين ٻولين ۾ هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته انهن ٻولين جو اصل بڻ بنياد پروٽو سنڌي هئي. بابل ۾ ميسوپوٽيميا ۾ سنڌي ٻوليءَ جون نشانيون ملڻ مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته سنڌو ماٿر جي ترقي يافته تهذيب جي وارثن واپار سانگي اتي پهچڻ بعد پنهنجي ٻوليءَ جو انهن

ديسن ۾ ڦهلاءُ ڪيو. جنهن ڪري بابل ۽ ميسوپوٽيميا جي قديم آثارن مان ٻولي بابت مليل باقيات جو موهن جي دڙي جي ٻولي سان هڪجهڙائي ان جو ثبوت آهي. ماهرن اهو ثابت ڪيو آهي ته مڪيه دراوڙي ٻوليون تامل، تيلگو ۽ ڪناڙي اصل پروٽو سنڌي ٻوليءَ مان جي اثر هيٺ رهيون آهن. جڏهن ته سنسڪرت جي پيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ گهٽي پراڻي آهي.

دراوڙي ٻولين ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ملڻ ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته هنن هڪ سڌريل تهذيب رکندڙ ماڻهن جي ”سنڌي ٻوليءَ“ جو اثر قبول ڪيو. جيڪڏهن ڪو ائين سمجهي ٿو ته سنڌي تهذيب دراوڙ نسل جي ماڻهن جي تخليق آهي ته اهو ڳاڏيءَ کي گهوڙي جي اڳيان جوٽڻ ٿيندو. چاڪاڻ ته دراوڙن جي اصل ديسن ۾ ڪنهن به اهڙي شاندار تهذيب جا ثبوت نه مليا آهن، جهڙيون شاهديون سنڌو ماٿر ۾ مليون آهن. ماهرن ثابت ڪيو آهي ته موهن جي دڙي جا ماڻهو دراوڙ نسل جا نه پر آڳاٽا سنڌي هئا.

هن ڪتاب ۾ جن موضوعن کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. انهن ۾ سنڌو ماٿر جي ارضياتي جاگرافي، تهذيبي ۽ سياسي جاگرافي، سنڌو ماٿر ۾ اوائلي انساني آباديون، سنڌو ماٿر ۾ ڳوناٺيون زرعي ثقافتون، سنڌو ماٿر ۾ شهري رياست جو بنياد شامل آهن. سنڌو ماٿر ۾ شهري رياست جي معاشرتي حالت، ان دور جو معاشي تجزيو، ان دور جي ٻولي ۽ لپي بابت هيل تائين ٿيل تحقيق کي بنياد بنايو ويو آهي. اڄ کان هزارين سال اڳ سنڌو سڀيتا جي وارثن جي مذهب ۽ نظرين کي به بحث جو موضوع بڻايو ويو آهي. سنڌو سڀيتا جي ماڻهن

جا ان دور  باقي دنيا سان ڪهڙا رابطا  لاڳاپا هيا، انهن تي به تفصلي بحث ڪيو ويو آهي. سنڌو ماٿر جي عوام جو نسلي جائزو پيش ڪيو ويو آهي  آخر  سنڌو سڀيتا جي تباهيءَ بابت قائم ڪيل مفروضي ڪي دليلن سان رد ڪيو ويو آهي. هن سچي تحقيق دوران مذهبي، نسلي  قومي تعصب کان هٽي ڪري آرڪيالاجي، جيالاجي، اينٿراپلاجي  جينيٽڪ سائنس جي ماهرن طرفان سائنسي بنيادن تي اخذ ڪيل نتيجن کي بنياد بنايو ويو آهي. حقيقتن کي ڪنهن به وڌاءَ کان سواءَ جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ماضيءَ جي خيالي  فرضي تصورن کي فقط ئي فقط جديد کوجنا جي بنياد تي رد ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

رک سنڌي
حيدرآباد سنڌ

# سنڌو ماٿر جي ارضياتي جاگرافي

اڄ کان ڪئين اربين سال اڳ هن خلا  رڳو برندڙ گئس موجود هئي. ان وقت ڪائنات  ڪنهن

به شيءَ جو وجود ڪو نه ٿيو هو. نه سج هيو، نه چنڊ هيو، نه ڌرتي ۽ ٻيا سيارا. صرف ٻرندڙ گئس هئي، جنهن کي سائنسدان ”نيبولا گئس“ ( Nebula Gas) چون ٿا. ان ٻرندڙ گئس آهستي آهستي ٿڌي ٿيڻ ڪري ٽڪرن جي صورت اختيار ڪئي. اهي ٽڪرا ڪيترن جڳن تائين ڪشش ثقل جي اصول تحت هڪ ٻئي جي چوگرد ڦرڻ لڳا ۽ گول تارن جي صورت اختيار ڪيائون. سج به انهن ئي تارن جي گروهه مان هڪ تارو آهي. جنهن مان وري ڪيترائي ٽڪرا ڌار ٿي ننڍا ٿي پيا ۽ سج جي چوڌاري مقرر مدار ۾ ڪشش ثقل جي زور تي ڦيرا پائڻ لڳا. انهن ننڍن تارن کي اسان گرهه يا سيارو (Planete) چئون ٿا.

انهن گرهن مان هڪ گرهه اسان جي ڌرتي به آهي. جنهن تي اسان هن وقت رهون پيا. يعني اسان جي زمين به سج جو هڪ حصو هئي ۽ ان کان ٽٽي ئي جنم ورتو اٿائين. جڏهن ڌرتي ٽٽي سج کان ڌار ٿي ته ان وقت هوءَ نه گول هئي نه وري ٿڌي. پر پوءِ وقت گذرڻ سان، ڪروڙين سال هڪ مقرر محور ۾ ڦرڻ ڪري گول ۽ ٿڌي ٿي پئي.

آمريڪي سائنسدانن جي هڪ نئين تحقيق مطابق اسان جي زمين ساڍا 4 ارب سال اڳ ٻن سيارن جي ٽڪرائڻ سبب وجود ۾ آئي. لاس اينجلس جي يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا جي سائنسدانن جو چوڻ آهي ته زمين ۽ ٿئيا (Theia) نالي هڪ ننڍي سياري ۾ ٽڪراءُ ايڏو ته شديد هيو جو ٻئي گڏجي هڪ نئون سيارو بڻجي ويا. انهن سائنسدانن مطابق جڏهن هيءُ ٽڪراءُ ٿيو ته ان وقت زمين جي عمر فقط 10 ڪروڙ سال هئي. ان رپورٽ جي مرڪزي محقق پروفيسر ايڊورڊ ينگ (

Edward Young) جو چوڻ آهي ته ان ٽڪراءَ جي نتيجي □ انهن ٻنهي سيارن جو هڪ ٽڪرو ٽٽي ڌرتي جو چنڊ بڻجي ويو. تحقيق دوران سائنسدانن چنڊ تان آندل جبلن جي ٽڪرن جو تجزيو به ڪيو آهي □ انهن جبلن جي پٿرن کي هوائي □ ايريزونا جي ٻرندڙ جبلن جي پٿرن جهڙو قرار ڏنو آهي. محققن جو چوڻ آهي ته ان ٽڪراءَ جي نتيجي □ ٿئيا زمين □ چنڊ □ مڪمل طور ضم ٿي ويو. يعني اهو سيارو پنهنجو الڳ وجود وڃائي ويٺو. ان ڪري چنڊ □ زمين تي ٿئيا جي نشانن □ ڪوبه فرق ناهي. (1)

ڌرتي ڄاڻن(Geologists) جي چئي مطابق هيءَ ڌرتي اڄ کان سادا چار ارب ورهيه اڳ سج کان جدا ٿي □ پوءِ مقرر مدار □ سج جي چوڌاري ڦرندي رهي ٿي. سج کان ٽٽل ڌرتيءَ جو هيءُ ٻرندڙ گولو ڪروڙها ورهيه ايئن ڪشش ثقل جي اصول تحت ڦرڻ ڪري ٿڌو ٿيڻ لڳو. جيڪي به سيارا سج کان ڌار ٿيا، انهن مڙني جي ٺرڻ کان گهڻو دير سان هيءُ ڌرتيءَ جو گولو ٺريو. جڏهن زمين ٺرڻ شروع ڪيو ته ٺريل گئس □ هوا بخارن جي صورت اختيار ڪئي □ وري خلا □ ٿڌ ملڻ ڪري اهي بخار □ گئسون پاڻي بڻجي وسڻ لڳيون. اهو سلسلو ڪافي وقت تائين هلندو رهيو. تان جو ڌرتيءَ جي هيٺانهن هنڌن تي پاڻي جمع ٿي سمنڊ ناهي وڏا. ٺريل گئس □ ٻين تبديلين پٿرن □ ڌات جي صورت اختيار ڪئي. مختلف وقتن تي ٻرندڙ جبلن ڦاٽڻ، زلزلن □ طوفانن جي اڇڻ، مختلف ڌاتن جي رجي ڌرتيءَ جي سيني مان ٻاهر نڪرڻ ڪري، هن ڌرتيءَ جي متاڇري تي ڪيترين ئي تبديليون ايندين رهيون. اهڙي طرح ڌرتي سج کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ مختلف تبديلين مان گذري، مختلف ارتقائي مرحلا طئه ڪندي هن حالت تي اچي رسي

آهي. ڌرتيءَ جي مٿاڇري جي پيمائش، ڌرتي ڇــاڻن موجب 196،960،000 چورس ميل آهي.

ڌرتي ڇـــاڻن، ڌرتيءَ جي تـــاريخ (Historical Geology) ۽ ڌرتيءَ تي جنم ورتـــــــــل واقعن (Geological Events)۔ جي بنياد تي ڌرتيءَ جي ڄمار کي ڌار ڌار جڳن (Eras) ، ڌار ڌار زمــانن (Periods) ۽ ڌار ڌار ايـامن (Epochs) ۾ ورهـايو آهي ۽ ڌرتيءَ جي پيدائش جي عمر مقرر ڪئي اٿن.

جـڏهن ڌرتيءَ مٿـان ڪـروڙين سـال لاڳيتـو مينهن وسڻ لڳا ته ڌرتيءَ جو گولو ٻن حصن پـاڻيءَ ۽ خشـڪيءَ ۾ ورهـائجي ويـو. مـاهرن جي چــوڻ مـوجب اڄ ڌرتيءَ جي گـولي تي ڪنـڊن جي جيڪـا بيهڪ آهي، ســا قــديم دور ۾ ائين ڪانــه هــئي ۽ ڪيترائي ڪنڊ پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا. جيڪي پوءِ ارضـياتي تبديلين ڪـري هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويـا. ڪنـڊن جي گـــڏيل هجڻ وارو خيـــال پيش ڪنـــدڙ آمـــريڪي سائنسدانن جي هڪ گروهه (2) جو رايو آهي ته اڄ کان 2500 لک سال اڳ دنيـا جي گـولي تي صـرف هڪ وڏو ڪنـڊ موجـود هيـو. جنهن کي هـو پنگئيـا (Pangaea) ڪوٺن ٿا. جنهن مان ئي ٻيا ڪنڊ ڇڄي ڌار ٿيا آهن. پر ڌرتي ڇاڻن جي هڪ ٻئي گروهه (3) جو خيال آهي ته شـروعات ۾ ڌرتيءَ جي گـولي تي ٻـه وڏا ڪنــڊ هئــا، جن کي گونــڊوانا (Gondwana)۔ ۽ لاريشــيا(Laurasia)۔ جــو نــالو ڏنــو آهي. انهيءَ گروهــه جي چــوڻ مطــابق گونــڊوانا وڏي ڪنــڊ ۾ آسٽريليا، انٽارڪٽڪ، آفريڪـا، انـڊيا ۽ ڏکڻ آمريڪـا وغيره حصا اچي ٿي ويـا. جـڏهن تـه لاريشـيا ۾ اتـر آمريڪا ۽ يورپ شامل هيا.

هند سنڌ اڄ کان ڪروڙين سـال اڳ گونـڊوانا وڏي ڪنڊ جو حصو هئي. ڌرتيءَ جي ٽـئين زمـاني (

(Tertiary period) ۾ اتر هندستان وارو پاسو آفريڪا، سلون ۽ آسٽريليا سان خشڪيءَ رستي ڳنڍيل هو. (4) ان جي تصديق ايچ جي راورٽي به پنهنجي ڪتاب (5) ۾ ڪري ٿو. ان وقت سنڌو ماٿر جي سرزمين سمنڊ هيٺ آيل هئي. ڌرتي جا عالم چون ٿا ته اڄ کان تقريبن 6 ڪروڙ ورهيه اڳ سنڌ سميت سڄو ننڍو کنڊ ٽيٿيا (Tethys) نالي سمنڊ هيٺ هيو. اڄ جتي وفاقي پاڪستان قائم آهي، اتي قديم دور ۾ سمنڊ موجون ماري رهيو هو. اڄ ڪالهه جتي دره خيبر آهي، اتي وهيل مڇيون رهنديون هيون. (6)

اهو اتر هندستان وارو پاسو ڌرتيءَ جي 10 لک سال اڳ پلايوسين دور (Pliocene epoch) کان وٺي پلائيسٽوسين دور (Pleistocene epoch) تائين اٽڪل 20 هزار سال اڳ تائين اتر آمريڪا جي اتر اولهه يعني الاسڪا (Alaska) ۽ ٻئي پاسي چين سان مليل رهيو. (7) جڏهن اتر هندستان وارو پاسو آمريڪا جي اتر اولهه يعني الاسڪا ۽ چين سان مليل هو ته پلائيسٽوسين دور ۾ وڏي برفباري (Glaciations) شروع ٿي وئي. جيڪا 6 لک سال اڳ شروع ٿي، نتيجي ۾ هن ڌرتيءَ کي چار برفاني دور (Ice Ages) ڏسڻا پيا. جن دورن ۾ ڌرتيءَ جو ڪافي حصو برف سان ڍڪجي ويو. ان برفاني دور جي وچ ۾ گرم وقفا به ايندا رهيا. (8) بعد ۾ جڏهن 20 هزار سال اڳ برفاني دور ختم ٿيو ته برف گهٽ پوڻ ۽ ٻين سببن ڪري هند ۽ آفريڪا هڪ ٻئي کان ڌار ٿي ويا ۽ وچ تي چوليون هڻندڙ سمنڊ ظاهر ٿي پيو ۽ اهڙي طرح مٿي ڄاڻايل گونڊوانا وڏي کنڊ مان هند سنڌ ڇڄي ڌار ٿي. انهن ٻنهي حصن ڇڄڻ بعد وچون حصو جيڪو سمنڊ ۾ ٻڏي ويو، ان کي ليموريا (

(Lemuria جو نالو ڏنو اٿن. جو جو اتان ليموريا نالي هڪ جانور جا هڏا تمام گهڻي تعداد ۾ مليا آهن. ان جي تصديق اسڪاٽ لينڊ جي ارضياتي ماهر به ڪئي آهي ته برصغير جو علائقو پهريان آفريقا سان ڳنڍيل هو. جڏهن زمين ٺڏي ٿي ته گونڊوانا لينڊ جو جزيرو گم ٿي ويو ۾ اهو سمنڊ ۾ ٻڏي وڃي ايشيا سان ٽڪريو، جنهن جي نتيجي ۾ قراقرم جبل وجود ۾ آيا.

جنهن وقت سنڌ ٽيٿيا سمنڊ (Tethys Sea) هيٺ هئي، ته ان وقت سنڌ ڌرتيءَ جي پيدائش ٿيڻ لڳي ۾ اهڙي طرح سنڌ ڌرتي جو موجوده وجود اڄ کان اٽڪل 100 ڪروڙ سال اڳ ٽيٿس سمنڊ جي اندران ميداني علائقي ۾ پهاڙي سلسلي اڀرڻ جي ڪري ٿيو. ماهرن جي چوڻ موجب ان دؤر ۾ هماليه جبل طرف اهڙا ته زلزلا آيا جو ڌرتي مٿي چڙهي آئي ۾ سمنڊ گهٽو پوئتي هٽي ويو. ان ڪري ئي پروفيسر ماٽڪ پٽاوالا سنڌ ڌرتي کي سمنڊ مان جنم ورتل ڌرتي ڪوٺيو. (9) سنڌ ڌرتي جو پهريون ته جنهن کي ماهر پري ڪيمبرين ڪوٺين ٿا، سو اڄ کان اٽڪل 3 ارب سال اڳ ٺهيو. ان بعد جبل، ٽڪر، پوٺا ۾ ميدان ٺهڻ شروع ٿيا. جن جون ماهرن عمريون مقرر ڪيون آهن. سنڌ ۾ کير ٿر کان دادو ۾ اڳتي بلوچستان طرف جيڪي پهاڙي سلسلو آهي، سو هماليه پهاڙي سلسلي کان به اڳ وجود ۾ آيو ۾ اهڙي طرح هن ڌرتي تي سڀ کان پهريان جيڪي پهاڙي سلسلا وجود ۾ آيا، انهن ۾ ڪارونجهر ۾ کيرٿر وارا سلسلا پڻ شامل آهن. جيالاجي جي ماهرن موجب ننگر پارڪر جون ٽڪريون سادا 3 ارب سال اڳ جون جڙيل آهن. اهڙي طرح رني ڪوٽ جو جابلو سلسلو 6 ڪروڙ سال اڳ جو جڙيل آهي.

پــه ابتدائي لــک ســال اڳ ســمنڊ هــتي وجي موجـوده کــراچي واري سـطح وٽ بيٺـو ۽ سـنڌوءَ جي ميدان مان سـنڌوندي وهڻ شـروع ٿي. ان بعـد وري موسـمي تبـديليون ٿيـون ۽ سـمنڊ جي سـطح ايرڻ شروع ٿي وئي ۽ اهو اپار جو سلسلو هڪ لک سال کان 50 هزار سال اڳ تـائين رهيـو. سـنڌ جي زمين تي پيهر سمنڊ چڙهائي شروع ڪئي ۽ ســمنڊ جو پاڻي ڪراچيءَ واري سـطح کـان مـٿي چڙهنـدو آيو، تان جو موجوده سنڌ صـوبو پـوري طـرح پـاڻي هيٺ اچي ويو ۽ سـمنڊ جـو پـاڻي ملتـان جي حـدن سان ٽڪـرائجڻ لڳـو. ان وقت ڪـراچي ۽ حيـدرآباد وارا لاڙ جا ٽڪــر سـمنڊ جي پـاڻي هيٺ ٻـڏل هئـا ۽ شاهبندر، ٺٽي، جهرڪن واريـون ٽڪريـون، ڪــوٽڙي وارو سـورجاڻو جبـل، حيـدرآباد وارو گنجـو ٽڪــر ۽ رني ڪــوٽ واريــون ٽڪريـون آسـپاس پـاڻي هجڻ ڪــري ٻيٽن وانگــر نظـر اچڻ لڳيـون. (10) ان بعـد وري سـمنڊ جي پـاڻي هيٺ لهڻ شـروع ڪيـو تـه 5 هزار سال ق – م ۾ اهو وڃي بدين ۽ سـاڪري وٽ پهتو. ان وقت ڪڇ جي رڻ ۽ ٽرطرف اجان به ڪي صديون ساندهه سـمنڊ چوليـون هڻنـدو رهيـو. (11) جيڪي حصا گهٽو پوءِ سمنڊ جي پاڻيءَ آجا ڪيا.

ڪروڙين سالن کان پوءِ سـنڌو مـاٿر جي هي هزارين ميل ڊگهي ۽ ويڪري ايراضي جيڪـا سـمنڊ مان نڪري نروار ٿي سا طبعي طرح ٽن اهم حصن ۾ ورهايل آهي.

(1) پهـاڙي ديـوار (Mountain Wall)۔ (2) مٿانهون پٽ يا پوٺـو (The Plateau)۔ (3) سـنڌوءَ جو ميدان (Indus Plain).

هـاڻ اسـان سـنڌو مـاٿر جي ”سـنڌوءَ واري ميـدان“ جـو ذڪــر ڪنداسـين. جاگرافيـائي طـرح

سنئين سـڌي زمين کي ميـدان (Plain) چئبـو آهي. ان ميدان واري زمين سـمنڊ جي سـطح کـان گهڻـو مٿي نـه هونـدي آهي ۽ ان جي اوچـائي 600 فـوٽ کان به گهٽ هوندي آهي. اها زمين پوک لائق ٿيندي آهي.

سنڌوءَ جو ميدان اٽڪ، اراولي جبـل ۽ ڪـيرٿر جبـــل جي وچ ۾ آهي. هن ميــــدان جي اولهـــه ۾ ســليمان جبــل، اتــر ۾ پوٺــار جــو پوٺــو ۽ اوڀــر ۾ راجپوتانه جو رڻ پٽ اٿس. جتي جهلم ۽ چناب ندي اچي پـاڻ ۾ ملن ٿيـون، اتـان ”سـنڌوءَ جـو ميـدان“ شروع ٿئي ٿو. هن ميدان جي پئدائش اڄ کان 2 لک ســال اڳ پلائيسٽوســين دور کــان هيــل تــائين (Recent) جي دور جي ڄاڻائي وئي آهي.

سنڌوءَ جـو ميـدان وري ٻن حصـن ۾ ورهايـل آهي. هڪ مٿيون ميدان ۽ ٻيو هيٺيون ميدان. سنڌوءَ جو مٿانهون ميدان (Upper Indus Plain) لوٽاني جبـــل جي ڏکڻ ۾ آهي. هيءُ ميـــدان ڪيـــترن ئي دريــاهي دوآبن ۾ ورچيــل آهي. اهي دوآبــا ڪجهــه هيءُ آهن: (1) راوي ۽ چنـــاب نـــدي جي وچ وارو دوآبو ”رچنا دوب“ (2) جهلم ۽ چنـاب نـدي جي وچ ۾ ”چاج دوب“ (3) جهلم، چناب ۽ سـنڌو نـدي جي وچ ۾ تمــام وڏو دوآبــو آهي، جيڪــو ”سـنڌ سـاگر دوب“ ســڏبو آهي. ســنڌوءَ جي هيٺـــين ميــدان ۾ ريگستان به اچي وڃي ٿو. هن مـان اڳ ٻـه درياهـه هڪ سـنڌو درياهـه (ٻن ڪئنـالن ۾) ٻيـو هـاڪڙو (واهنــدو) گذرنــدا هئــا. هن وقت هن جي وچ مــان صرف هڪ سنڌو درياهه وهي ٿو.

ســنڌوءَ جي ميــدان کي تشــڪيل ڏيڻ ۾ وڏو هٿ سنڌو نـديءَ جـو آهي. جيڪـا سـندس وچ مـان سينڌ وانگر وهي ٿي. ارضياتي ماهرن جو چوڻ آهي

ته جنهن وقت سڄي سنڌو مــاتر ســمنڊ جي پيٽ ۾ هئي، ان وقت به ان جي وچ مان سنڌو ندي وهندي هئي ۽ جيئن جيئن ســمنڊ ســنڌوءَ جــو ميــدان ڇــڏڻ شروع ڪيــو تــه ســنڌو نــديءَ ان کي ســئنين ســڌي ميدان جي شڪل ڏيڻ شــروع ڪــئي ۽ ســنڌوءَ جي لوڙهي آندل لٽ سان زمين مٿان سـمنڊ جــو ڇــڏيل تاثير ختم ٿيندو رهيو ۽ سنڌوءَ جا ميدان هڪ زرخيز ڇيڪي اُپٽ واري مــٽيءَ ســان مالامــال بنجڻ لڳــا. جيئن لئمبرڪ چوي ٿو ته، ”سنڌو نــدي جي لــوڙهي آنــدل لٽ، جنهن کي گــرمي، پــاڻي ۽ ســاوڪ جي تاثير سڌاري سنواري هڪ سئنين سڌي ميــدان جي شڪــل ۾ مــاٽري جي ڇــيڙن تــائين پٿــاري ڇــڏيو.“ (12)

يقينن سنڌوءَ جي ميدان تي وقت بوقت ايندڙ طوفانن ۽ برساتين واري پئي پکيڙي ۽ وهندڙ نــدين جي رڳُ زمين مٿان چادر چاڙهڻ شروع ڪئي. جنهن ڪــري ســنڌوءَ جي ميــدان واري زمين وئي مــٿي ٿيندي.

اڄ به سمنڊ ڌرتي جا جيڪي حصا ڇڏي رهيــو آهي، انهن کي آباديءَ لائق ۽ زرخيز سنڌوءَ جــو لٽ بڻائي رهيو آهي ۽ ســنڌوندي جــو لــوڙهي آنــدل لٽ جڏهن سمنڊ ۾ پئجندو رهي ٿــو تــه اهي حصــا خــود بخــود مــٿي ٿينــدا وڃن ٿــا ۽ ســاموندي پــاڻي پوئــتي هٽندو وڃي ٿو. جتي سنڌو ڇوڙڪري ٿي، اهو حصــو مٿي پوڻ ڪري مستقل مٿي ايرندو ۽ خشڪ ٿينــدو رهي ٿو.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون


1. http://www.bbc.com/urdu/science/2016/02/160202_earth_theia_headon_collision_zs

   01 February 2016,

   Kayleigh Lewis, Earth made up of two planets after 'violent collision' with Theia 4.5bn years ago, UCLA scientists discover, 2 February 2016, http://www.independent.co.uk/news/science/earth-made-up-of-two-

planets-after-violent-collision-with-theia-45-billon-years-ago-ucla-scientists-a6846071.html

The research was funded by NASA, the Deep Carbon Observatory and a European Research Council advanced grant (ACCRETE)

BRANDON RUSSELL, Violent head-on collision between Theia and Earth formed our moon, JANUARY 30, 2016,

HTTP://WWW.TECHNOBUFFALO.COM/2016/01/30/VIOLENT-HEAD-ON-COLLISION-BETWEEN-THEIA-AND-EARTH-FORMED-OUR-MOON/

2. هيءُ خيال آمريڪا جي ”انيورونمينٽل سائنس سروس ايڊمنسٽريشن“ جي سائنسدانن پيش ڪيو آهي.

The U. S. Environmental Science Services Administration (ESSA)

3. هيءُ خيال والٽرا اسپرول □ ڊاڪٽر رابرٽ ڊينر سائنسدانن جي گروهه پيش ڪيو آهي.

Refrence: http://www.dailymail.co.uk/sciencetech/article-2411158/350m-year-old-scorpion-fossil-Gondwana-

supercontinents-oldest-known-land-animal.html

4. Bland Ford, H.F, “Quarterly Journal of the Geological Society” Vol: xxx (1875) P-534

5. Raverty, H.G, “The Mehran of Sindh and its tributaries” P- 317, 468-90

6. اهڙو انڪشاف تازو مشي گن يونيورسٽيءَ جي ماهرن جي هڪ ٽولي ڪيو آهي ۽ ان انڪشاف جي تصديق پروفيسر فلپ ڊي گرگرش جي زير قيادت آمريڪا، پاڪستان ۽ فرانس جي قديم آثارن جي ماهرن ڪئي آهي.

The Tethys Ocean (Greek: Τηθύς) was an ocean that existed between the continents of Gondwana and Laurasia during much of the Mesozoic era, before the opening of the Indian and Atlantic oceans during the Cretaceous period. It is also referred to as the Tethys Sea or Neotethys.

Refrence: Greg Laden, The Amazing and Compelling Story of the Tethys Sea, December 17, 2012, http://scienceblogs.com/gregladen/

2012/12/17/the-amazing-and-compelling-story-of-the-tethys-sea/

7. بلنــڊن، گــاڊ فــري”آســٽريليا-ســرزمين  باشندا“ ص- 13

8. Panhwar, M.H, “Chronological Dictionary of Sindh: P-4

وڌيڪ معلومــات لاءِ ڏســو ڊاڪــٽر ســڪندر مغل، ”ارتقا جي ڪهاڻي“ حيــدرآباد، 1985ع ص- 117

9. Pithawala, M.B, “Marvels of Earth” P-51

وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو Pithawala, M.B, “Historical Geography of Sindh”

10. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچنـد، ”قـديم سـنڌ“ ص- 55

11. Raverty, H.G, “The Mehran of Sindh and its tributaries” P- 314, 468

12. لئمبرڪ، ايڇ ٽي، ”تاريخ سنڌ“ جلد 1، ”سـنڌ هڪ عام جائزو“ ص- 1،2

# سنڌ ڌرتي جي جوڙجڪ، زندگي ۽ تهذيب جو تاريخ وار چارٽ

| سن | واقعو | زندگي جا آثار |
|---|---|---|
| ساڍا 4 ارب سال اڳ | سنڌ ڌرتي جو وجود | زندگي جو ڪو به آثار نه هو |
| 4 ڪروڙ 80 لک سال اڳ | رني ڪوٽ جابلو سسلسلي جو جڙڻ | وڻ ٽڻ، گاهه، جيت، مڇيون |
| 4 ڪروڙ 70 لک سال اڳ | لکي ۽ جهمپير وارين ٽڪرين جو جڙڻ | وڻ ٽڻ، گاهه، جيت، مڇيون |
| 3 ڪروڙ 60 لک سال اڳ | کيرٿر جابلو سلسلي جو جڙڻ | وڻ ٽڻ، گاهه، جيت، مڇيون |
| 2 ڪروڙ 70 لک سال اڳ | ناري وارين ٽڪرين جو جڙڻ | وڻ ٽڻ، گاهه، جيت، مڇيون |
| 1 ڪروڙ 85 لک سال اڳ | گاج جابلو سلسلي جو جڙڻ | وڻ ٽڻ، گاهه، جيت، مڇيون، انسان جي حيواني نسل کان علحدگي |
| هڪ | راما پٿيڪس انسان | انسان جي |

| ڪروڙ 50 لک سال اڳ | جو جنم | ابتدائي شڪل |
|---|---|---|
| 70 لک سال | سواپٿيڪس (Sawapithecus) انسان جو جنم | انسان جي ڪجهه سڌريل شڪل |
| 20 لک سال اڳ | راوت ۾ اوائلي انسان جون ثابتيون | پراڻي پٿر دور جي اوزارن جو استعمال |
| 20 لک سال اڳ | منڇر جابلو سلسلي جو جڙڻ | انسان، جانور، پکي، وڻ، ٻوٽا |
| 5 لک سال اڳ | لوٽي ندي ننگر پارڪر ۾ انسان جي رهائش | پراڻي پٿر دور جي انسانن جا اوزار هٿ آيا، ٻولي جي تخليق |
| 50 هزار سال اڳ | روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ انسان جي رهائش | پراڻي پٿر دور جي انسانن جا اوزار هٿ آيا، پکين ۽ جانورن جو شڪار، باهه جي دريافت ۽ ٻولي جي تخليق |
| 15 هزار سال اڳ | روهڙي، ڪراچي، حيدرآباد ۽ منڇر ڍنڍ وارن علائقن ۾ انسان جي رهائش | وچين پٿر دور جي انسانن جا اوزار هٿ آيا، جانور پالڻ ۽ زمين کيڙڻ |
| 8 هزار | ڳوناٺيون زرعي | نئين پٿر دور ۾ |

| | | |
|---|---|---|
| سال اڳ | ثقافتون قائم ٿيڻ، ڪڪاوون گهر ناهڻ جي شروعات | زرعي سماج جو بنياد، اوائلي گهرن جي اڏاوات |
| 7 هزار 500 سال اڳ | مهر ڳڙهه ۽ ڪکاوان گهر ناهڻ ۽ ڳوٺ ٻڌڻ ۽ پوکي راهي | استعمال جا ٽانون، ڪٽڪ، جون ۽ ڪپهه جون پوکون |
| 4200 ق م | ڪڙي گل محمد ۽ سرن ۽ پٿرن سان گهرن جي اڏاوات | سرن ۽ پٿرن سان گهرن جي اڏاوات، |
| 4000 ق - م | اٽڪل 4000 ق - م ڏاري سنڌ ۽ ڪنيارڪي چڪ جو بنياد پيو | ڪلي گل محمد ۽ مڊيگڪ ۽ ٽانون چڪ تي ٺهيل مليا |
| 4000 ق - م | ذات ڳولهي لڌي وئي | ٽامي مان اوزار ۽ هار سينگار جون شيون ٺهڻ لڳيون |
| 3500 ق م کان پوءِ | وڏن شهرن جي اڏاوت | موهن جو دڙو، هڙاپا، چانهون جو دڙو |
| 1500 ق م تائين | عروج تي پهتل شهري تمدن جو پوئتي پوڻ | سوڪهڙي، ڏڪار ۽ ٻوڏن سبب شهر ڦٽڻ لڳا ۽ لڏپلاڻ ٿي |
| 1450 ق م کان پوءِ | سنڌو ماٿري ۽ جهڪر ۽ جهانگار تمدن جي شروعات | ڦٽي ويل شهرن کي جهڪر ڪلچر جي ماڻهن اچي |

| | | |
|---|---|---|
| آباد ڪيو | | |

# تهذيبي ۽ سياسي جاگرافي

هن ديس ڪي ”سنڌ“ نالو هتان جي آڳاٽن رهاڪن سنڌو نديءَ تان ڏنو. جنهن جي معنيٰ آهي سمنڊ يا وڏي درياهه وارو ملڪ. يا اهو وهڪرو جيڪي سدائين پيو وهي. جيئن ته خود سنڌ ڌرتي سمنڊ مان جنم ورتو ۽ هن ندي هتان جي برپٽن کي سرسبز ۽ شاد آباد ڪيو ۽ هتان جي رهواسين جي تمدني تشڪيل ڪئي. ان ڪري هتان جي آڳاٽن رهاڪن، هن ديس جو وڏي درياهه جي نسبت سان نالو ئي سنڌ رکيو. جيڪو اڄ ڪان ڏهاڪو هزار ورهيه پراڻو آهي. هن ديس کي اهو نالو هتي رهندڙ مقامي ماڻهن سنڌو ندي جي نسبت سان ڏنو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي نالي بابت ڪجهه هن طرح وضاحت ڪئي آهي: ”بمبئي جي پارت وگياني (Indologist) پادري هيرس جي سند موجب، سنڌو نديءَ کي اهو نالو آڳاٽن رهاڪن سنڌين ڏنو. جن جي ٻولي ۾ سند-سنڌو لفظ جي معنيٰ هئي ندي يا درياهه ... جنهن جي پٽيان ساري ملڪ تي جنهن مان ندي وهي ٿي، سنڌ نالو پئجي ويو. پوءِ اهو نالو ايراني واپارين ”سنڌ“ مان ڦيرائي ”هند“ ڪيو. جنهن مان هاڻوڪو

هندستان ٿيو آهي ... تنهن کان پوءِ رومي واپارين ان کي وڏيڪ ڦيرائي ”انڊ“ ڪيو. جنهن مان هاڻوڪو انڊيا بڻيو آهي. جو به ڏيهي نالو آهي ۽ نه يورپي ... هندستان تي ڀارت نالو گهڻو پوءِ پيو، جڏهن راجا دشيت ۽ شڪنتلا جو پٽ ڀرت راڄ ڪندو هو. تنهن ڪري ڏسبو ته سچي ملڪ ”هندستان“ کي نالو ئي سنڌو نديءَ ۽ سنڌ مان مليو آهي“ (1)

هؤن به سنڌ ۽ سنڌو هڪ ئي وجود جو نالو آهي. سنڌؤَ کان سواءِ سنڌ ڪا به معنى نه ٿي رکي. هن ديس تان سنڌ جو نالو مٽايو يا بدلايو وڃي ته اهو پاڻ سان دوکو ۽ فريب چئبو. ڇو جو بقول لئمبرڪ جي ته، ”اهو بلڪل سونهين ٿو ته هن سرزمين جو نالو سنڌو ندي جي نالي سان منسوب هجي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ نديءَ ئي ڪيس جنم ڏنو آهي ۽ سندس پرورش ڪئي آهي. هي سڄو خطو جيڪو ڪيترا سو ميل ڊگهو ۽ ويڪرو آهي. تنهن جو ذرو ذرو ۾ هر تهه سنڌو ندي تشڪيل ڏنو آهي.“ (2)

هن ڪتاب ۾ سنڌو سڀيتا جي ذڪر ٿيندڙ دور (اوائل کان 1500 ق-م) ۾ سنڌو رياست جون جاگرافيائي حدون ڪجهه هن ريت هيون:

## سنڌو رياست:

جنهن وقت سمنڊ سنڌ جي ڌرتيءَ کان پري هٽي ويو ۽ زمين ظاهر ٿي. ان وقت سنڌ اندر جيڪا تهذيب اُسري، اها جاگرافيائي طور مڙني ايشيائي تهذيبن کان وسيع ايراضيءَ ۾ اٽڪل 5 لک

چورس ميلن تائين پکڙيل هـئي. ان جـو ڦهلاءُ روس جي سرحدن تائين وڃي پهتو هـو. (3) سـنڌو سـڀيتا جو علائقو پکيڙ ۽ بابل کان چؤڻو ۽ مصـر کـان ٻيڻـو هو. (4)

سنڌو سڀيتا جي ايراضيءَ ۾ موجوده سمورو پاڪسـتان (خيـبر پختـون خواهه صـوبي جي جـابلو علائقي ۽ آزاد ڪشـمير کـان سـواءِ)، هندسـتاني پنجاب، اولهه يو پي، هريانا، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مهاراشٽر ۽ افغانستان جو ڪجهه حصو شامل هئـا. (5) ان وقت سنڌو رياست امڪاني پنجن صـوبن ۾ ورهايل هوندي هـئي. جنهن جـو مرڪـز مـوهن جـو دڙو هونـدو هـو ۽ موجـوده سـنڌ، مرڪـزي صـوبو هوندو هو. هڪ صـوبو، موجـوده بلوچسـتان هونـدو هو، جيڪو اولهائون صوبو سڏبو هو ۽ ان جو گاديءَ جو هنڌ يا مرڪزي شهر دمب سادات هو. اتـر وارو صـوبو موجـوده پاڪسـتاني پنجـاب ۽ ڪجهـه خيـبر پختون خواهـه صـوبي جي حصـن تي مشـتمل هـو. جنهن جو مرڪزي شهر هڙاپا هو. اوڀـر وارو صـوبو ڀارتي پنجاب ۽ ڪجهه پـر وارن حصـن تي مشـتمل هوندو هو، جنهن جو مرڪزي شهر ڪالي بنگن هـو. جڏهن ته ڏکڻ وارو صوبو ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجـرات جي حصن تي مشتمل هو. جنهن جو مرڪزي شـهر لوٿل هو. (6)

سـنڌو سـڀيتا جي مـٿي ڄاڻايـل تهـذيبي ۽ سياسي سرحدن مان ڪيترائي درياهه وهندا هئـا ۽ آهن. جن ۾ مکيه سـنڌو نـدي آهي. سـنڌو رياسـت جي اتر واري صوبي مـان سـنڌو نـدي، جهلم نـدي، راوي ندي، بياس ندي ۽ ستلج نـدي وهنـديون آهن. جڏهن ته مرڪزي صوبي موجـوده سـنڌ مـان تنهن وقت سنڌو ندي کان سواءِ هاڪڙو نـدي پڻ وهنـدي

هـئي. جيڪـا بعـد ۾ 1226ع ڌاري سـڪي بنـد ٿي وئي. ٻـئي طـرف بـاقي ٻين ٽن صـوبن مـان پڻ ڪيترين ئي ندين ۾ برساتي نالا وهندا هئا ۽ آهن.

پر هتي اسان صرف سـنڌو نـديءَ ۽ هـاڪڙو درياهـه جي ان وقت جي وهڪـرن بـابت ذڪـر ڪريون ٿا.

## 1. سنڌوندي:

سنڌو ندي، جيڪا 1800 ميل ڊگهي آهي، سا هماليه جبل جي سنگي ڪباب جي برفاني ڌارا مان نڪـري ٿي، سـنگي ڪبـاب تـبيت ۾ آهي. سـنگي ڪباب مانسرور ڍنڍ کان 30 ميل پـري آهي. سـنڌو ندي والاريل ڪشمير مان ٿيندي آزاد ڪشمير، خيبر پختون خواهه، پنجاب لتاڙيندي، اتان جي ڇئن نـدين جون پاڻي پاڻ منجهه سـمائيندي، سـنڌ ۾ ڪشـمور وٽـان داخـل ٿـئي ٿي. بعـد ۾ موجـوده سـنڌ کي سرسـبز ۽ آبـاد ڪنـدي وڃي عـربي سـمنڊ ۾ ڇـوڙ ڪري ٿي. سنڌو سڀيتا جي مٿي ڄاڻايل تهـذيبي دؤر ۾ موجوده سنڌ ۾ سـنڌو نـدي ٻن حصـن ۾ وهنـدي هئي. ان جي اولهه واري شاخ ليمون جوڻيجي کـان اولهه طرف وهندي لوهم جـو دڙي، لـوهري، آمـري جي پرسـان لنگهنـدي، حيـدرآباد وٽـان ٿينـدي وڃي سـمنڊ ۾ پونـدي هـئي. هـاڪڙو کي سـنڌوندي مـان پاڻي ٻن هنڌن تـان ملنـدو هـو. هڪ ڪشـمور واري شاخ ۾ ٻيو سکر واري شاخ مان.

## 2. هاڪڙوندي:

هاڪڙو درياهه، جيڪو هن وقت سڪي چڪو آهي. ان کي مختلف علائقن  مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي. جيئن: گهاگهر، سرسوتي، نالاشڪر وغيره  سنڌ  ان کي ريٽي، واهندو، نارو پڻ سڏيو ويندو آهي. اهو سوالڪ جابلو سلسلي مان نڪرندو هو  ان  جمنا ندي  ستلج ندي سميت سنڌو ندي پنهنجي پاٽي جو ڪجهه حصو داخل ڪنديون هيون. هاڪڙو درياهه جڏهن سنڌ جي موجوده سرحدن  داخل ٿيندو هو ته ان وقت سندس اوڀارين ڪپ تي ونجٽوٽ  ان ڪان پرتي اولهاين ڪپ تي ڏمپ بني  آخري چيڙي تي سمنڊ  داخل ٿيڻ وقت نهٽو اولهاين ڪپ تي هوندو هو. ان دؤر  ڪڇ جو رڻ پنهنجي موجوده شڪل  نه هوندو هو، پر اتي سمنڊ چوليون هٽندو هو  رڻ ڪڇ هڪ ساموندي نار هيو. (7) جنهن  هاڪڙو درياهه  اراولي ٽڪرين مان نڪرندڙ لوٽي ندي موجوده ننگر پارڪر وٽ چوڙ ڪنديون هيون. هاڪڙو ندي، جيڪا 1226ع ڌاري سڪي وئي، سا قديم زماني  گجرات  سوراشٽر مان لنگهي بهاولپور  ٿر کي سر سبز ڪندي هئي. ان جي وهڪري بند ٿي وڃڻ سبب سنڌ جي ٿر پارڪر وارو علائقو رڻ پٽ  تبديل ٿي ويو آهي. (8)

سنڌو ماٿري جو هيٺيون پٽ هن وقت جنهن حالت  آهي، اهو 5 هزار سال اڳ ان حالت  نه هيو. هن وقت سنڌو ماٿري جو هيٺيون پٽ برپٽ  بيابان جي صورت  نظر اچي رهيو آهي، پر 3 هزار سال ق م  هن پٽ مان مختلف نديون  انهن جا وهڪرا گذرندا هئا. جنهن سبب هي پٽ سائو ستابو  ٻيلن سان ڇهڇ هيو. مختلف جانور

جهجهي تعداد ۾ رهائش پذير هئا. ذرخيز زمين هجڻ سبب زرعي فصل ٿيندا هئا. هن پٽ مان گذرندڙ ندي گهاگهر هاڪڙو سميت ٻين برساتي ندين جي ڪنارن تي شهر ۽ وسنديون آباد هيون. جنهن جا وڏي انگ ۾ آثار مليا آهن. هاڪڙو ندي سڪي وڃڻ سبب هي پٽ رڻ پٽ ۾ تبديل ٿي ويو. انسانن توڙي جانورن جي رهائش موافق نه رهيو. هن ندي جي ڪناري تي آباد شهر ۽ وسنديون ڦٽي ويون.

## موسم:

سنڌو ماٿري قديم دؤر ۾ چوماسي وارين هوائن ۽ برساتن جي دائري اندر هئي. ڏکڻ الهندي واريون هوائون اونهاري ۾ چوماسو آڻينديون هيون ۽ سياري ۾ اتر قطب جون هوائون وچ ايشيا واري ميدان کان مينهن آڻينديون هيون. (9) سنڌو ماٿري ۾ 1750 ق م کان آبهوا ۾ تبديلي اچڻ لڳي ۽ آبهوا خشڪ ٿيڻ لڳي ته برساتون پوڻ گهٽجي ويون، جنهن سبب درياهن جي وهڪرن ۾ لاٿ اچڻ لڳي، برساتي وهڪرا خاص ڪري هاڪڙو درياهه جنهن جي وهڪري جو گهڻو دارومدار برساتن تي هو، آهستي آهستي بند ٿي ويو.

## آبهوا

9000 ق-م کان اڳ آبهوا تمام خشڪ هئي.

9000 – 8500 ق-م آبهوا گهٽي خشڪ مان ڦري گهٽ گهميل ٿيڻ شروع ٿي.

8500 – 7500 ق-م وچولي گهميل

7500 – 3000 ق-م وچولي گهميل

3000 – 1750 ق-م تمام گهٽي گهميل آبهوا

1750 --- 900 ق م بلڪل سوڪ آبهوا (برسات  وڏي پئماني تي گهٽتائي)

سنڌ اندر ان دؤر  پنـدرنهن کـان ويهن انچن تائين برسات پوندي هئي. بهـار جي موسـم  جبلن تي برف ڳرڻ ڪري سـنڌو نـدي  هـاڪڙو  پـاڻي وڌندو هو تـه وڏيـون ٻوڏيـون ايـنـديون هيـون. جنهن ڪـري نهـايت شـاد آبـاد وسـتيون  واهڻ نـاس ٿي ويندا هئا.

جـڏهن سـمنڊ سـنڌو مـاٿر مـان پوئـتي هٽڻ شروع ٿيو ته سنڌو ندي  هاڪڙو درياهـه جي ٻنهي ڪنارن تي گهاٽا ٻيلا اڀري آيا. سـنڌو جي لٽ ذريعي زرخيز ٿيل زمينون وٽن، ٻوٽن  گاهن سان سـايون ڇهڇ ٿي پيون. جن  هاٿي، گينڊا، هرڻ  ٻيا چوپايـا جـانور  پکي پکڻ رهڻ لڳـا. سـنڌو جـا گهاٽـا ٻيلا شڪاري قبيلن جي زنـدگي گهـارڻ لاءِ جـانورن جي شڪل  کين خوراڪ ميسر ڪري ڏيڻ لڳا.

سنڌو سڀيتا جا وارث هتي وهندڙ دريـاهن کي هڪ ٻـئي وٽ اچ وڃ  رابطن لاءِ اسـتعمال ڪـرڻ لڳا. جنهن وقت اڃا سواري لاءِ جانورن جو رواج نه پيو هو، ان وقت درياهي وهڪرا سفري سهولتن لاءِ بهترين ذريعا هئا. هتان جا رهواسـي ننـڍن ٻـيڙين  ڊونڊن ذريعي هڪ شهر يا ڳوٺ کان ٻئي هنڌ تـائين سفر ڪرڻ لڳا. ان لاءِ خـاص ڪـري سـنڌو نـدي 

هاڪڙو درياهه سندن بهترين ساٿي ثابت ٿيا. جڏهن سندو ماتري ۾ 1750 ق م کان آبهوا ۾ تبديلي اچڻ لڳي ۾ آبهوا خشڪ ٿيڻ لڳي ته برساتون پوڻ گهٽجي ويون، (10) جنهن سبب درياهن جي وهڪرن ۾ لاٿ اچڻ لڳي، برساتي وهڪرا خاص ڪري هاڪڙو درياهه جنهن جي وهڪري جو گهڻو دارومدار برساتن تي هو، آهستي آهستي بند ٿي ويو. جنهن ڪري هاڪڙي درياهه جي ڪنارن تي آباد شهر ۾ وسنديون پاڻي کوٽ سبب ويران ٿيڻ لڳيون. فصل گهٽجي ويا، ماڻهن آهستي آهستي زرخيز پٽن طرف لڏپلاڻ شروع ڪئي. سندو ماتري ۾ سوڪهڙي جو اهو دور سادا 8 سو سال جاري رهيو. جنهن هن پري پاڳي ماتري کي ذڪر جي وڪڙ ۾ آٽي چڏيو. اوج تي پهتل سندو سپيتا آهستي آهستي ڊرڪڻ لڳي. جنهن کي ڪجهه آرڪيالاجي ماهر سندو سپيتا جو زوال قرار ڏين ٿا.



## حوالا ۾ سمجهاڻيون


1. ملڪاڻي، منگهارام، ”ساهتڪارن جون سمرتيون“، ص- 10-11

2. Lambrick, H.T, “Sindh – A General Introduction” Ch: 1.

3. Mughal, M.R, “New Research on the origins of the Indus Civilization” Sindh Quarterly – 1981 – 3, P-45

4. صــديقي، محمــد ادريس، ”ســنڌو مــاٿر جي سپيتا“ ص – 195-196

5. پنهور، ايم ايچ، ”سنڌ جي تاريخ ۾ آثار قديمــه تي تحقيـــق ۾ اشـــاعت“ ٹمـــاهي مهـــراڻ، 1984- 2، ص-171

6. Panhwar, M.H, “Sindh Cutch Relations” Karachi – 1980, P-4

7. Panhwar, M.H, “Sindh Cutch R elations” P-2-3

8. سمراٹ، گنگارام، ”سنڌو سؤوير“ ص-98

يا ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ”هاڪڙو درياهه“، اٿــا مينهن ملـــير، ميرپورخـــاص-1975 ص-102-103

9. Minchin, C.F “Baluchistan Distt: Gazetteer” Vol: VII

1907, PP-52-53

10. پنهـــور، ايم ايچ، ســـنڌ جي ريجـــاٽي تـــاريخ (سنڌي ايڊيشن)، ڪراچي، 2013ع

# سنڌو ماٿر ۾ اوائلي انساني آباديون

اڄ کــان کـــروڙين ســـال اڳ زنـــدگيءَ جي شروعات سمنڊ جي پاڻيءَ ۽ ٿي. ماهرن جي چــوڻ موجب جـڏهن ڌرتيءَ ٺـرڻ شـروع کيـو تـه ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي جبـل ۽ ٽڪـر ظـاهر ٿيڻ لڳـا. انهن جي ارتقائي سلسلن وارن ڏينهن ۾ اڄ کــان 4 ارب ورهيه اڳ دنيا جي گرم سـمنڊن ۾ ”زندهـه شـيءَ“ تخليق ٿي، جنهن کي ماهر اميبا (Ameba) کـوٺن ٿا. ان اميبـا مـان ئي مختلـف قسـمن جـا حيوانـات سمنڊن جي تهن ۾ جنم وٺڻ لڳا. مـاهرن جي چـوڻ موجب انهن نباتـات ۽ حيوانـات جي اوائلي قســمن مان اڄ کان کــروڙين ورهيــه اڳ ســمنڊن جي تهن اندر بنا ڪرنگهي وارا جانور (مڇيـون، سـپون ۽ پيـا جيت) وجــود وٺڻ لڳـــا. انهن مـــان اڳــتي هلي 35 کــروڙ ورهيــه اڳ کــرنگهي وارا جــانور (مڇي ۽ ڏيڏر) تخليق ٿيا. اهـو سڄو ارتقـائي سلسـلو اڃـان سمنڊ جي پاڻي اندر موجود هيو. جـانورن ۽ نباتـات ۾ اها مرحليوار ارتقا جاري هئي. اڄ کان 14 ڪروڙ ورهيه اڳ سامونڊي جـانورن جـا کي خـاص قسـم ارتقا ڪري، انهيءَ لائق بڻيا جـو هـو سـکيءَ تـوڙي پاڻيءَ ۾ زندگي گذاري سگهن. جڏهن ان قسـم جـا جانور سمنڊ اندر وجود وٺڻ لڳا ته هو پنهنجي کاڌي خـــوراڪ جي حاصــلات لاءِ ســمنڊ ڇــڏي آهســتي آهســتي خشــکيءَ ڏانهن وڌڻ لڳــا. خشــکيءَ تي شروعات ۾ زندگي انهن جاين تي شـروع ٿي، جـتي ڌٻڻ موجود هـئي. انهن خشـکيءَ تي آيـل جـانورن مان اڳتي هلي رڙهندڙ جانورن جي قســمن (نانـگ، ڪمي) وجود ورتو. ڪافي عرصي کان پوءِ پکي پئدا ٿيا. ننـڍن تـوڙي وڏن جـانورن جي مختلـف قسـمن مان کير پياڪ (مماليه) قسم جي جانورن جهڙوڪ: گهوڙي، هـاٿي، اُٺ، شـينهن، هـرڻ ۽ بانـدر پنهنجـو وجود ورتو. اهي ٿڃ پيارينڌڙ جانور 8 کــروڙ ورهيــه

اڳ تـائين وجـود وٺي چڪـا هئـا  پنهنجي مرڪـزي گروپن مان شاخن جي صورت  ارتقا ڪـري رهيـا هئا. ان وقت تـائين انسـان جهـڙي ڪنهن بـه قسـم جي ساهواري جو هن ڌرتيءَ تي ڪو به وجـود ڪـو نه هيو. ان بعد 5 ڪروڙ سال اڳ پولڙن سان ملندڙ جلندڙ نسل جي جانورن مان هڪ مخصـوص قسـم جي جنس پنهنجـــو وجـــود وٺي رهي هـــئي  ان  انسـاني خاصـيتون اڀـري رهيـون هيـون. (1) اهي انســان نمــا جــانور يــا بن مــانس (Anthropoid Apes) ان دور  خشـڪ علائقن  پئـدا ٿيـا. انهن انسان نما بانـدرن مـان 2 ڪـروڙ سـال اڳ انسـان پنهنجي موجـوده شـڪل  صـورت اختيـار ڪـئي. مـاهرن جي چـئي مطـابق انسـان نمـا جـانور کي مڪمل انسان بڻجڻ  هڪ ڪروڙ سـال لڳي ويـا. (2) هيل تـائين انهن انسـان نمـا جـانورن جي وجـود جي شهادت ماهرن کي آفريڪا  اتر هندستان جي مرڪـزي  گرم خطي تي پنهنجو وجود وٺنـدي ملي آهي. (3) ڪافي مـاهر ان ڳالهـه تي متفـق آهن تـه انسان سان ملندڙ جلندڙ بن مانس جـو ڪـو نهـايت اعلى تـــرقي يافتـــه نســـل ڪنهن گـــرم آبهـــوا جي علائقن  آبـاد هيـو. اهـو نسـل ضـرور ڪنهن وڏي براعظم تي موجود رهيو هوندو، جيڪو بعد  هندي وڏي سمنڊ  غرق ٿي ويو. (4) اهـو انسـاني نسـل اڄ ڪالهه جي چمپنزي  گوريلن کان گهڻو مختلـف نه هوندو، جيڪو آفريڪا  هنـد سـنڌ جي علائقن  موجود هيو. هي سڄو عمل يعـني ”حيـواني نسـل“ مان ”انساني نسل“ جي ارتقا ٽئين ارضــياتي دور (Tertiary Age)  ٿيڻ لڳي. (5)

هـاڻي اسـان سـنڌو مـاتر ڏانهن اچـون ٿـا  ڏسنداسـين تـه هـتي انسـاني ارتقـا جـون ڪڙيـون کهڙي طرح دستياب آهن. سنڌ اندر اسان کي اهـو

ارتقا جو سلسلو تهي جبلن توڙي زمين جي تهن مان ترتيبوار ملي ٿو. ڌرتيءَ جي تمام هينانهن تهن مان اسان کي بنا ڪرنگهي وارا جانور ملن ٿا، جيڪي سمنڊ اندر موجود هيا. ان وقت سنڌو ماٿر جي ڌرتي سمنڊ هيٺ هئي. جنهن ڪري سمنڊ ۾ وجود ونندڙ جانور جبلن جي مختلف تهن ۾ پنڊ پهڻ تي ويل ملن ٿا. جنهن ارتقا جي سلسلي وار ڪڙين کي اسان جي آڏو فلم جي ريل جيان ظاهر ڪري بيهاريو آهي. هيٺين تهن کان مٿين تهن ڏانهن ايندي ترتيبوار مڇين جا قسم، ريڙهيون پائيندڙ جانور، ان بعد ٿڻائتا جانور، وري پکي ۽ انهن جي مٿان آدم نما جانورن جا پنڊ پهڻ (Fossils) تي ويل جسم ملن ٿا. جن جون ماهرن عمريون مقرر ڪيون آهن. سنڌ جي تهي جبلن جهڙوڪ ڪڏڙو ۽ پٻ مان ماهرن ساموندي جانورن جا پنڊ پهڻ تي ويل جسم هٿ ڪيا آهن. ڪيرٿر مان پڻ اهڙائي ساموندي جانور پنڊ پهڻ ٿيل مليا آهن. منڇر وارن تهن مان هاٿين، گهوڙن ۽ رهينوسيراز جانورن جا هڏا پنڊ پهڻ تي ويل ملن ٿا. سنڌ اندر مختلف تحقيقاتن رستي جيڪي زندگيءَ جا آثار مليا آهن، انهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اڄ کان 6 ڪروڙ ورهيه اڳ هتي ڪيترائي جيتن جا قسم، ڪرنگهي دار مڇيون، پکين جا مختلف قسم پيدا ٿي چڪا هئا، جڏهن ته کير پياريندڙ جانورن جو وجود هتي اڄ کان ساڍا چار ڪروڙ ورهيه اڳ تائين ملي ٿو. (6)

انساني ارتقا جو عمل باقي دنيا جي پيٽ ۾ سپ کان پهريان ڏکڻ ايشيا ۾ ٿيو. سنڌو ماٿري ۾ انسان ۽ فطرت جي وچ ۾ متمدن زندگي جي لاءِ تمام گهٽي ويڙهه ٿي ۽ انسان فطرت تي قابو پائڻ لاءِ ۽ ان کي سمجهڻ سان گڏوگڏ ان کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ مختلف ايجادون ڪيون. فطرت ۾

انسان جي وڃ  پيدا ٿيل هن چڪتاڻ انساني تمدن ڪي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ڇـو جـو ڏکڻ ايشـيا يعـني هنــد ســنڌ جي موســمي فضــا، پــاڻي واري فضــا  حياتيـاتي فــضا وغـيره انســان جي مـادي تشـڪيل ڪئي  هن ڪي اڳتي وڌڻ جا موقعـا فـراهم ڪـري ڏنــا  ڏکڻ ايشــيا يعــني هنــد ســنڌ  اهي مــڙئي سهولتون هڪ ئي وقت دستياب هيون. ماهر ان راءِ جا آهن ته انسان جا پراڻي  پراڻا آثار يعـني دنيـا  سندس هئڻ جي وڏ ڪان وڏ اڳوٽي ثابتي بــاقي دنيـا سان گڏوگـڏ سـنڌو مـاتري  بـه ملي آهي. ڊاڪـٽر باشم به ان خيال جو آهي ته اوائل  انساني ارتقــا هن ئي خـــــوش نصـــــيب واديءَ  ٿي. (7) علم الانسان جي ماهر هاورڊ موئر ان خيال جـو آهي تـه انسان جي پهرين اوسر ايشـيا جي ڏاکـٽين حـدن  ٿي، (8)  هـو جـانورن جي ڪيـترن ئي نسـلن ڪي ڏکڻ ايشيائي ڄاڻائي ٿو  ٻڌائي ٿو تـه دنيـا  سـپ ڪان پهريان چوپايو مال سنڌو ماتري  پـاليو ويـو  پالتو مال جـا گهڻـا قسـم اصـل ڏکڻ ايشـيائي آهن. هــاورڊ مــوئر مينهن، رڍ، چــاپرو، ٻڪــري، ســوئر، ڪڪڙ، ڪتي، خچر، هاٿي  مـور ڪي ڏکڻ ايشـيائي (هند سنڌ) جانور سڏيو آهي. پروفيسر ليڪي پڻ ان راءِ جو آهي ته اهي جانور پوءِ ڏکڻ ايشيا يعني هنــد سنڌ مان ارضياتي دور  ئي بيرنگ پل رسـتي تـپي آفريقـا، آمريڪـا  يـورپ تـائين پڪڙيـا. (9) هـاورڊ موئر پنهنجي ڪتاب  وڏيڪ انڪشاف ڪري ٿو ته، ”ايشيا ڪنڊ جي ڏکڻ  انسـان  انسـان جي سـپيتا جي شـروعات ٿيـل ڏسـڻ  اچي ٿي  جيـوت جي اوسر  انسان جهڙو جانور پهريان ايشيا ڪنــڊ  ئي وجود  آيو.“ (10)

سنڌو ماتر  انسان 2 ڪروڙ ســال اڳ ڏرتي جي ٽئين زمـاني (Tertiary)  حيـواني نسـل ڪـان

علحده ٿيو. جڏهن ٽرتي جي ٽئين زماني ۾ سمنڊ سنڌو ماٿر جا اتر ۾ اولهه وارا جابلو حصا ڇڏيا. ته اهي وحشي انسان جي رهائش جا اوائلي ماڳ بڻيا. ان زماني جي ماڻهن جا جسم پنڊ پهڻ جي صورت ۾ زمين جي تهن مان ملن ٿا. ٽرتي جي ٽئين زماني جا انسان، وڻ ٽڻ ۾ ڀيون شيون گهڻي وقت گذرڻ ڪري اڄ پٿر جي صورت وٺي چڪيون آهن. (11) هيٺ اسان ان دور جي انسانن جي پنڊ پهڻ ٿي ويل ڍانچن جو ذڪر ڪنداسين، جيڪي ماهرن مختلف هنڌن تان هٿ ڪيا آهن.

ييل يونيورسٽي جي هڪ ماهر جي□ اي□ ليوس (G. E. Lewis)_ 1930 ۾ هندستان جي سيوالڪ (Siwalik Hills) جبلن ۾ کوٽائي ڪندي هڪ انسان جو ٻه ڄاڙيون هيٺيون ۽ مٿيون ڳولهي لڌيون آهن، جيڪي پٿرائجي چڪيون آهن. جن کي هن راماپٿيڪس (Ramapithecus) يعني ”ماڻهو جهڙو پوتر“ جو نالو ڏنو آهي. راما پٿيڪس انسان اڄ کان هڪ ڪروڙ 50 لک سال اڳ جي مايوسين زماني جو انسان آهي. هن انسان جي لڌل پٿرايل بوتي جو وري 1961ع ۾ ٻيهر اڀياس ڪيو ويو ۽ ماهرن هن پٿرايل بوتي کي دنيا جو سڀ کان وڌيڪ قديم انسان قرار ڏنو. انساني علم جي ناميارو ماهر ڪلارڪ هاويل (Clark Howell) موجب راماپٿيڪس جيڪو اڄ کان هڪ ڪروڙ 40 لک سال اڳ موجود هيو، هاڻوڪو انساني نسل ان جي اولاد مان آهي. (حوالو: ارلي مئن، ڪلارڪ هاويل، نيويارڪ 1970ع) ان بعد وري پاڪستان جي پوٺار جي علائقي مان پڻ پٿرايل انسان جو ڍانچو مليو، جيڪو 70 لک سال پراڻو آهي. جنهن کي ماهرن سواپٿيڪس (Sawapithecus) يعني ”هر دم زندهه“ جو نالو ڏنو آهي. هن دور جو انسان ڪنهن

به قسم جا اوزار ٺاهڻ جو ڏانءُ ڪو نه رکنـدو هـو. هو پنهنجـو گـذران وڻن جي پـاڙن، ميـوون ۾ مـاکي وغـيره تي ڪنـدو هـو. هـو اجـان پنهنجي ارتقـا جي اوائلي دور ۾ هيو. ڪيس پنهنجي باندر نما نسل کان ڌار ٿئي ٿورو عرصو گذري چڪـو هـو. هـو پـاڻ مـان اڳـئين دور جـون خاصـيتون ڪـڍي رهيـو هـو. هـو ڳالهائڻ لاءِ زبان ڪي استعمال ڪـرڻ ۾ هلڻ لاءِ بـه پـير اسـتعمال ڪـرڻ ۾ هٿن ڪي ڪم ڪـرڻ لاءِ آزاد ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۾ مصروف هيو. (12)۔ مري جي روات مان به آرڪيالاجي ماهرن کي پراڻي پـٿر دور جي انسـانن جي موجـودگي جـا ثبـوت مليـا آهن. پنجـــاب جي مـــري واري علائقي ۾ مـــاهرن کي 1983ع ۾ کوٽاين دوران اهڙي انسان جون ثـابتيون مليون جيڪي پٿر جا اوزار استعمال ڪنـدا هئـا. هن انسـاني نسـل کي علائقي جـا نـالي پويـان روات انسان (Riwat Man) جو نالو ڏنو ويو. مـاهرن ان انسان جي عمر 20 لک سـال مقـرر ڪـئي آهي. (13) جڏهن ته سـاڳي علائقي مـان 45 هـزار سـال اڳ جي انسـان جي سـرگرمين جـون بـه ثـابتيون مليون آهن.

## سنڌو ماٿري ۾ انساني وجود

انـــديا جي رياســـت آنـــڌرا پـــرديش مـــان آرڪيالاجي جي ماهرن پراڻي پٿر جي دور جـا اوزار هٿ ڪيـا آهن. جن ذريعي اهـا ثـابتي ملي آهي تـه سنڌو ماٿري ۾ جديد انسان (Homo sapiens) اڄ کان 74 هزار سال اڳ موجـود هـو. ان تحقيـق بعـد ماهرن کي اهـا راءِ بـدلائي پـئي تـه دنيـا ۾ پهريـون

جديد انسان 50 هزار سال کان 60 هـزار سـال اڳ آفريڪـا ۾ موجـود هـو. آڪسـفورڊ يونيورسـٽي ( Oxford University) جي سائنســدان مچيــل پيٽراگاليـا (Michael Petraglia) آنـڌرا پـرديش ۾ ان پروجيڪٽ تي تحقيـق ڪـرڻ بعـد دڪن هيرالـڊ ( 14) سان ڳالهائيندي اهڙو انڪشاف ڪيو. پيٽراگاليا موجب پراڻي پٿر دور جي انسان جون ان قسم جـو ثابتيون هن کان اڳ موجوده پاڪستان جي پوٺوهـار ريجن جي سون ماٿري جي ڏابا ڳوٺ مان به مليون آهن. ان ڪري هاڻي اسان چئي سگهون ٿا ته جديـد انسان آفريڪا کان به اڳ برصغير ۾ رهندو هو.

هند سنڌ ۾ هن قسـم جي مـاڻهو ملڻ ڪـانپوءِ ماهرن ڪي پنهنجا رايا بدلائڻا پيا ۾ هنن ان ڳالهه ڪي تسـليم ڪيـو تـه دنيـا ۾ سـڀ ڪـان اول آدم جي پئدائش سنڌو ماٿر ۾ ٿي ۾ سنڌو مـاٿر ئي انسـاني ارتقا جو پهريون مسـڪن بـڻي. هن ڪـان اڳ دنيـا ۾ جيڪي ٻين هنڌن تي قديم انسان جا آثار مليـا آهن، سي سڀ سنڌو ماٿر ۾ مليـل انسـان ڪـان پـوءِ جـا آهن. جنهن ڪـري اسـان هـاڻ بنـا ڪنهن هٻڪ جي سائنسـي تحقيقـاتي بنيـادن تي اهـا ڳالهـه چـئي سگهون ٿا ته سنڌو مـاٿر اوائلي انسـاني ارتقـا جـو بنيـاد هـئي ۾ شـروع ۾ هتـان ئي انسـان پنهنجـو پهريون سفر شروع ڪيو.

## سنڌو ماٿري ۾ پٿر دور جا ماڳ:

جـڏهن انسـان، حيـواني نسـل ڪـان ڌار ٿي پنهنجـو سـفر شـروع ڪيـو تـه هن پنهنجي بچـاءَ ۾ ڪـاڌي جي بندوبسـت لاءِ نـوان اوزار تلاش ڪــرڻ

شروع ڪيا، جيڪي ڪيس وٽن جون پاڙون ڪوٽڻ، ميووا چنڻ وغيره ۾ مدد ڏيڻ لڳا. اهي اوائلي انساني اوزار هيا پٿر، جن ڪي ئي پهريان انسان پنهنجي ڪتب آڻڻ شروع ڪيو. ان ڪري جيتري عرصي تائين انسان پٿر جا اوزار استعمال ڪندو آيو، ماهر سندس ان سماجي ارتقائي دور کي ”پٿر دور“ جي نالي سان ياد ڪندا آهن. سنڌو ماٿر اندر هي دور 10 لک سال کان 4 هزار سال ق-م تائين هليو. هي دور ٽن مختلف حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪي هي آهن:

(1) پراڻو پٿر دور (Paleolithic Age)۔ 10 لک کان 15 هزار سال ق-م

(2) وچون پٿر دور (Mesolithic Age)۔ 15 هزار کان 8 هزار ق-م

(3) نئون پٿر دور (Neolithic Age)۔ 8 هزار کان 4 هزار سال ق-م

اسان هيٺ سنڌو ماٿر جي انسانن جي پٿر دور جي سرگرمين جي پهرين ٻن دورن يعني پراڻي ۽ وچين پٿر دور جو جائزو وٺنداسين.

## (1) پراڻو پٿر دور

جڏهن اوائلي وحشي ماڻهو وڻن تان هيٺ لٿا ۽ گهاٽا ٻيلا ڇڏيا ته هنن پهريان رهائش لاءِ ميداني علائقا چونڊيا ۾ هو ميداني علائقن ۾ درياهن، ڍنڍن ۽ چشمن پرسان رهڻ لڳا. جتي کاڌو پيتو جهجهي مقدار ۾ دستياب هيو. هي دور انسانذات جي ”ٻالڪپڻ“ جو دور هيو. هن دور ۾ وحشي انسان

خونخوار جانورن کان بچاءَ لاءِ پٿر □ ڏنڊا پنهنجي پهرين اوزار طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. هن اهڙا پٿر گڏ ڪرڻ □ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا، جيڪي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي يا پاڻيءَ جي وهڪري ڪري پڄي پري لسا ٿي ويا هئا □ چپترا ٿي تکا ٿي چڪا هئا. جن جي مدد سان هن وڻن جون پاڙون کوٽي، ميووا چني □ ننڍن ننڍن ٻين ساهوارن کي ماري يا انهن جو شڪار ڪري، انهن کي کاڌي طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو.

هن دور □ انسان اڃا پنهنجي شروعاتي ارتقائي دور □ هيو، نه هن کي اوزار گڏ ڪيا هئا يا ايجاد ڪيا هئا □ نه وري پوکي راهي ڪرڻ تائين سندس شعور پهتو هو. نه وري هن دور جو انسان مال پالڻ سکيو هو. هو چڙواڪ زندگي گذاريندو هو، جتي رات پوندي هئس اتي وڻن تي وڃي سمهي پوندو هو. وري صبح جو اٿي پنهنجي کاڌي خوراڪ جي تلاش □ نڪري ويندو هو. جڏهن هن لاءِ کاڌي جي تلاش جيئن پوءِ تيئن مشڪل بڻجڻ لڳي ته هن ٻيلن □ رهندڙ مختلف جانورن کي شڪار ڪري انهن جو گوشت پنهنجي غذا □ شامل ڪيو. جانورن جو شڪار ڪنهن به اڪيلي ماڻهو جي وس جي ڳالهه نه هئي. ان ڪري پهريون دفعو ان دور جي انسان کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ جي ضرورت محسوس ٿي □ هن اڪيلي زندگي گهارڻ ختم ڪري ٽولن جي صورت اختيار ڪئي. جنهن سان ئي اجتماعي زندگي گذارڻ جو پهريون تصور جڙي راس ٿيو □ اهڙي طرح اوائلي وحشي انسان پهريون دفعو ”سماجي جانور“ ٿي پيو. اها ان دور □ ”انساني سماج“ جي جڙاوت □ وڏي اهم تبديلي هئي. ان تبديليءَ انسان کي اڳتي وڌڻ، پنهنجو نسل وڌائڻ، گڏيل ايجادون ڪرڻ □ سماج جي

تعمير ڪرڻ ڏانهن وک وڌائڻ جو موقعو فراهم ڪيو.

سنڌو ماٿر اندر پراڻي پٿر دور جي انسانن جي رهائش جا هنڌ ۽ سنڌن استعمال جا اهي اوزار به لڌا ويا آهن، جيڪي هن پٿر مان جوڙيا هئا. ويجهڙ ۾ ماهرن پنجاب صوبي جي پوٺار ريجن ۾ راولپنڊي ويجهو ”سون ندي“ جي ڪناري سون ماٿري مان انهن اوائلي انسانن جا اوزار ۽ رهائشي آثار ڳولي لڌا اٿن. جن جي عمر 5 لک سال مقرر ڪئي اٿن ۽ ان دور کي ”سون ڪلچر“ جو نالو ڏنو اٿن. (15)

ماهر ”سون ماٿر“ مان لڌل اوزارن بابت چون ٿا ته اتان جيڪي اوزار صفا هيٺين تهه تان مليا آهن، سي سون ڪلچر جي مٿئين تهه تي رهندڙ ماڻهن کان اڳ جي آبادي جا آهن ۽ انهن کي سون ڪلچر کان اڳ جا اوزار ڪوٺيو اٿن. (16) سون ماٿر مان مليل پٿر دور جي انسانن جي رهائشي آبادي جو تعلق ٻن دورن سان آهي. صفا آخري دور جي عمر 5 لک سال ٿيندي ۽ ٻيو ته 4 کان 2 لک سال جي وچ جو آهي. پهرين تهه تان اڻ گهڙيا پٿر مليا آهن، ان دور جا ماڻهو اڃا پٿرن کي گهڙڻ ۽ انهن کي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ مختلف شڪليون ڏيڻ کو نه سکيا هئا. هو استعمال لائق پٿر گڏ ڪندا هئا. پر ٻئي دور جا ماڻهو ڪجهه ترقي ڪيل ڏسجن ٿا. جن پٿر مان ڪهاڙيون، تيرن جا منهن ۽ ٻيو وڏ ٽڪ جو جهڙو تهڙو سامان تيار ڪري ورتو هو. ان وقت به هو اڃا ڪاٺو گڏ ڪندا هئا ۽ شڪار ڪندا هئا. مال ڌارڻ يا پوکي راهي ڪرڻ تائين سندن شعور ڪو نه پهتو هو. (17) سون ماٿر ۾ رهندڙ پٿر دور جي انسانن بابت قديم آثارن جي

مشهور ماهر سر مورٽيمر ويلر جو رايو آهي ته، ”پاڪستان (سنڌو ماٿر) ۾ سپ کان پراڻي ۾ پراڻي انساني آباديءَ جي ثابتي اسان کي راولپنڊي ويجهو سون نديءَ جي ڪنارن تي اٺ گهڙيل پٿرن جي صورت ۾ ملي آهي. اتان مليل اوزارن ۾ ڪي سادي نموني جا چرا ۽ ڪهاڙيون مليون آهن، جيڪي لڳ ڀڳ 5 کان 3 لک سالن جي عمر جا ٿيندا.“ (18)

هي سون مان مليل اوزار لوٽي ندي (ننگر پارڪر) جي اوزارن سان مشابهت رکندڙ ۽ هم عمر آهن. (19) هي اهي ئي اوزار آهن، جن سان هاڪڙو تمدن جا ماڻهو ڪم ڪار ڪندا هئا. ماهر سون مان لڌل اوزارن متعلق چون ٿا ته اهي روهڙي ۽ سکر جي هنڌن تان لڌل ابتدائي پٿر جي اوزارن جي سڌريل شڪل آهن. اهي اوزار سکر کان سواءِ واگهو در ڪراچي مان پڻ مليا آهن. لئمبرڪ ان جي تصديق ڪئي آهي ته ڪراچي جي ايرندي ڪپر تي واگهي در وٽ ۽ ان جي پرپاسي ۾ پڻ اهڙن اوزارن جي ڪجهه سڃاڻپ ڪئي وئي آهي. (20) ان دور جي پٿر دور جي انسانن جا اوزار بياس ندي (پنجاب) جي ماٿريءَ مان پڻ مليا آهن. انهن آثارن جو انڪشاف آثار قديمه جي ماهر ب ب لال ڪيو هو ته بياس نديءَ جي ماٿر ۾ پراڻي پٿر دور جا اوزار مليا آهن. (21)

مٿي بيان ڪيل ”سون ڪلچر“ انهن ماڻهن جو ئي آهي، جيڪي سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب تائين پکڙيل هئا، ميدانن ۾ رهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ موسم اڃا خشڪ هئي. جڏهن برفباري شروع ٿي، هوائون گهمجي ويون ته انسانن لاءِ کليل ميدانن ۾ رهڻ مشڪل ٿي پيو. جنهن ڪري هنن برفباريءَ

ڪان بچڻ لاءِ غارن کي رهائش لاءِ استعمال ڪيو. جڏهن ته هن کان اڳ اوائلي انسان اڃا غارن جو رخ ڪو نه ڪيو هو. جيئن ته سنڌ اندر جبلن ۾ غارن جو تعداد جهجهو موجود هيو، ان ڪري سنڌونديءَ ۾ ٻين ندين ۾ ڍنڍن جي ڪنارن تي رهندڙ انسانن غارن ۾ پناهه ورتي ۾ اتي وري نئين زندگيءَ جو آغاز ڪيو. انهن غارن مان ملندڙ پٿر جي اوزارن جي باقيات مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ميداني علائقن ۾ رهندڙ پنهنجن ابن ڏاڏن ڪان وڌيڪ ترقي ڪري چڪا هئا. (22)

اڄ کان هڪ لک سال اڳ سنڌو ماتر ۾ اوائلي انسان الهندي وارن جبلن ۾ ٽڪرن جي غارن ۾ رهڻ لڳو. انهن غارن جا آثار سنڌ ۾ ڪافي تعداد ۾ مليا آهن. قديم زماني جي ماڻهن جون کوپريون سيوهڻ جي پرسان شاهه بلاول جي واٽ تان پڻ لڌيون آهن. (23) لکين ورهيه اڳ جا لاش پٿرن جي اوزارن سميت ٽنگا نيڪا مان لڌا ويا آهن. لڪيءَ جي جبلن مان ڪوسي پاٽيءَ جي چشمن جي پريان هڪ ٽڪريءَ تي هڪ غار لڌو ويو آهي، جيڪو ”هڪ ٿنڀو“ سڏبو آهي. (24) اهو به نهايت قديم زماني جو غار آهي. خيبر پختون خواهه صوبي ۾ شنگهائو وٽ پڻ ان دور جي ماڻهن جو هڪ رهائشي غار مليو آهي. ماهرن اتان مليل باقيات جي عمر هڪ لک کان 40 هزار سال ق - م مقرر ڪئي آهي. (25)

هن دور ۾ اوائلي انسان ننڍين ننڍين ٽولين جي صورت ۾ غارن ۾ رهڻ لڳو. هي ٽوليون شروع ۾ ڪٽنب، قبيلي يا قوميت جي صورت ۾ منظم ڪو نه هيون. پر هن دور ۾ هو رولو زندگي ڇڏي ڪري ٽولين جي صورت ۾ رهڻ لڳا. هڪ ٻئي جي ويجهو

اچڻ ڪري هنن جي دلين ۾ رحم، قرب ۾ پنهنجائپ وارو جذبو پيدا ٿيو. هن وقت انسان اجا باهه ٻارڻ جو هنر ڪو نه سکيو هو. ان ڪري هو پنهنجي عزيزن کي مرڻ بعد پٿرن هيٺان پوري ڇڏيندو هو. جيئن لاش ڏپ نه ڪري. اهڙيون ڪافي شهادتون سنڌ اندر مليون آهن، جيڪي ان وقت جي مدفن انسانن جون آهن.

پراڻي پٿر دور جي ماڳن جي وڏيڪ چوڪ چڪاس ڊسمبر 1975ع ۾ برطانيه جي ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي آرڪيالاجي شعبي جي ماهر ڊاڪٽر الچين ۾ سندس زال ۾ ٻين ٻن ميمبرن سنڌ اندر شروع ڪئي. هنن دعوى ڪئي آهي ته، ”سنڌ ۾ پٿر دور جي انسانن طرفان اوزار ٺاهڻ جي ڪارخانن وارا هنڌ، ماڳ ۾ مڪان موجود آهن...... اسان روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ حيدرآباد ويجهو اهڙا آثار معلوم ڪيا آهن ۾ اهڙا ماڳ ۾ مڪان ڏٺا آهن، جن کي پٿر جي دور جي اوزارن ٺاهڻ جي ڪارخانن جا هنڌ چئي سگهجي ٿو.“ انهن آثارن بابت ڊاڪٽر الچين جي راءِ آهي ته اهي آثار پنهنجي خاص نوعيت وارا هنڌ آهن، جن جهڙا دنيا ۾ هن ڪان اڳ فقط مصر ۾ مليا آهن. پروفيسر الچين هتان مليل اوزارن کي پراڻي پٿر دور جا اوزار سڏيو آهي ۾ انهن جي عمر 50 هزار سال ق - م مقرر ڪئي اٿائين. (26)

هيءُ اهو دور هيو، جو اجا تائين پوکي راهي ڪرڻ تائين انساني شعور ڪو نه پهتو هو. ان ڪري هو پنهنجي ڪاڏي جو پورائو مڇي ماري ۾ وڻن مان ميوو چني ڪندو هو ۾ گڏوگڏ سنڌو نديءَ جي پر وارن ٻيلن مان پکين ۾ جانورن جو شڪار پڻ ڪندو هو. هن شڪار بعد جانورن جي کلن مان هڏن جي

ٺهيل سين رستي پنهنجو لباس تيار ڪري ورتو. هاڻ هــو قــدرت جي رازن ۾ رمــزن کي ســمجهڻ لاءِ پنهنجو عقل استعمال ڪرڻ لڳو. جـڏهن هن ٻيلن ۾ وڻن جي گسڻ ڪـري باهـه پيـدا ٿينـدي ڏٺي تـه هن اتــان ٽانــڊو ڪـٽي اچي پنهنجن اونــداهن غــارن کي روشن ڪيـو. غـارن ۾ اهـا باهـه ڏينهن رات ٻرنـدي رهندي هئي. ان باهه تي هو گوشت پچائي کائڻ لڳا ۽ غارن ۾ ايندڙ خونخوار جانورن کي ڀڄائڻ جو ڪم به باهه کان وٺڻ لڳا. سردين ۾ ڏڪندڙ انســانن کي باهه جهڙي بي بها نعمت هٿ اچي وئي. هو ان باهه کي سانڍڻ ۽ ان کي پنهنجن هٿن سـان پيـدا ڪـرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا. هنن کي اهـا اٽڪـل سـجهي آئي ته ٻن پـٿرن کي پـاڻ ۾ زور سـان مهٽڻ سـان باهـه پيـدا ٿي پـوي ٿي. هـاڻ باهـه جي دريـافت انسـاني زندگيءَ ۾ عجيب انقلاب آڻي ڇڏيو.

پــراڻي پــٿر دور جي انســانن پنهنجي دور ۾ ارتقا جا جيڪي حيرت انگيز ڏاڪا طئه ڪيا، انهن ۾ گڏ رهڻ جو تصـور پيـدا ٿيڻ، باهـه جي دريـافت ٿيڻ سـان گڏوگـڏ سـندس وڏي ۾ وڏو ڪارنـامو ٻـوليءَ جي ايجاد هيـو. هن دور ۾ مـاڻهن پنهنجي ضـرورتن کي آڏو رکي، هڪ ٻئي سـان رابطـو قـائم رکڻ لاءِ، هڪ ٻئي کي ڏکئي وقت تي هڪ هنڌ گـڏ ڪـرڻ لاءِ آهسـتي آهسـتي ٻـولي جي تخليـق ڪـرڻ شـروع ڪئي. مختلف قسم جا اشارا ۽ آواز بـامعنى لفظن جي صورت اختيـار ڪـرڻ لڳـا. جن اڳـتي هلي هڪ مڪمـل انسـاني ٻـوليءَ کي جنم ڏنـو. هن دور جي ختم ٿيڻ کان پوءِ انسـانذات پنهنجي ارتقـا جي ٻـئي دور يعني وچين پٿر دور ۾ پهچي وئي.

## (2) وچون پٿر دور

هن دور  پيـــداواري ذريعن وڏيڪ تـــرقي ڪـئي. اوزارن  سـڌارو  واڌارو آيـو، تـير ڪمـان ايجاد ٿي، جنهن ڪـري شـڪار زور ورتـو. پـٿر مـان نوان اوزار ٺاهيا ويا، جهڙوڪ: ڪرپي، ڪهاڙي، ڪنڊي  ڇـري. هن دور جي آخـر  مـٽيءَ جـا بـرتن  ٺهڻ شروع ٿيا. ان سان گڏوگـڏ جـانورن پـالڻ جي ابتـدا ٿي. جڏهن اوائلي انسان جانور پاليا ته سندس تـان ڪم جــو بــار هلڪــو ٿي پيــو  ڪيس بــار ڍوئڻ  سواري ڪرڻ لاءِ ذريعو ميسر ٿي ويو. جنهن ڪــري سـندس ڪيـتريون ئي تڪليفـون دور ٿي ويـون. ان ڪـان سـواءِ سـندس ڪـاڌي پيـتي جـو بندوبسـت پڻ آسان ٿي پيو. هن پاليل جانورن جـو کـير  گوشـت پنهنجي غذا  شامل  ڪـري ورتـو. هن ئي دور جي آخر  زمين ڪيڙڻ طرف انسان جو ڌيـان ويـو. هن ڍنڍن  درياهن جي ڪنـارن تي زمين جـا ننـڍا ننـڍا ٽڪرا ڪيڙڻ شـروع ڪيـا. پيـداواري ذريعن  تـرقي ٿيڻ ڪـري، ماڻهن جو وڏو تعداد رولـو زنـدگي ڇـڏي ڪري مستقل طور آباد ٿيڻ شروع ٿيو. جنهن ڪري برادري نظـام وڏيڪ پڪــو  پختـو ٿيـو، ٻـوليءَ جي اوســر وڏيڪ تــيز ٿي. مــاڻهن جي وڏن وڏن تــولن درياهن  ڍنڍن جي ڪنارن سان پـاڻيءَ جي سـهنج  شڪار جي سهوليت ڪي نظـر  رکنـدي رهـائش اختيار ڪئي. ڪم ڳـڏجي ٿيڻ لڳـو، ڪـاڌي پيـتي جي ورهاست هڪجهڙي ٿيڻ لڳي.

سنڌو مـاٿري انـدر وچـون پـٿر دور 15 هـزار ڪان 8 هزار ق - م تائين هليو. هن دور جي انســاني وسندين جا آثار گجرات، ڪاٺياواڙ، سکر جي ويجهو روهــڙي، ڪــراچي، حيــدرآباد  منڇــر ڍنــڍ جي پسگردائن مان مليا آهن. (27)

هن دور جا ماڻهو پنهنجا پٿر جا اوزار چقمقي پهڻ مان تيار ڪندا هئا. جيڪي ڪيس اروڙ جي ڪنڊرن (سکر) جي آس پاس وارين ٽڪرين مان ملندا هئا. ماهرن اتان چقمقي پهڻ جو اهڙو ڪارخانو ڳولي لڌو آهي. اهي چقمقي پهڻ جا اوزار ان ڪري وڏيڪ استعمال □ ايندا هئا، ڇو جو چقمقي پهڻ سخت هجڻ ڪري گهٽو ڪري وڌ تڪ جو سامان چريون، ڪات، ڪنڊيون انهيءَ مان پائيدار □ سنيون ٺهنديون هيون. جيڪي وري تڪيون ڪري استعمال ڪيون وينديون هيون. لئمبرڪ چاٽائي ٿو ته اهڙي اوچي قسم جا اوزار □ انهن جي ٺهڻ جا هنڌ روهڙي □ ڪوٽڏيجي لڳ آهن. اهڙائي ڪيترائي هنڌ وچولي ڪوهستان □ □ ٻيا ڪيترا سامونڊي ڪپر سان ڏاڪٽين ٽڪرين وٽ به آهن. (28)

هن دور □ اوزارن □ ترقي اچڻ ڪري □ ٻيو ته برفاني دور ختم ٿيڻ ڪري ماڻهو نون علائقن ڏانهن ڦهلجڻ لڳا. هنن وڏي تعداد □ ڍور ڍڳا، رڍون □ ٻڪريون وغيره پالڻ شروع ڪيون. هن دور جي ماڻهن جي رهائشي هنڌن تان مٽيءَ جا ٺهيل برتن پڻ هٿ آيا آهن، جيڪي تمام شروعاتي قسم جا آهن، جيڪي هٿ تي ٺاهيا ويندا هئا، اجا چڪ جو استعمال ڪو نه ٿيو هو. هيئانهين سنڌ جا ماڻهو گهٽو ڪري هن دور □ مڇيءَ جو شڪار وڌيڪ ڪندا هئا. سندن ان دور جا اوزار نارو ٽڪري □ گولف ڪلب ڪراچي پرسان مليا آهن. روهڙي طرف مليل به ماڳ شهنشاهه بلوچ □ نواب پنجابي به هن دور جي انسانن جون وسنديون آهن. هن دور جا ٻيا آثار ماهرن هاڪڙي درياهه جي ڪنارن سان پڻ لڌا آهن. جن ڪي پٿر جا اوزار روهڙي طرف کان هاڪڙي درياهه رستي پهچندا هئا. (29)

هن دور جي ماڻهن پٿر کي وڍي ٽڪي خاص شڪليون ڏئي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. هنن ڪاڌي کي پچائڻ لاءِ پٿر جون پاٽيون ۽ تراڪڙيون استعمال ڪرڻ شروع ڪيون. آهستي آهستي اوائلي انسانن پنهنجي پٿر جي اوزارن کي سڌارڻ شروع ڪيو. هاڻي هو پٿر مان عمدي قسم جا اوزار ٺاهڻ لڳا. هنن مڇي پڪڙڻ لاءِ ڪنڍيون، پٿر جا نيزا، پاڻي ڍوئڻ لاءِ جانورن جي کلن مان پکالون ٺاهي ورتيون. ان کان سواءِ ان ئي دور ۾ پٿر جون بهترين ڪهاڙيون، ڇريون ۽ ٻيو وڍ ٽڪ جو سامان ٺاهيو ويو. اهڙيون شيون لوٽي ندي (ننگر پارڪر) ۾ ٻين هنڌن تان مليون آهن. (30) اهڙي قسم جا ٻيا اوزار ڪئپٽن ريڊ ڊڪ 1941ع ۾ ڊرگ روڊ (ڪراچي) يعني سنڌ جي ڏکڻ اولهه طرف لڌا آهن. جيڪي گهڻو ڪري پهرين جي چنڊ جي شڪل جا آهن. شايد اهي مڇي مارڻ جا اوزار يا تيرن جا ڦر ئي هجن. جن جا ڪاٺ جا ڳن گهڻي وقت گذرڻ ڪري مٽيءَ ۾ ملي ويا آهن. (31)

هن دور ۾ شڪار لاءِ نوڪدار تکن اوزارن ۾ ٻئي وڍ ٽڪ جي سامان شڪار کي وڏي هٿي ڏني ۽ هاڻ ماڻهن جا ٽولا سيوستان، مڪران، هاڪڙي ۽ سنڌوءَ جي ڪنارن وارن ٻيلن ۾ شڪار لاءِ نڪري پيا. ان وقت هاڪڙي ۽ سنڌوءَ جي ڪنارن وارن ٻيلن ۾ هاٿي، گينڊا، باندر، چيتا ۽ ٻيا قسمين قسمين جانور رهندا هئا. هن دور کي ماهر شڪاري ۽ مال ڌاريندڙ ماڻهن جو دور چون ٿا. ڇو ته هن دور ۾ اڃا زراعت ڪا بيان ڪرڻ جهڙي ترقي ڪانه ڪئي هئي ۽ نه وري هن دور جا ماڻهو راڄوٽي نظام هيٺ گڏ ٿي سگهيا هئا. هو اڃا ننڍن ننڍن خاندانن ۽ برادرين ۾ ورڇيل هئا، جيڪي خوني رشتيداريءَ تي ٻڌل هيون.

# سماجي زندگيءَ جو جائزو

شروع □ سماج اندر طبقن جو وجود ڪونه ٿيو هو، ڪو به ظالم □ مظلوم، آقا □ غلام ڪو نه هيو، سڀني انسانن جو رتبو هڪ جهڙو هيو. ماڻهو هڪ ٻئي جو استحصال ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي زندگي گذاريندا هئا. سماج □ طبقاتي نظام تمام گهڻو پوءِ وجود □ آيو. ان ڪري طبقاتي نظام کان اڳ جي هن نظام کي سماجي سائنس جا ماهر ”ابتدائي ڪميونزم“ يا ”راڄوڻي نظام“ چون ٿا.

سنڌو ماٿر □ پراڻي پٿر دور □ وچين پٿر دور جي ماڻهن جي سماجي زندگي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان دور □ هتي اڃا طبقاتي نظام جو بنياد ڪو نه پيو هو. سڀ ماڻهو گڏجي پيداوار □ حصو وٺندا هئا، جن □ عورتون، مرد، ٻار □ ٻڍا شامل هوندا هئا □ هو سخت جدوجهد کان پوءِ حاصل ڪيل پنهنجي روزيءَ کي هڪ ٻئي □ برابر ونڊي ورڇي استعمال ڪندا هئا. ان دور □ نجي ملڪيت جو بنياد ان ڪري پئجي نه سگهيو هو ته اوزارن جي اڻ هوند □ سادگيءَ ڪري ڪو به اڪيلو ماڻهو ان لائق نه هوندو هو ته هو اڪيلي سر ڪو ڪم ڪري سگهي. هن کي هر وقت پاڻ جهڙن ٻين ماڻهن جي مدد جي ضرورت پوندي هئي. جيئن شڪار ڪرڻ وقت، ڦل گڏ ڪرڻ وقت سڀ گڏجي ڪم ڪندا هئا □ هنن کي سخت محنت □ مشقت کان پوءِ به مس ايترو کاڌو يا شيءَ نصيب ٿيندي هئي، جنهن مان پنهنجو پيٽ قوت حاصل ڪري سگهن. ان ڪري فاضل پيداوار جي جمع ٿيڻ جو

سوال ئي پيدا ڪونه ٿيندو هو. ان ڪري ذخيره اندوزي ڪرڻ ان دور ۾ ناممڪن هئي. (32) هن دور ۾ ڪنهن به حڪومت، رياست يا قانون جو تصور ڪو نه هيو، سڀ ماڻهو گڏجي پنهنجو بچاءُ ڪندا هئا. خونخوار جانورن جي حملن ۾ ٻاهرين حملي آورن سان گڏجي جنگ ڪندا هئا. هنن وٽ ان وقت علائقائي ورهاست جو تصور به موجود ڪو نه هيو. هو فطري حدبندين اندر رهندا هئا، يعني هو اتي وڃي پنهنجا ديرا ڄمائيندا هئا، جتي خوراڪ وافر مقدار ۾ ملندي هئن ۾ پاڻي جو سهنج موجود هوندو هو.

هن دور ۾ سنڌو ماتريءَ جا رهواسي وحشي دور مان نڪري، اڪيلي زندگي گذارڻ واري عادت ڇڏي برادرين ۾ خاندان ۾ متحد ٿيا. اهي برادريون ۾ خاندان خوني رشتن تي ٻڌل هوندا هئا. شروعات ۾ منجهن آزاد جنسي تعلقاتن جو رواج هيو. آزاد جنسي تعلقاتن ڪري ڪنهن به پيدا ٿيندڙ ٻار جي باري ۾ ڪا به خبر ڪانه پوندي هئي ته ان جو پيءُ ڪهڙو آهي. ان ڪري نسب جو سلسلو ماءُ ڪان هلندو هو. ان ڪري قديم سماج ۾ عورت جي وڏي عزت هوندي هئي. عورت ئي سڄي خاندان تي راڄ ڪندي هئي. هڪ برادري يا خاندان اندر جيڪي به مرد يا عورتون هونديون هيون سي سڀ هڪ ٻئي سان جنسي تعلقات رکندا هئا، جنهن ۾ رشڪ يا رقابت جي ڪا به گنجائش نه هوندي هئي. (33) ان ڪري هن دور جي سماج کي سماجي سائنس جا ماهر ”ماءُ آدرشي سماج“ جو نالو ڏين ٿا، ڇو ته هن دور ۾ عورت ئي حڪمران هئي. هو ئي برادرين ۾ خاندان جي اڳواڻ هئي. ڪاڏي جي ورهاست، نسلي پرورش ۾ پاليل مال جي سار سنڀال سندس ذمي هوندي هئي.

هن دور جي انسان جي ايجادن تي جيڪڏهن نظر وجهجي ٿي ته خبر پوي ٿي ته هن دور ۾ انسان جيڪي اڳ الف اگهاڙا گهمندا هئي، تن شڪار ڪيل جانورن جي کلن سان پنهنجا تن ڍڪڻ شروع ڪيا. پنهنجو تن ڍڪڻ جو خيال ڪين اوگهڙ ڍڪڻ بدران سرديءَ يا گرميءَ کان پاڻ کي بچائڻ ئي هيو. جنهن اڳتي هلي ستر ڪرڻ جي شڪل اختيار ڪئي. هن دور جي وڏي ۾ وڏي ايجاد باهه جي دريافت پڻ هئي. باهه جي مدد سان هو گوشت پچائي ۽ نرم ڪري واپرائڻ لڳا. هن دور جي انسان جا اوزار پٿر، ڪاٺين، هڏن ۽ سنگن جا ٺهيل هوندا هئا. هن دور ۾ انسان فطرت جي محتاجيءَ مان نڪري، خود خوراڪ پيدا ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳو. اهڙي طرح لکين سالن تي ٻڌل سماجي ارتقا جو هيءُ دور انساندات جي ارتقائي سفر ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. انساني ارتقا جي هن سچي سلسلي کي سمجهڻ لاءِ هيٺيان ڪتاب ڏسڻ گهرجن:
   - ايلين، ميخائيل ۽ ايلينا سيگان، ”انسان ٻڙا ڪيسي بنا“ ڪراچي 1982ع
   - مغل، سڪندر، ”ارتقا جي ڪهاڻي“ حيدرآباد 1985ع

• مـوئر، هـاورڊ، ”وحشـي جيـوت جـا نشان“ حيدرآباد

2. مغل، سـڪندر”ارتقـا جي ڪهـاڻي“ ص- 65، 106، 116-117

3. پروئـل هـنري ابي، ”انسـان جي قـدامت“ ماهوار سائنس، فيبروري، 1982ع ص- 43

4. اينگلس، فريـڊرڪ”منتخب تصـنيفات“ حصـو 3، ماسڪو 1973، ص- 7

5. بريفـالٽ، رابـرٽ، ”تشـڪيل انسـانيت“ ص- 98

6. Panhwar, M.H. “Chronological dictionary of Sindh” P- 1-3

7. Basham A.L. “The Wonder that was India” P-10

8. موئر، هاورڊ، ص- 94

9. Leaky, L.S.B. “The Stone Age of Africa” P-21

10. موئر، هاورڊ، ص- 99

11. مهرچند، پيرومل، ”قديم سنڌ“ ص- 53

12. Panhwar, M.H. “Man in Sindh” Sindhological Studies, Summer 1982, Institute of Sindhology Jamshoro, P-14-15,18

وڌيڪ ڏسو: پنهور ايم ايڇ، ”سنڌ جي تاريخ  آثـار قديمـه تي تحقيـق  اشـاعت“ ٽمـاهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 2-1984، ص- 161

13. Ref: B. Bower, *Early Tool Making: An Asian Connection*, Science News (1988).

Riwat Man

14. Kalyan Ray, Homo sapiens may have reached India 74,000 yrs ago, New Delhi, Mar 3, 2010, DHNS

http://www.deccanherald.com/content/56043/homo-sapiens-may-have-reached.html

See also: Patnaik R, Chauhan P, India at the cross-roads of human evolution, J Biosci. 2009 Nov;34(5):729.

See also: http://www.ncbi.nlm.nih.gov/pubmed/20009268

15. Gordon, G.H. Col, “The stone Industries of Holocene in India and Pakistan” Ancient India No: 6, 1950, P-64

Also refer: Sorly, H.T. “Sindh Gazetteer” Karachi, 1968, P-105-106

Pithawala M.B. “Historical geography of Sindh” P-20

16. Paterson. T.T. and Orummond, H.J.H, “Soan-The Paleolithic age of Pakistan” Karachi, 1962

17. Gauhar, Altaf, “Twenty years of Pakistan” Karachi, 1969, P-622

18. Wheeler, S.M. “The Archaeology of Pakistan” The Cultural heritage of Pakistan, Karachi, 1955, P-20

19. Panhwar, M.H. “Chronological dictionary of Sindh” P- 7-8

20. لئمـبرڪ، ايچ. ٽي، ”سـنڌ هڪ عـام جـائزو“ ص-83

21. Panhwar, M.H. “Chronological dictionary of Sindh” P- 7to 14

22. Sorly, H.T. “Sindh Gazetter” P-106 to 109

23. مهرچند، پيرومل، ”قديم سنڌ“ ص-54

24. Cousens H. “The Antiquities of Sindh” P-45

25. Channa, M.H “Pre Harappan Civilization in Indus Valley” Sindh Quarterly, 1978, P-19

26. Report “Bulletin” Vol: 5, 1975-76, Institute of Sindhology p-18

27. گنڪوفسـڪي، يـوري، ”پاڪسـتان کي قوميتين“ ماسڪو 1976ع، ص31

.28 لئمبرڪ، ايچ ٽي، ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص-
84  113

29. Panhwar, M.H, “Man in Sindh…” Sindhological Studies-Journal, Institute of Sindhology, Jamshoro, Summer 1982, P-22

30. Patterson, “The World Correlation of Pleistocene” P-395

.31 لئمبرڪ، ”سنڌ هڪ عـام جـائزو“، ص-84 
113

.32 ليف ليونتيف، ”سياسي معاشـيات“ ماسـڪو
1975ع، ص- 20-22

يا ”معاشري ڪي سائنس“ ماسڪو 1977ع،
ص-88-89

.33 فريــڊرڪ، اينگلس، ”خانــدان، ذاتي ملڪيت
اور رياست ڪا آغاز“ منتخب تصانيف حصــو:
3 ماسڪو 1973ع ص-207-208

# سنڌو ماٿر ۽ ڳوٺاڻيون زرعي ثقافتون

انساني تهذيب جي شروعات درياهن جي ڪنارن تي ٿي. قديم دور جي ماڻهن پنهنجا جهوپا ان ئي هنڌ جوڙيا، جتي کين پاڻي سهنجائي سان ملي ٿي سگهيو. ڇو جو اوائل ۾ اجا اهڙا اوزار جڙي ڪين سگهيا هئا. جن جي مدد سان کوهه کوٽي يا درياهن مان واهه کڊي پاڻي جو پورائو ڪري سگهجي. ان ڪري رهائشي ڳوٺ يا شهر ٻڌڻ جا مناسب هنڌ درياهن ۽ ڍنڍن جا ڪنارا ئي هئا. درياهي ڪنارن پرسان رهڻ ڪري پاڻي ۽ خوراڪ جو مسئلو حل ٿي سگهيو ٿي. نه صرف اتي ٻنيون ڪيڙي، ريج ڪري، زراعت کي ترقي وٺائي سگهجي پئي، پر ڳڏوڳڏ جانورن جو چارو ۽ ٻيا هنر ۽ ڪاريگريون پڻ اتي زور وٺي سگهن پيون. بقول انساني تاريخ جي ماهر رابرٽ بريفالٽ جي ته، ”جڏهن خانه بدوش انسان چراگاهن جي تلاش ۾ ايشيا جي وڏن وڏن درياهن جي ماٿرين ۾ پهتا ۽ کين معلوم ٿيو ته هتي ٿورڙي محنت سان جانورن ۽ انسانن لاءِ خوراڪ مهيا ٿي سگهي ٿي، ته هنن آواره زندگي گذارڻ ڇڏي، زراعتي زندگي اختيار ڪئي ۽ مستقل هنڌن تي آباد ٿيا. ۽ سنڌو، گنگا، يانگسي، فرات ۽ نيل ندي جي گپ چڪ مان ئي تهذيب جنم ورتو“ (1) يعني وائل ۾ تهذيب جو ٻوٽو درياهن جي ڪنارن تي ئي وڌي وڻ ٿيو. دنيا اندر ٽي وڏي ۾ وڏا درياهه سنڌو، دجله ۽ فرات آهن، جن جي ڪناري تي تمدني زندگي جي شروعات ٿي ۽ زراعت زور ورتو.

دنيا اندر سڀ کان پهريان کيتي ڪرڻ جو هنر
اڄ کان 8 هزار سال اڳ سنڌو ماٿر جي رهواسين
ڳولهي لڌو □ هتي ئي شروعات □ انساني تهذيب
جو وڻ وڌڻ شروع ٿيو. ماهر ان راءِ جا آهن ته
سنڌو ماٿر ان ڪري انساني تهذيب لاءِ وڌيڪ
اسرڻ جي موزون جڳهه هئي، ڇو جو هتي جي
آبهوا نه گهڻي گرم هئي □ نه سخت سرد هئي،
يعني وچولي قسم جي هئي □ سنڌو ندي جي وهڪ
ڪري هتي خوراڪ جو ذڪر ڪونه هو. ان ڪري ئي
هتان جا رهواسي ٻي دنيا جي ڀيٽ □ سڀ کان
پهريان زرعي زندگي □ ڳوناٽي رهائش ڏانهن مائل
ٿيا. اها هن ڌرتي □ هتان جي نديءَ جي سرسبزي
□ خوشحالي ڇئبي، جو هتان جا رهواسي ٻين
قومن کان گهڻو اڳتي نڪري چڪا هئا. پروفيسر
ماٽڪ پٽاوالا پڻ ايئن چوندي ڪونه ٿو هبڪي ته،
”سنڌ کي رونقدار □ پريو پاڳيو بنائڻ □ سنڌو
درياهه جو وڏو هٿ آهي. سنڌو درياهه اسان جي
سنڌ جي جنم کان اڳ ئي موجود هو. جيئن پار
جمڻ کان اڳ ماءُ جي ٿڻن □ ٿڄ اچي ٿي، تيئن سنڌ
کي تاتي نپائي وڏو ڪرڻ لاءِ سنڌو اڳئي هتي حاضر
هئي. (2) اوائل □ هتان جي رهواسين جون زرعي
ايراضيون نندن نندن درياهن جي وادين □ اپريون.
اڄ کان 8 هزار سال اڳ نئين پٿر دور (Neolithic
Age) □ سنڌو ماٿر جي رهواسين ٻنيون کيڙي
فصل اپائڻ جي شروعات ڪئي. اهڙا آثار تازو
فرانسيسي آرڪيلاجيڪل مشن جي ڊائريڪٽر
مسٽر ذان زيري بلوچستان جي بولان لڪ وٽ
مهرڳڙهه جي قديم آثارن مان ڳولهي لڌا آهن. □
انهن آثارن جي عمر سادا 7 هزار ق - م مقرر
ڪئي آهي. ماهرن مهرڳڙهه کي ايشيا جي پهرين
زرعي وسندي ڪوٺيو آهي. اهڙي طرح هتي جي

رهاڪن ئي سڀ ڪان پهريان هڪ زرعي سماج (Agrarian Society) جو بنياد وڌو. مسٽر ڏان زيري هن قديم وسندي تي روشني وجهندي چوي ٿو ته هتان جا ماڻهو ساڍا 7 هزار ق - م کان اڳ نئين پٿر دور ۾ فني، جمالياتي ۽ تخليقي ذهنيت سان مالا مال هئا ۽ هو اڏاوتي مهارت رکندا هئا. هنن جي رهڻي ڪهڻي، آرٽ، ٿانون جي ڊيزائن، دفنائڻ جا طريقا ۽ زرعي سرشتو گهڻو ترقي ڪيل هو. (3) هن دؤر ۾ اجا ماڻهن ڌات ڳولهي ڪانه لڌي هئي. ان ڪري اوزار طور پٿرا استعمال ڪندا هئا. هو زمين کيڙن لاءِ پٿر جا هر، فصل جي ڪٽائي لاءِ پٿر جا ڏاٽا، ان پيهڻ لاءِ پٿر جون چڪيون استعمال ڪندا هئا. هو اوزارن ناهڻ لاءِ چقمقي پهڻ جا ڌار وارا اوزار استعمال ڪندا هئا. (4)

مٿين آثارن ملڻ کان پوءِ خبر پئي ته ڪيتي ڪرڻ جي سرشتي ڪري سنڌي ماڻهو سڀ کان پهريان تمدني زندگي ڏانهن مائل ٿيا ۽ تيزي سان ترقي جا ڏاڪا طئه ڪرڻ لڳا. جڏهن ته اهو سچو عمل باقي دنيا ۾ تمام دير سان شروع ٿيو. سڌريل پوک جو ڪم ۽ پڪي ڳوٺاڻي آبادي مشرق قريب ۾ تقريبن 5 هزار ق - م ۾ شروع ٿي. پوکي راهي انساني زندگي ۾ هڪ نئون انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. هاڻ هو پنهنجي جياپي لاءِ فطرت تي پاڙڻ ڇڏي، پنهنجي غذا پاڻ پيدا ڪرڻ لڳو. زراعت جي فن انسان کي پنهنجي زندگي جون ضرورتون پاڻ پوريون ڪرڻ لاءِ همٿايو. جنهن ڳالهه اڳتي هلي انسان کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻايو.

پهريان ته سنڌ اندر عورتون پنهنجي هٿن سان زمين کيڙي اناج پوکينديون هيون، پر پوءِ ڪٽنب جي وڌڻ ۾ وڌيڪ تجربي ٿيڻ بعد پاليل

جانورن جھڙوڪ: ڏڳن ۽ گھوڙن کان ڀنيون ڪيڙڻ جو ڪم ورتو ويو. ابتدا ۾ سنڌو ماٿر اندر هتي جي رهواسين جون، ڪٽڪ ۽ ڪپهه جون پوکون ڪرڻ شروع ڪيون. ماهران راءِ جا آهن ته ڪٽڪ، جون ۽ ڪپهه جون پوکون ساڍا 7 هزار ق – م کان نئين پٿر دور ۾ ڏندن ۽ درياهي ڪنارن تي پوکيون ويندون هيون. جنهن جا آثار مهر ڳڙهه جي کوٽاين مان مليا آهن. هن دؤر ۾ مهرڳڙهه جا باشندا ڪپهه جو فصل تيل حاصل ڪرڻ ۽ ڌاڳا وٽڻ لاءِ پوکڻ لڳا. ماهر ان راءِ جا آهن ته سنڌ ۾ ڪپهه جو فصل پهريون مهرڳڙهه ۾ پوکيو ويو. (5) بعد ۾ ئي ڪپهه کي ڪپڙي ٺاهڻ طور استعمال ڪرڻ جو رواج پيو. (6)

زراعت جي ابتدا ٿيڻ ڪري ماڻهو رولو زندگي ختم ڪري هڪ هنڌ ويهي پنهنجي پوکيل فصلن جي حفاظت ڪرڻ لڳا. ماڻهو معاشي طور ته ٻن وڏن سماجي گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا اهي هئا جن زرعي زندگي اختيار ڪئي ۽ ٻيا جانورن جا ولر پالڻ لڳا. جانورن جا ولر پاليندڙن جون ثابتيون اسان کي بنون ۾ ڪڙي گل محمد مان مليون آهن. هو نه صرف جانور گوشت ۽ کير حاصل ڪرڻ لاءِ ڌاريندا هئا پر انهن کان سواري جو ڪم پڻ وٺندا هئا. هن دؤر جا باشندا رڍون، ٻڪريون، گڏهه، هرڻ ۽ رڇ وغيره ڌاريندا هئا. جن جون وڏيڪ ثابتون آمري، ڏنپ ٻني، پانڌي واهي ۽ عثمان بني مان مليون آهن. (7) جن ماڻهن زرعي زندگي اختيار ڪري جهڳا جوڙڻ شروع ڪيا، تن وانڌڪائي واري وقت ۾ پٿرن مان هر، ڏاٽا، کھاڙيون، اٽي پيهڻ لاءِ جنڊ ۽ ٻيا زرعي ڪم ڪار ۾ استعمال ٿيندڙ اوزار ٺاهڻ شروع ڪيا. جڏهن ته مال چاريندڙ گروهه پوءِ به ڇڙواڳ زندگي گذارڻ

لڳو. هنن جانورن جون کلون، رڍن جي اُن ۽ جانورن جو کير معاشي ضرورتن لاءِ استعمال ۾ آڻڻ شروع ڪيو.

زراعت جي رواج بعد قديم دور جي ماڻهن کي هاڻ کاڌي خوراڪ جي ڳولا ۾ جهنگلن ۾ وڃڻو ڪونه پوندو هو ۽ نه ئي شڪار لاءِ ڏڦا کڻي ڀڄڻو پوندو هو. پر هو هاڻ آرام ۽ سڪون سان زندگي گذارڻ لڳا. ان واندڪائي وري سوچ فڪر هنن کي اڃا به بهتر زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو. جيئن ته هنن کي پنهنجن فصلن کي جانورن کان بچائڻ لاءِ هڪ هنڌ وهڻو تي پيو، سو هنن ميداني علائقن ۾ گهر بنائڻ جو سوچيو. هاڻ هو ٻيلن ۾ وڃڻ ۽ جانورن جي پويان سڄو ڏينهن ڀڄڻ بجاءِ هڪ هنڌ ويهي گهر ٺاهڻ ۽ ڳوٺ ٻڌڻ لڳا ۽ قدرت جي ٻين شين تي ضابطو ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي حڪم هيٺ آڻڻ لاءِ نيون تدبيرون جوڙڻ لڳا. يعني گهر ٺاهڻ، ڳوٺ ٻڌڻ ۽ ايجادون ڪرڻ جي راهه ۾ وڏو عمل دخل زراعت جو هيو.

ماهرن تحقيق ڪري ثابت ڪيو آهي ته سنڌ اندر نئين پٿر دور ۾ انسانن غارن کي آخري سلام ڪري اچي پنهنجا گهرڙا ٺاهيا. اهڙن گهرڙن جا نشان اسان کي روهڙي، ڪراچي ۽ منڇر ڍنڍ جي پسگردائي ۾ ملن ٿا. اهي گهرڙا اوائل ۾ سرن بدران ڪاٺين ۽ تيلين مان ٺاهيا ويا ۽ غارن مان نڪرڻ بعد اهي ئي انسان جا پهريان اجها بڻيا. اهڙن ڳوٺن جا آثار سنڌوندي ۽ هاڪڙي سان گڏوگڏ مختلف ڍنڍن جي ڪنارن تي پڻ مليا آهن. ڇو جو اتي پاڻيءَ سان گڏوگڏ مڇي ملڻ جو به سهنج هيو ۽ اتي ئي ننڍڙا ننڍڙا ٻني ٽڪرا ڪيڙي اَنُ اپائي پئي سگهجي. شروع ۾ ماڻهن ٻيلن مان

ڪـــانيون ڪـــري ۾ تيليـــون آٽي دريـــاهي ڪپن تي چوئنرا ناهڻ شروع ڪيـا. اهي چوئـنرا دراصـل گهـر ناهڻ جي شروعاتي ڪڙي ڪري سمجهڻ گهـرجي. ان دؤر جي مـاڻهن پنهنجـا اهي چوئـنرا ٻـوڏن کـان بچاءَ لاءِ ڪن قدرتي مٿانهن هنـڌن تي نـاهڻ شـروع ڪيا. هنن جا ڳوٺ چند ڇڙوڇـڙ گهـرن تي مشـتمل هوندا هئا، جتان سرن جي اڏاوت جي ڪابه نشـاني ڪانه ملي آهي. جيئن آمـري، پانـڌي واهي ۾ غـازي شـاهه جي شـروعاتي تهن ۾ گهـرن جي تعمـير جـا نشـان ڪونـه مليـا آهن. اتـان صـرف اسـتعمال جـا ٿانون ئي مليا آهن. ان جو مطلب اهو وٺڻ سراسـر غلط ٿيندو ته ڪو ان وقت جا ماڻهو بنـا گهـر گهـاٽ جي کلئي آسمان هيٺان زندگي گذاريندا هئا. پـر هي ڳوٺ ان وقت جا آهن، جنهن دؤر ۾ اجان مٽي جون سرون وجهي گهرن ناهڻ تائين انساني ذهن ڪونــه پهتو هو.

وري جڏهن انساني ذهن ترقي ڪئي تــه هنن جي گهرن جي جڙاوت ۾ پڻ تبديلي آئي. گهر ترقي ڪري هٿ جي ٺهيل سرن ۾ پٿرن سان جـڙي راس ٿيڻ لڳا. اهڙا گهر مسـتطيل نمـوني جـا وڏن پـڌرن سان ۾ هڪ هنڌ ڳاهٽ ٿيل ملن ٿا. اهي گهر پڻ اڳ وانگر ٻوڏن کان بچاءَ لاءِ ڪن قدرتي مٿانهن پٽن تي آباد ڪيا ويندا هئا. هو گهرن جي پـتين جي پيڙهــه ۾ پٿرن جو استعمال ڪندا هئـا، مـٽي اوسـاري سـرن جي هوندي هئي، ڇتون ڪکايون پرگاري سـان لتـل هونديون هيـون. ڪـڙي گـل محمـد (4200 ق م) ۾ پانـڌي واهي مـان هن قسـم جي اڏاوتن جـا نشـان مليا آهن. ڪڙي گل محمد جا رهواسي ڪچي مٽيءَ جي گهـرن ۾ رهنـدا هئـا ۾ پانـڌي واهي مـان مليـل گهر مستطيل قسم جـا آهن ۾ انهن جي پيڙهــه پـٿر جي رکيل آهي. باقي اڏاوت ڇيرولي يا گـاري سـان

ٿيل آهي. (8) اهڙي قسم جا رهائشي گهر آمري جي وچين تهن مان پڻ مليا آهن. هن دؤر جي ڳوٺن جي خاص خوبي اها آهي جو انهن جي چوڌاري حفاظتي قلعا نهيل آهن. آمري، ٿرڙي گجو، ڪوهتراس بٺي ۾ ڪوٽڏجي جي ڪوٽاين مان اهڙن حفاظتي قلعن جا آثار مليا آهن. (9)

گهرن نهڻ ڪري گهر ۾ استعمال ٿيندڙ شين ناهڻ جي پڻ ضرورت پيش آئي. نئين پٿر دور جا رهواسي شروع ۾ اوزارن طور پٿر کي وڌيڪ استعمال ڪندا هئا. هو پٿر جون ڪهاڙيون، ڏاٽا، ڪرپيون، ڇريون، جنڊ، ماني پچائڻ جو توقيون ناهيندا هئا، جيڪي گهٽو ڪري چقمقي پهڻ جون هونديون هيون. بعد ۾ هنن ڪانين ۾ تيلين مان ٽوڪريون، ماني رکڻ جو دٻڪيون، ڪارا، ان رکڻ جا پانڊا ناهڻ شروع ڪيا، جن کي ڏامر يا مٽيءَ سان چوڌاري لنبيو ويندو هو. ان ئي دؤر ۾ مٽي جي ٿانون ناهڻ طرف پڻ ترقي ٿي. گهرن ۾ رهندڙن مٽي مان اهڙيون شيون ناهڻ شروع ڪيون، جيڪي ڪاڌي رکڻ لاءِ ٿانون طور استعمال ٿين. پهريان ته ڪچي مٽي جا اڻ پڪل برتن تيار ٿيندا هئا، جيڪي پاڻياڻين شين جي استعمال لاءِ ناقص هئا. ان ڪري سنڌو ماٿر جي رهواسين انهن ۾ تبديليون آڻڻ شروع ڪيون. اٽڪل 4000 ق - م ڌاري سنڌ ۾ ڪنڀارڪي چڪ جو بنياد پيو. مٽي جا ٿانون ڳوٺن جا محنتي ڪنڀر چڪ تي ناهي، انهن کي آوين ۾ پچائڻ لڳا. ڪنڀر جي چڪ ٿانون جي بناوت ۾ عجيب تبديلي آڻي ڇڏي ۾ مٽي جا نفيس برتن تيار ٿيڻ لڳا. (10) ان دور جي آبادين ڪلي گل محمد ۾ مديگڪ مان مليل ٿانون چڪ تي نهيل ملن ٿا. ( 11) جن تي اڳتي هلي نقش نگاريءَ جو ڪم پڻ ٿيڻ شروع ٿيو. هتان جا ڪنڀر ٿانون کي خوبصورت

بنائڻ لاءِ انهن تي رنگين چٽسالي كرڻ لڳا. راڻا گندئي مان مليل ٿانون تي ڳاڙهي ۽ هيڊي رنگ جا تهه چڙهيل آهن ۽ انهن مٿان كاري رنگ جي مصالحي جي چٽسالي ٿيل آهي. آمري مان مليل ٿانون جي تري تي ٿلهن كارن پٽن تي لاڳيتا ٽكنڊا مليا آهن. ٽكنڊن جي پاسن ۾ ڳاڙهو رنگ پريل آهي. لئمبرڪ ان دؤر جي ماڻهن جي ٿانون بابت ٻڌائي ٿو ته، ”هو نكر تي كاري يا ڳاڙهي رنگ سان چٽسالي كندا هئا ۽ انهن تي جاميٽري جي شكلين جهڙا چٽ كڍندا هئا.“ (12) كوئيٽا جي قديم آثارن مان مليل ٿانون جو رنگ بادامي ملي ٿو ۽ انهن تي پوري رنگ سان نقش نگاري ٿيل آهي. اهي ٿانون 4 هزار ق - م جا آهن. وري اڳتي نال مان مليل ٿانون ۽ آمري مان مليل ٿانون تي اسان كي شينهن، مڇين، ڍڳي ۽ پكين كان سواءِ پپر جي پنن جا نقش اُكريل ملن ٿا. (13) شروع ۾ جيكي ٿانون ٺهڻ لڳا، پهريان انهن تي سادي قسم جي چٽسالي ٿيندي هئي، جنهن ۾ اكثر جانورن جون شكليون چٽيل هونديون هيون. ان قسم جا ٿانون 6 هزار ق - م كان سنڌو ماٿر اندر رائج هئا. بعد ۾ انهن ٿانون ۾ ترقي ٿيڻ شروع ٿي. اٽكل 3500 ق - م ڌاري ٿانون تي جانورن جون شكليون چٽڻ جو كم بند ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ جاميٽري جي ڏكين ۽ رنگ برنگي نمونن ورتي. (14)

سنڌو ماٿر جي رهواسين 4000 ق - م ڌاري ڌات پڻ ڳولهي لڌي.(15) هو شروعات ۾ ٽامي مان پنهنجي هار سينگار جون شيون ٺاهڻ لڳا. (16) بعد ۾ ٽامي مان كهاڙيون، آرا، پالا ۽ چوڙيون وغيره ٺهڻ لڳيون. جنهن جا آثار ماهرن نال، آمري، كوٽڏجي ۽ كلي گل محمد جي آثارن مان ڳولهي

لــذا آهن. (17) ڪلي جي قــديم آثــارن مــان ان سلسلي ۾ اڳتي ٿيل اوسر جو پتو پوي ٿو. هتان جـا ماڻهو نه صرف ٽامي جي استعمال کان واقف هئــا، پر هو ٽامي ۾ ٽن ڪي پگهاري ڪنجهي جـون شـيون نـاهڻ پڻ ڄاڻنـدا هئـا. ڌات جي وڏيڪ اسـتعمال جـا ثبوت ماهرن ڪوهتراس بٺي مان پڻ هٿ ڪيا آهن. آثـار قديمـه جـا مـاهر ان ڳالهـه تي متفـق آهن تـه سنڌو مـاٿر ۾ نئـون پـٿر دور 6 هـزار ق - م کـان 4 هزار ق - م تائين هليو. بعد ۾ 4 هزار ق -م ۾ هتـان جي ماڻهن ڌات ڳـولهي لـڌي ۾ هـو ٽـامي ۾ ٽن ڪي پگهاري (رجائي) استعمال ڪـرڻ لڳا.

زراعت جي اوج ۾ ڳوٺن جي بنياد سنڌو ماٿر اندر ڪيـترائي واڍا، رازا، ڪنـڀر پيـدا ڪـري ورتـا ۾ هتان جا واپاري ڪچي مال کي هٿ ڪـرڻ لاءِ ٻـاهر نڪري پيا. سنڌو ماٿر جون ٻيڙيون سمنڊن جا سـينا چيرينديون وڃي آفريڪا ۾ اڀرندي ايشـيا ۾ پهـتيون. هي دنيـا جـو اڪيلـو ئي خطـو هيـو، جتـان اوائـل ۾ تهذيب يافتـه انسـان ٻـاهرين دنيـا ۾ پکـڙجڻ لڳـا ۾ پنهنجي لاتعداد صلاحيتن سان هن ڌرتي کي رنگيني بخشي، برپٽن ۾ بازاريون لڳائي ڇڏيون. هڪ مــاهر پوڪــاڪ ان دؤــر جي ســنڌين بــابت لکي ٿــو تــه ”قديمه دور ۾ سنڌوندي جي مهـاڏي تي سـاموندي سفر ڪندڙ ڦڙت، هنرمند ۾ همت وارا ماڻهو رهنــدا هئا، .... جن جي نتيجي طـور سـيپتا کي اوج ملي.“ (18) وري هڪ ٻئي مـاهر فرگوسـن کي بـه ٻڌنـدا هلو، جيڪو سنڌو ماٿر کي مڪمل دنيا سمجهي ٿـو، ”سنڌ مان سنڌو ندي رسـتي ذاتين پنيـان ذاتيـون ۾ بيشمار ماڻهو ٻـاهر ويـا آهن، جن تهـذيب جـو ڦهلاءُ ڪيو آهي .... ۾ سنڌ هند هڪ مڪمـل دنيـا آهي.“ (19) سبط حسن چوي ٿو تـه، ”هتـان جـون ٻـيڙيون مـال سـان لـڏجي مڪـران جي ڪنـاري سـان بحـر

عرب ۽ خليج فارس ٽپي سوميري بنــدرگاهن ڏانهن ويندڙيون هيون.“ (20)

هن دؤر ۾ سنڌو مـاتر جـا باشـندا ٻـاهر وڃڻ شروع ٿيـا هئـا ۽ دنيـا جي مختلـف ڪنـڊن ۾ پهچي پنهنجــو علم ۽ هــنر ڦهلائي رهيــا هئــا. هنن جــون ٻيڙيون سمنڊ جـا سـينا چيرينـديون آفريقـا ۽ عـرب ملڪن ڏانهن اُسهي رهيون هيون. جتي اڃا انســاني ارتقا پنهنجي ٻـالڪپڻ جي دؤر ۾ هـئي. آثـار قديمـه جـو هڪ وڏو مـاهر ڊاڪــٽر ايم آر مغـل ان دؤر جي سنڌو مـاتر جي رهواسـين جي بين الاقـوامي واپـار بابت هن طرح رقمطراز آهي تـه، ”ڳوٺـاڻي ثقـافت جي مــاڻهن جــو واپــاري رابطــو نــه صــرف پنهنجن شهرن تائين محدود هيو، پر هنن جــو واپــار ٻــاهرين ملڪن ســان پڻ هلنــدڙ هــو. هــو ايــران، گلــف جي رياستن، عرب رياستن ۽ ميسوپوٽيما سان پڻ واپار ڪندا هئا. (21) ان واپار جا ثبوت ماهرن کي آمــري مان پڻ مليـا آهن. ڪـاپر جـو سـامان جيڪـو غـازي شاهه، ڪوهتراس ٻٺي، لوهري، آمــري ۽ ڪـوٽـڏجي مــان مليــو آهي، ســو واپــار رسـتي ٻـاهران گهرايـو ويندو هو. (22)

ســـنڌو مـــاتر ۾ هن دؤر جي مـــاڻهن جي سماجي زندگي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿـئي ٿـو ته ان وقت ماڻهو خاندانن ۽ برادرين کان اڳتي وڌي قبيلن جي صورت ۾ منظم ٿي چڪا هئــا ۽ ان وقت معاشــري جــو بنيــاد قــبيلائي هيــو. (23) اهي قــبيلا خوني رشتيداري تي ٻڌل هوندا هئا. جن جي زندگي جي تعمـير جمهـوري اصـولن تي ٽينـدي هـئي. انهن قبيلن جي سـربراهي بـزرگ مـردن يـا عـورتن جي هٿن ۾ هوندي هئي. قبيلي جو سـربراهه سـڀ فـرد گڏجي چونڊيندا هئا. قبيلن ۾ منظم ٿيڻ ڪري ماڻهو

پاڻ کي اڳ ڪـان وڌيڪ محفـوظ تصـور ڪـرڻ لڳـا. هن دؤر □ پڻ اڳ جيان ڪنهن به حڪومت، رياسـت يا قانون جو تصور موجـود ڪـو نـه هيـو. قـبيلي جـا مڙئي فرد قبيلي جي ڳڙيل روايتن جو احترام ڪندا هئا □ جيڪڏهن ڪو بـه قـبيلي جـو فـرد مقـرر ٿيـل اصولن جي انحرافي ڪندو هئو تـه قـبيلي جـا سـڀ فـرد ان عمـل ڪـان نـه صـرف روڪينـدا هئـا پـر زبردستي انهن اصولن تي هلڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا. جنهن ڪــري قــبيلائي ريتــون رســمون □ روايتــون مضـبوط ڪـان مضـبوط تـر ٿيڻ لڳيـون. هن دـؤر □ اڃان علائقائي حدبنـديون قـبيلن جي بنيـاد تي ٻـڌل هيون. هرهڪ قبيلو، جيڪـو هزارين، لکين ماڻهن تي مشـتمل هونـدو هـو، سـو ڪنهن زرخـيز علائقي تي قابض ٿي اتي پاڻ کي منظم □ مضبوط ڪنـدو هـو. اهائي دنيا □ اهو خطو ان قبيلي جي سڄي ڪائنات هوندو هو. جيڪڏهن ڪو ٻيو قبيلو ان جي حدن اندر دخل اندازي ڪندو هو ته قبيلي جا مڙئي فرد منظم ٿي، ان سان جڌ جوٽيندا هئـا. مختلـف قـبيلا جيڪي مختلف خطن اندر منظم ٿي رهيا هئـا، انهن پنهنجي پنهنجي ٻــولي کي اختيــار ڪــري، ان کي وڌائڻ ويجهائڻ شروع ڪيـو. ٻـولي اڃـا ابتـدائي شـڪل □ هئي □ نه صرف لکي ڪا نه وينـدي هـئي پـر اڃـان خيالن جي اظهار جي لحاظ کان اڻپوري هئي. قبيلن اندر اڃا آزاد جنسي تعلقـاتن جـو رواج هيـو، جيڪـو جيئن پوءِ تيئن ڪمزور ٿي رهيو هو. پوءِ بـه ٻـار جي نسب جو سلسلو ماءُ کان شروع ٿيندو هو.

هن دؤر جي سماج تي نظــر وجهڻ ســان ٻي جيڪا ڳالهه معلوم ٿئي ٿي سا اها آهي ته اڃا تـائين هـتي سـماج غـير طبقـاتي هيـو. ڪـو بـه ظـالم □ مظلوم ڪو نه هيو، ڪو به آقـا □ محڪـوم ڪـو نـه هيو. سڀ ڳڏجي محنت ڪندا هئا □ ان جـو ڦـل بـه

گڏجي پاڻ  ورهائي کٽندا هئا. محنت هر مـاڻهو لاءِ لازم هوندي هئي، قبيلن جا سربراهه پڻ ان  برابر جو حصو وٺندا هئا. هن دؤر جي سـماجي نظـام کي ماهرن ”قديم راڄوٽي  نظام“ (ابتـدائي ڪميـونزم) جو نالو ڏنو آهي.

ســنڌو مـــاتر جي هن دؤر جي مـــاڻهن جي عقيدن  ريتن رسمن بـابت جيڪي ڪجهـه معلـوم ٿيو آهي، اهو هيءُ آهي ته ان دؤر جا ماڻهو اڄ کــان 8 هزار سـال اڳ مئلن کي سـتل تـوڙي ويـٺـل ہنهي طريقن سان دفن ڪندا هئا. اهڙيون ثابتيون ماهرن کي مهرڳڙهه جي قـديم آثـارن مـان مليـون آهن. (24) اڳتي هلي هتان جي رهواسـين ميتن سـان گـڏ ٿانو ٺپا  هار سينگار جو سامان بـه گـڏ دفن ڪـرڻ شروع ڪيا. ان قسم جا آثـار ڏني بـني  نـال مـان مليل قبرن مان مليـا آهن. (25) آمـريءَ جي قـديم آثــارن مــان معلــوم ٿيــو آهي تــه هــو مــڙدن کي ڪروندڙو ڪري پوريندا هئا  اهي بـه مـڙدن سـان گڏ ضرورت جو سامان پوريندا هئا. انهن آثارن مـان سـنڌو مـاتر جي انهن رهواسـين جي عقيـدن بـابت معلوم ٿئي ٿو ته هو ان عقيدي جا هئا ته مـرڻ کـان پـوءِ بـه مـاڻهو کي قـبر  انهن شـين جي ضـرورت پوي ٿي  هو انسان جي ٻئي جنم يعـني مـري وري زندهه ٿيڻ واري عقيدي جا قائل هيا.

ڳوٺــاڻين زرعي ثقــافت جي وســندين مــان ڪنهن به قسم جو بت يا پوڄا پاٺ لاءِ منـدر وغـيره ڪو نه مليو آهي. جو چـئي سـگهجي تـه هـو ڪنهن اعلي هسـتيءَ جي پوڄـا ڪنـدا هئـا. مهـر ڳڙهـه ( 7500 ق م) جي ڪوٽـاين مـان مـاهرن ننـڍڙا ننـڍڙا انسـاني بوتـا هٿ ڪيـا آهن، جن اڳـتي هلي زنـانن بوتن جي شڪل اختيار ڪئي. (26) اهڙي قسم جـا

زنانا بوتا 4 هزار ق - م جي ٻين آبادين مان به وڏي تعداد ۾ مليا آهن. ڪلي، ميهي، آمـري ۽ ڪوٽـڏجي جي کوٽاين مان ان قسم جا ڪيترائي زنانا بوتا مليا آهن، جن کي مـاهرن ”ڌرتي-ماتـا“ جـا بت سـڏيو آهي. اهي زنانا بوتا ضرور ان وقت کان تخليــق ٿيڻ شـروع ٿيـا هونـدا، جـڏهن سـنڌو مـاٿر انـدر ”مـاءُ آدرشي سماج“ پنهنجي پوري جوڀن تي هوندو.

هاڻ سوال ٿو اٿي ته ان دؤر جا مـاڻهو ڪنهن مافوق الفطرت هستي جي بدران ”ڌرتي-ماتا“ جـا بت ڇو ٺاهيندا هئا ۽ هو انهن جي عبادت ڇـو ڪنـدا هئا؟ ان بابت سماجي ماهرن جيڪا راءِ قـائم ڪـئي آهي، سـا هيءَ آهي تـه جـڏهن سـنڌو مـاٿر جي رهواسين کيتي ڪـرڻ جي هنر جي شروعات ڪـئي ته ان وقت انساني سماجي ۽ اخلاقي قدر پيـدا ٿيـا ۽ زرعي زندگي ڏانهن مائـل ٿيڻ بعـد کيتڪـارن تي ٻن قدرتي شين جو تمام گهڻو اثر پيـو ۽ انهن شـين کـان هـو متـاثر ٿيڻ کـان سـواءِ رهي ڪين سـگهيا. انهن ۾ پهريون زمين ۽ ٻيو پاڻي هو.

## (1) زمين

اوائلي انسـانن زمين جي پيٽ مـان سرسـبز سلا اپرندي ڏٺا ۽ مختلف انـاج، ٻوٽـا ۽ ميـووا زمين جي پئـدائش هئڻ ڪـري، انهن ڌرتيءَ کي انسـان جي بهتر زنـدگي جـو ضـامن ڄاڻنـدي، ان جي پوڄـا ڪـرڻ لڳا ۽ ان کي ماءُ ڪوٺڻ لڳا. ڇـو جـو عـورت (ماءُ) ۽ ڌرتي ٻئي تخليق ڪندڙ شيون هيون. جڏهن عورت ننڍڙا گلاب جهڙا ڇهرا پئدا پئي ڪري سگهي ته ٻئي طرف ڌرتي جي سيني مـان مختلـف سـون

ورنا سنگ ۽ ڳاڙها ساوا ٻوٽا اڀرن پيا ۽ اتان فصل جنم وٺن پيا. ان ڪري انسان جي من ۾ انهن ٻنهي شين سان محبت ڪرڻ اڻ ٽر ڳالهه هئي. ان ڪري ئي هنن جو عقيدو هو ته، آسمان ڪي ۽ ستارن ڏي چو ڏسون، اُن ڌرتي جي ڌوڙ چو نه چمون، جيڪا اسان جي بهترين زندگي جي ضامن آهي. ان ڪري قديم ماڻهن ”ڌرتي-ماتا“ جي پوڄا شروع ڪئي، ان جا بت ٺاهيا، جيڪي عورت جي ئي شڪل جا هيا. سنڌو ماٿر جي قديم آثارن مان ”ماتا-ديوي“ جا مجسما نڪرڻ جو اصل سبب اهو ئي هو.

## (2) پاڻي

پاڻي نه صرف انساني جياپي لاءِ اهم حيثيت رکندڙ آهي. پر جيڪڏهن ائين چئجي ته زندگيءَ جو مرڪز پاڻي ئي آهي ۽ ان بنا هن ڌرتي تي ڪنهن به ساهواري جي زنده رهڻ جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ ڪو نه ٿيندو.

قديم سنڌي، سنڌو نديءَ جي ميرانجهڙي پاڻي مان پنهنجي زندگي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لڳا. هنن سنڌوءَ جي ئي پاڻي تي فصل پوکيا ۽ گڏوگڏ هنن جي صنعت ۽ حرفت جو دارو مدار ئي سنڌوَ جي پاڻيءَ تي هيو. ان ڪري هو سنڌو ندي جي اهميت ڄاڻندي، ان کي عزت جي نگاه سان ڏسڻ لڳا ۽ هن جي پاڻيءَ کي پاڪ ۽ پوتر ڄاڻندي ان کي پوڄڻ لڳا. جڏهن سنڌوَ جي پاڻي تي پرسان پوکيل فصل پچي راس ٿيندا هئا ۽ اَنُ سنگن مان ٻاهر نڪري ڇٽڻ شروع ڪندو هو ته قديم باشندا خوشي وچان جشن ڪندا هئا ۽ اَنُ

لٽڻ کان اڳ چوڏهين جي چنڊ رات جٽن جي صورت ۾ سنڌؤ جي ڪناري تي ويندا هئا ۽ اتي چنڊ جي جرڪيدار چانڊوڪيءَ ۾ گڏجي ناچ ڪندا هئا ۽ سنڌو نديءَ ۽ ’ڌرتي ماتا‘ جي ساراهه جا گيت ڳائيندا هئا. هو پنهنجا پڄن ۾ گيت سنڌؤ کي ارپڻ ڪندا هئا.

قبيلن جي جٽن جي جلوس جي سرواڻي قبيلي جي مک عورت ڪندي هئي ۽ سڄو قبيلو ان جو احترام ڪندو هو. عورت کي ان وقت سماج ۾ تمام سٺيءَ نظر سان ڏٺو ويندو هو. ۽ هن کي ’ڌرتي-ماتا‘جو درجو مليل هو. ۽ ان ”ڌرتي ماتا“ جون مورتون سنگتراش تراشڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. هيءُ سماج ”ماءُ آدرشي“ سماج هيو. ڇو جو عورت ئي کيتي جو رواج وڌو ۽ فصلن کي اپائڻ ۾ هن جو ئي هٿ سمجهيو ويندو هو. سر جيمس جارج فريزر پنهنجي مشهور ڪتاب ”گولڊن بو“ (Golden Bough) ۾ ان بابت چوي ٿو ته، ”هندستانين (سنڌين) جو اعتقاد هو ته عورت کي ماءُ جي حيثيت ۾ جنم ڏيڻ ۽ گهٽي اناج کي پيدا ڪرڻ جي قوت هئي.“ (27) ان ڪري ئي عورت کي سنڌي معاشري ۾ اهم مقام حاصل هيو ۽ ان جي عزت ڪئي ويندي هئي. جڏهن فصلن جي ڪٽائي ٿيندي هئي ته عورت ئي فصل لٽڻ جي شروعات ڪندي هئي ۽ اناج جي ڪٽائي جي جلوس يا محفلن جي سرواڻي پڻ عورت ڪندي هئي. سنڌوءَ جي ڪناري 14 تاريخ جي چانڊوڪيءَ ۾ جيڪو ناچ ٿيندو هو، ان ۾ اهم ڪردار عورت ئي ادا ڪندي هئي.

سراج الحق ميمڻ، سنڌ اندر ”ماءُ آدرشي“ سماج متعلق ڪجهه هن ريت لکيو آهي، ”علم

الانسـان جي لحـاظ کـان اول اول سـنڌ انـدر ”مـاءُ آدرشي“ سماج هيو. جنهن ۾ عـورت سـردار هـئي. چو جو هن اناج پوکڻ ايجاد ڪيو. هـتي جي انسـانن ڏنو ته عورت هڪ دلچسپ چيز هجڻ سـان گڏوگـڏ سـموري تخليــق جي مـــاءُ آهي. نــه رڳــو هـــوءَ خوبصورت ٻارڙا پيدا ڪـري ٿي، پـر فصـل بـه هـوءَ پيــدا ڪــري ٿي. ان ڪــري عــورت جي ان تخليقي قوت کي پوڄا لائـق سـمجهيو ويـو. هن کي ديـويءَ جو درجو ڏنو. گهڻو ڪري قديم ماڻهن جا بت ديوين جا آهن ۾ هو انهيءَ جي ئي پوڄا ڪندا هئـا. عـورت جي شرم گاهه ۾ ٽڻن کي تخليقي قوت جــو مظهــر ۾ منبــع ســمجهيو ٿي ويــو. ان ڪـــري انهن ٻنهي جسماني عضوون، پيڪ ۾ ٽڻن کي سپ کــان وڌيڪ پوڄا لائق ٿي سمجهيو ويو.“ (28)

سنڌ اندر ٻني ٻاري ڪرڻ جي شروعات کـان وٺي ”ماءُ آدرشي“ سماج شروع ٿيـو. يعـني شـروع کان ”ماءُ آدرشي“ سماج جو هتي بنيـاد پيــو ۾ اهــو تيســتائين جــاري رهيــو، جيســتائين زرعي تــرقي انتهائي عروج حاصل نه ڪيو. ان عورتـاڻي آدرشـي سماج جا ڪافي آثار سنڌو ماٿر ۾ مليا آهن. مســٽر ڪارٽر ڪراچيءَ جي مـول واديءَ مـان ڪجهـه پـٿر لڌا آهن، جن تي عورتاڻي آدرش جي هڪ صورت ۾ ڪنول جا چٽ کوٽيـل آهن. قـديم زمـاني ۾ عـورت جي شــــرم گاهـــه (پيڪ) کي تخليقي مرڪـــــز سمجهندي ان کي ڪنول جي گل سان تشبيهه ڏني ويندي هئي. مصـور ان تخليقي مرڪــز کي مختلـف اهڃاڻن سان ظاهر ڪندا هئا. ڪي عورت جي شرم گاهه مان گل ۾ ٻوٽـا ڦٽنـدي ڏيکارينـدا هئـا تـه ڪي وري ان کي ڪنـول جي گـل جي مختلـف شـڪلين رستي ظاهر ڪندا هئا.

آمري، ڪوٽڏجي، موهن جي دڙي جي صفا شروعاتي آباديءَ وارن تهن مان اسان کي ان ”ماءُ آدرشي“ سماج جا آثار مليا آهن. جڏهن زرعي ترقي ٿي ۽ زراعت به مردن جو ڪم بڻيو ته ”ماءُ آدرشي“ سماج ٺٽي پيو ۽ ”پيءُ آدرشي“ سماج شروع ٿيو. موهن جي دڙي جي وچين دور کان ”پيءُ آدرشي“ سماج ملي ٿو. ان کان اڳ هيٺين تهه مان مليل مورتون ”ماءُ آدرشي“ سماج جي ساک ڀرين ٿيون. هڙاپا جي هڪ مهر تي هڪ عورت جي تخليق گاهه (پيڪ) مان سلو اڀرندي ڏيکاريو ويو آهي. جيڪو عورت کي تخليق جو مظهر سمجهڻ جو وڏو ثبوت آهي. ان کان سواءِ ضلع دادو ۾ آمريءَ جي اتر اوڀر واريءَ حد ۾ هڪڙو موهن جي دڙي جو هم عمر ماڳ ”لاکيو“ مليو آهي. جتان اسان کي ”ماتا ديوي“ جون مورتون مليون آهن. (29) ساڳي نموني جون مورتون يعني ”ماءُ آدرشي“ سماج جا ثبوت اسان کي آمريءَ جي هم عمر ماڳ ڪلي ۽ ميهي مان پڻ مليا آهن.

هن دور جي انسانن جي ايجادن تي جيڪڏهن نظر وجهجي ٿي ته معلوم ٿئي ٿو ته هن دور ۾ ماڻهن گهر ٺاهڻ ۽ ڳوٺ ٻڌڻ شروع ڪيا هئا. هنن مختلف قسم جون ڀوڪون ڪرڻ شروع ڪيون، ڪپهه مان ڪپڙو تيار ڪرڻ لڳا، ڌاتُ ڳولي لڌي ۽ ان مان مختلف شيون تيار ڪرڻ لڳا. ٺڪر جي ٿانون ۾ وڏي پيماني تي ترقي ٿي. ان کان سواءِ ٻيڙيون ٺاهي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچڻ لڳا. هن ئي دور جي آخر ۾ سنڌو ماتر جو سماج ڳوٺاڻين زرعي ثقافتن مان ترقي ڪري شهري تمدن ۾ داخل ٿيو ۽ هتي هلندڙ راڄوڻي نظام

(ابتدائي ڪميونزم) طبقاتي نظام يعني آقا □ غلام □ تبديل ٿيڻ شروع ٿيو.

هيءُ مٿي ذڪر ڪيل ديهي ثقافت نه صرف سنڌ جي موجوده حدن □ محدود هئي پر ان جي ايراضي وسيع تر هئي. اها ثقافت اوڀر □ راجستان جي ڪالي بنگن تائين، اوڀر ڏکڻ جي ڪنڌ □ ڪڇ □ ڪاٺياواڙ تائين، ڏکڻ □ سمنڊ تائين، ڏکڻ اولهه جي ڪنڌ □ مڪران تائين، اولهه □ افغانستان جي منڊيگڪ تائين، اتر □ گومل ماٿر، پنجاب تائين ڦهليل هئي. (30) ان ايراضيءَ □ اج تائين هٿ آيل ڳوناٽي ثقافت جي وسندين مان ڪجهه مشهور وسندين جا نالا هتي ڏجن ٿا: مهرڳڙهه، آمري، ڪوٽڏجي، ڪلي گل محمد، پانڌي واهي، ڪالي بنگن، راڻا گنڌئي، نال، بنون، منڊيگڪ، علي مراد، گوملا، رحمان ڍيري، ڏنپ ٻني، گورانڊي، ڪوهتراس ٻني، غازي شاهه، پيراڻو گهنڊائي، ٻهوٿ، جلال پور □ سري ڪولا وغيره. (31)

□□

## حوالا □ سمجهاڻيون


1. بريفالٽ، رابرٽ، ”تشڪيل انسانيت“ لاهور 1966ع ص-151

2. Pithawala, M.B “Marvels of Earth” P-56-57

3. رپورٽ، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي 5 ڊسمبر 1983ع

4. پنهور، ايم ايڇ، ”سنڌ جي تاريخ.... تحقيق  اشاعت“ ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984-2، ص-163-169

5. http://archaeology.about.com/od/Domesticated-Plants/fl/The-Domestication-of-Sesame-Seed-Ancient-Gift-from-Harappa.htm

6. پنهور، ايم ايڇ، ”سنڌ جي تاريخ.... تحقيق  اشاعت“ ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984-2، ص- 164

7. Mughal, M.R “The Dawn of Indus Civilization” Sindh Quarterly Karachi 1980-4, P-26-27

8. لئمبرڪ، ايڇ. ٽي ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص-98 ، وڏيڪ ڏسو گنڪوفسڪي، ”پاڪستان ڪي قوميتين“ ص-33-34

9. Mughal, M.R “The Dawn of Indus Civilization” Sindh Quarterly Karachi 1980-4, P-24 to 27

10. پنهور، ايم ايڇ، ”سنڌ جي تاريخ.... تحقيق  اشاعت“ ٽماهي مهراڻ حيدرآباد، 1984-2، ص-164

11. Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sindh” P-18

12. لئمبرڪ، ايچ. ٽي ”سنڌ ھڪ عام جائزو“ ص-103-102

13. حسـن، سـبط، ”پاڪسـتان مين تھـذيب ڪـا ارتقا“ ص-62-63

14. پنھور، ايم ايچ، ”سنڌ جي تـاريخ.... تحقيـق  اشاعت“ تماھي مھـراڻ حيـدرآباد، 1984-2، ص-164

15. Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sindh” P-22-23

16. لئمبرڪ، ايچ. ٽي ”سنڌ ھڪ عام جائزو“ ص-103-102

17. حسـن، سـبط، ”پاڪسـتان مين تھـذيب ڪـا ارتقا“ ص-62-63 يا

گنڪـو فسـڪي، ”پاڪسـتان ڪي قوميـتين“ ص-35 يا

Panhwar, M.H, The Chronological Dictionary of Sindh” P-22-23

18. Pecocke, E. “India in Greece” London, P-42

19. Frgossen, “History of Indian & Eastern Architecture” vol: 1, Introduction P-4

20. سـبط حسـن، ”پاڪسـتان مين تھـذيب ڪـا ارتقا“ ص-63-64

21. Mughal, M.R, “The origins of Indus Civilization” Sindhological Studies, Sindhology Summer, 1980, P-12-13

22. Mughal, M.R, “The Dawn of Indus Civilization” P-26-27

23. گنڪوفسڪي، ”پاڪستان ڪي قوميتين“ ص-35

24. پنهور، ”سنڌ جي تاريخ .... تحقيق  اشاعت“ ص-163

25. لئمبرڪ، ايچ. ٽي ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص-104-103

26. پنهور، ”سنڌ جي تاريخ .... تحقيق  اشاعت“ ص-168-169

27. فريزر، سر جيمس جارج، ”جادو  سائنس“ حصو: 2، ص-981

28. الحق، سراج، ”سنڌي ٻولي“ ص-90

29. لئمبرڪ، ”سنڌ هڪ عام جائزو“ ص-104

30. خان، ايف. اي، ”ڪوٽڏجي ڪلچر“ مقالو، ماهوار هلال مئگزين، مئي 1983، ص-31

31. Mughal, M.R, “The origins of Indus Civilization” Sindhological Studies, Sindhology Summer, 1980, P-10

# بنياد

## رياست جي ابتدا:

رياســت جي وجــود  اچڻ كــان اڳ قــديم قبائلي تنظيم موجـود هـئي  اهـا انسـاني تـاريخ  سپ كان پهرين سماجي معاشي تنظيم هئي. جيكا رت جي رشتن كري وجـود  آئي. قـديم زمـاني  رت جو رشتو ئي موثر اتحاد جـو ذريعـو هـو. قـديم قبائلي تنظيم جي اوسر جا ٻه دور هيا، هكڙو ”مـاءُ آدرشي سـماج“ جنهن  عـورت قـبيلي جي اڳـواڻ هونـدي هـئي. ان دور  قـبيلا تمـام گهٽ فـردن  خاندانن تي مشتمل هوندا هئا. جڏهن آدمشماري  واڌ آئي  قبيلا وڏي ويا ته انهن جـون ذميواريـون  كم كـاريون پڻ وڌيـا. زراعت جي تـرقيءَ كــري ”مــاءُ آدرشــي ســماج“ تــتي پيــو  ”پيءُ آدرشــي سماج“ وجود  آيو. جنهن  پيءُ (مرد) قــبيلي جــو اڳــواڻ ٿيــو  هن زراعت  ٻين كمن كــارين تي پنهنجو كنٽرول حاصل كيو. قـديم قبـائلي تنظيم  هك قبيلي، خانـدان يـا بـرادري جي فـردن تي هك ماڻهن جو متحد گروهه هيو. جنهن جا مفاد هكجهڙا  پـاڻ  خـوني رشـتا هيـا. هنن پنهنجي قـبيلي كي ٻين قبيلن جي پيٽ  مضبوط  مستحكم كرڻ  ان اندر امن امان قائم ركڻ  گڏيل قانون ناهي ان تحت زندگي گذارڻ  ٻاهرين قــبيلن جي حملن كي منهن ڏيڻ لاءِ قبيلائي تنظيم جو بنياد وڌو. ان تنظيم جو اڳواڻ قبيلي جـو سـردار هونـدو هـو. جنهن جي چونـډ قـبيلي جـا فـرد كنـدا هئـا. كي سـردار تـه مورثي هوندا هئا. هن تنظيم رياست كي خـام مـال

تيار ڪري ڏنو ۽ رياست جي تصور پڻ قبيلائي تنظيم مان جنم ورتو. ائين ڪٿي چئجي ته رياست جي وجود ۾ اچڻ جو هي پهريون بنيادي مرحلو هيو. تاريخ انساني جي هڪ ماهر ولاديمير ايليئچ لينن ان ابتدائي برادري بابت لکيو آهي ته؛ ”قديم قبائلي تنظيم، ابتدائي برادري جو نظام يا تاريخي انساني ۾ پهريون سماجي معاشي نظام هيو. قبيلائي برادري انهن خوني رشتيدارن جي جماعت هئي، جيڪي خانداني ۽ سماجي تعلقاتن ۾ ٻڌل هئا. ان خانداني نظام جي ارتقا ۾ ٻه دور آيا. هڪ مدر شاهي (ماءُ آدرشي سماج) ٻيو پدر شاهي (پيءُ آدرشي سماج).“ (1)

ان قديم قبيلائي تنظيم کان پوءِ رياست جو وجود ٿيو ۽ قبيلائي تنظيم جو محدود تصور ختم ٿيو. مختلف قبيلن ۽ خاندانن پاڻ کي معاشي ۽ اقتصادي مفادن تحت منظم ڪيو. پنهنجي گڏيل طاقت ۽ هڪ ٻئي جي سهاري سان هڪ سوسائٽي کي جنم ڏنو. هنن بهترين زندگي گذارڻ لاءِ قانون، ريتون رسمون ۽ نظم ۽ ضبط ۽ ٻيا قاعدا تيار ڪيا. ۽ ان تحت گڏيل رضامندي ۽ اتحاد سان ارتقائي عمل تحت رياست جو وجود عمل ۾ آيو. هيگل رياست جي وجود بابت چوي ٿو ته؛ ”رياست ارتقا جي خاص منزل تي سماج جي پيداوار آهي.“(2) يعني رياست قوت يا طاقت ذريعي نه پر باهمي ميل ميلاپ ۽ قبيلن جي گڏيل معاشي، معاشرتي، تهذيبي ۽ ڪلچرل مفادن جي ڪري وجود ۾ آئي. قديم قبائلي تنظيم جي پيٽ ۾ رياست جي وجود ڪري انسان اڳ کان وڌيڪ آسائش سان زندگي گذارڻ لڳو ۽ هو پاڻ کي وڌيڪ محفوظ سمجهڻ لڳو. رياست جي وجود ڪري قبيلائي جهڳڙا ۽ نفاق ختم ٿيڻ لڳا ۽ اڳي وانگر جيڪو ماڻهو جو ميچالو

قبيلائي جهڳڙن ۾ نفاقن کي ختم ڪرڻ تي خرچ ٿيندو هو، سو هاڻ ڪنهن تعميري ڪم تي خرچ ٿيڻ لڳو. رياست جا رهواسي پنهنجن حقن ۽ فرضن جي ڄاڻ رکندا هئا ۽ رياست جي نظام ۾ هنن کي پوري مداخلت جو حق هيو. ان رياست جو سماجي نظام مختلف ملڪن ۾ مختلف رهيو. اهڙي طرح مختلف ملڪن ۾ سياسي زندگيءَ جو آغاز به مختلف ٿيو. ڪن جو بادشاهت سان ته ڪن جو جمهوريت يا اشرافيه سان ٿيو. انساني تاريخ جي ماهر فريڊرڪ اينگلز رياست بابت لکي ٿو ته؛ ”رياست مجموعي طور تي سڄي سماج جي سرڪاري نمائنده هئي....۽ اها ان طبقي جي رياست هئي جيڪو پنهنجي دور لاءِ سڄي سماج جو واحد ترجمان هوندو هيو. جهڙي طرح قديم زماني ۾ غلامن جي شهري رياست هئي، وچين دور ۾ جاگيردارن جي ۽ هن زماني ۾ سرمائيدارن جي.“( 3)

## سنڌو ماٿري اندر شهري رياست جو بنياد

سنڌو ماٿري اندر شهري رياست جو بنياد 5 هزار ق-م ڌاري پيو. هتان جا ماڻهو شهرن ۾ رهڻ لڳا. سندن گهر پڪسراوان، به ماڙ بلڊنگن تي مشتمل هجڻ سان گڏ جديد طرز جي غسل خانن، بورچيخانن، تلائن، کوهن سان يعني اڄ ڪالهه جي شهرن وانگر مڙني سهوليتن سان آراستا هئا. سندن شهرن جا رستا ڪشادا، زمين ۾ ڍڪيل نالين، وندر جون جايون، مسافر خانا ۽ بازارون سهڻي رٿا سان جڙيل هيون.

هنن مهذب انسانن قائدي ۽ قانون جو ضابطو پهريان هتي مرتب ڪيو ۽ هڪ انصاف تي ٻڌل حڪومت جو قيام عمل ۾ آندو. هتان جو رياستي انتظام راجائن يا شهرن جي چڱن مڙسن جي حوالي هوندو هو. جن جي چونڊ به راڄوٽي صلاح مشوري سان ٿيندي هئي. جيڪڏهن ڪو چڱو مڙس پنهنجن اختيارن جو ناجائز فائدو وٺندو هو ته سڀ شهري متحد ٿي ان کي هٽائي سندس جاءِ تي ٻيو حڪمران يا چڱو مڙس مقرر ڪندا هئا. اهڙي طرح هتي بنا ڪنهن خون خرابي يا دنگي فساد جي ملڪي انتظام نهايت خيرخوبيءَ سان هلندو هو. اهڙي امن ۽ سڪون جي موجودگيءَ ۾ سنڌو ماٿر جا رهواسي ڏينهون ڏينهن ترقي ۽ تعمير جا ڏاڪا طئه ڪرڻ لڳا.

انساني علم جو ماهر ڪروسر چوي ٿو ته؛ ”جيڪڏهن ڪو اهڙو ملڪ هن ڌرتيءَ تي آهي، جنهن جي لاءِ دعوى ڪري سگهجي ته اهو انسانذات جو گهوارو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ شروعاتي تهذيب جو گهوارو آهي، جنهن جي تهذيب وڌندي وڌندي سڄي دنيا جي تهذيب بڻجي وئي ۽ ان جو علم سڄي دنيا جو علم بڻجي ويو ته اهو ملڪ پڪ سان هند سنڌ آهي.“

ايڇ جي ويلز جو چوڻ آهي ته، ”اوير جي ڪنهن ملڪ مان جيڪڏهن تهذيب جا ڪرڻا سميريا پهتا ته اهو ملڪ مهراڻ جي ماٿري ئي ٿي سگهي ٿو. ڇو ته سميريا جي اوير ۾ هئڻ سان گڏ اها ڳالهه به آهي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪنهن ٻي تهذيب جا آثار نه ٿا ملن. هيءُ اهو ئي ملڪ آهي، جنهن جو تمدن بابل، سمير، مصر، يونان ۽ پوءِ روم پهتو. جڏهن ته هي تمدن جو پهريون مرڪز

هو.“(4)

شهري رياست واري دور ۾ سنڌو ماٿر جا رهواسي پٿر ۽ ٽامون گڏ استعمال ڪندا هئا. هتان جا ماڻهو جيڪي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پکڙيل هئا. تن اتان معدنيات هٿ ڪئي يا واپار ڪري اهي مڙئي شيون سنڌو ماٿر ۾ آنديون. اهڙي طرح گهڻي معدنيات ڪچي مال جي صورت ۾ ٻاهران هتي آندي وئي. سنڌو ماٿر جي ماڻهن پتل، جست، سون ۽ چانديءَ وغيره کي ڳاري مختلف اوزار، زيور، ڪاڏي جا ٿانون وغيره ٺاهيا. 1936ع ۾ آمريڪا ۽ انگلينڊ جي تحقيقي ٽيم سان برصغير آيل ماهر ڊاڪٽر ٽيريءَ جي راءِ آهي ته سنڌو ماٿر پٿر ۽ ٽامي دور جي سنگم جي جڳهه آهي. هن ئي زمين تي ڪانسي دور (Bronze Age) جا آثار به مليا آهن. يعني تهذيب جي مڙني دورن جا مرحليوار آثار هتي مليا آهن.

سرجان مارشل سنڌو ماٿر جي تهذيب بابت هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻائي ٿو ته، ”ياد رهي ته اهي (سنڌي ماڻهو) اڃا پٿر دور جي بدلجندڙ دور ۾ هيا. ڇو ته هو روزمره جي استعمال لاءِ پٿر جا ڪپ ۽ رنبا ڪم آڻيندا هئا. جيڪي سون جي تعداد ۾ گهرن مان لڌا آهن. پر باوجود ان جي هو ٽامي، سون، چاندي ۽ جست بابت چڱي ڄاڻ رکندا هئا ۽ هو انهن جو استعمال ڪندا هئا.“(5)

سنڌو ماٿر جا باشندا زندگيءَ جي معنى مقصد کان چڱي طرح واقف هيا. هنن وٽ ڪوبه غريب ۽ امير ڪونه هيو. سڀني جا هڪ جهڙا گهر، رهڻي ڪهڻي هڪجهڙي، منجهن غريب امير جو ڪوبه تفاوت موجود نه هو. هيءُ سماج اوائلي اشتراڪي سماج هيو، جنهن ۾ گڏيل ملڪيت جو

رواج هو. ذاتي ملڪيت جو بنياد گهٽو پوءِ پيو. هر ڪو محنت ڪندو هو، هن اشتراڪي سماج جي تصوير جڳ مشهور مفڪر جوزف اسٽالن هن طرح چٽي آهي:

”اوائلي اشتراڪي سرشتي  پيداوار جي لاڳاپن جو بنياد هيءُ هو ته پيداوار جا وسيلا سموري سماج جي گڏيل ملڪيت هوندا هئا.  معاشي لڳ لاڳاپا پيداوار جي طاقتن سان برابريءَ وارا هئا. پٿر جا هٿيار  ان کان پوءِ گز ڪمان، ان دور جي وسيلن جي فقط اها ئي پونجي هئي. جيڪڏهن هو پاڻ  گڏجي انهن هٿيارن جي مدد سان فطرت جي مخالف طاقتن  جهنگلي جانورن سان مقابلو نه ڪن ها ته سندن جيئرو رهڻ مشڪل هو. پيلن  جهنگلن مان ڦل هٿ ڪرڻ، مڇي مارڻ  پنهنجي اجهي ناهڻ لاءِ پاڻ  گڏجي ڪم ڪرڻ سندن لاءِ تمام ضروري هيو. هو پاڻ  گڏجي ملي رهڻ سان ئي جهنگلي جانورن  پر پاسي وارين ڌارين قبيلن جي حملن کان پاڻ بچائي ٿي سگهيا. گڏجي ڪم ڪرڻ سبب پيداوار جي هٿيارن تي سڀني جو گڏيل حق هوندو هو  انهيءَ ڪري محنت جو ڦل به سڀني جي گڏيل ملڪيت هئي. انهيءَ سماج  پيداوار جي وسيلن تي ڪنهن فرد جي ملڪيت جو تصور به پيدا ڪين ٿيو هو. سواءِ انهيءَ جي ته ڪي پيداوار جا هٿيار جن جي مدد سان جهنگلي جانورن جو مقابلو ڪيو ويندو هو، ذاتي ملڪيت هوندا هئا. انهيءَ سماج  نڪي ته ماڻهو هڪ ٻئي جي محنت جي ڦرلٽ ڪندا هئا  نڪي اجا هو طبقن  ئي ورهايل هئا.“ (6)

اوائلي اشتراڪي سماج جي مٿي پيش ڪيل تصوير اسان کي سنڌ جي قديم شهرن جي اڏاوت

 گهـــرو ريتن رســـمن  اوزارن مـــان ملي ٿي. آمريءَ جي هيٺئين زميـني تهـه تي بنيـاد پيـل ڳـوٺ مان اهـڙا نشـان مليـا آهن. جـتي سـڄي ڳـوٺ جي رڌپچاءَ جي هڪڙي جڳهه آهي  هـر هنـڌ جـدا جـدا رڌ پچـاءَ جـون چلهيـون يـا ٻيـا نشـان نـه مليـا آهن. آمري جي کوٽائي مان گهرن جي جوڙجڪ  چلهين جا نشان هر گهر  نه ملڻ پر هڪ هنڌ سڄي ڳـوٺ جو رڌپچاءُ ٿيڻ جا آثار ملڻ  سڀني جي هڪجهــڙي زندگي گذارڻ جا آثار ملڻ مـان ظـاهر آهي تـه هي تهــذيب ان دور جي آهي، جــڏهن سـڄو ڳـوٺ هڪ ايڪــو هــو. جنهن جي پئـدائش  دولت سـڀني جي گڏيل ملڪيت هئي  ان جو ڪاپو به گڏيل جوابداري  حق هو. ممڪن آهي ته رڌپچاءُ به اجتمـاعي هــو. تهذيب جو اهو دور سنڌ  اوائل ڪان شـهري تمـدن جي لڳ ڀڳ آخر يعني 2000 ق-م تائين هيو. ٻيو تــه موهن جي دڙي جي وچين تهـه  اوائلي اشـتراڪي سـماج جي چـٽي تصـوير ملي ٿي. بقـول سـر جـان مارشل جي ته؛ ”سـنڌ انـدر سـندر عمـارتون فقـط نگر واسـين جي سـک لاءِ جڙنـديون هيـون، پـر ٻين ڏيهن جهڙوڪ مصر  اولهه ايشـيا  کـو بـه اهـڙو مثال ڪونه ٿو ملي. ڇو جـو انهن ديسـن  ديوتـائن جي منـــدرن، محلاتن  راجــائي ســـماڌين تي بي شـمار نـاڻو لـٽيو وينـدو هـو. بـاقي عـام مـاڻهو ائين بلڪل سادين مٽيءَ جي ٺهيل جهوپڙين  رهندا هئا. پر سـنڌ  تصـوير جـو بلڪـل ٻيـو روپ آهي، جـتي سـندر عمـارتون صـرف نگـر واسـين جي سـک لاءِ جڙنديون هيون.“ (7)

## جمهوري معاشرو

آرڪيالاجي جي ماهر گيوسان (Giosan) موجب هن ڪان اڳ قديم مصر ۽ عراق دنيا جا پهريان وڏا شهري تهذيب جا مرڪز سمجهيا ويندا هئا، پر بعد ۾ ٿيل تحقيق موجب انهن ڪان وڏي تهذيب سنڌو ماٿري جي شهري سڀيتا هئي. هي تهذيب دنيا جي 10 سيڪڙو آدمشماري تي مشتمل هئي. گيوسان موجب سنڌو تهذيب مصر ۽ عراق جي تهذيبن ڪان وڌيڪ جمهوري سوسائٽي هئي. هن تهذيب جي شهري مرڪزن ۾ مصر ۽ عراق وانگر اهم شخصيتن جهڙوڪ بادشاهن ۽ مذهبي پروهتن لاءِ وڏيون عمارتون ۽ محل نه جوڙيا ويندا هئا. (8)

## سياسي صورتحال

جيولاجي جو ماهر جان روچ نيشنل جاگرافڪ ميگزين ۾ لکي ٿو ته موهن جي دڙي ۾ ڪنهن عاليشان محل، مندر يا يادگار قسم جي منارن جي غير موجودگي ثابت ڪري ٿي ته هتي بادشاهه يا راڻي جو تخت تاج ڪونه هو. وسڪونسن ميڊيسن يونيورسٽي آمريڪا جي پروفيسر جوناٿن مارڪ ڪينوائر موجب موهن جي دڙي جي آثارن ۾ راڻي يا راجا جي غير موجودگي مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته موهن جي دڙي کي هڪ شهري رياست طور مختلف محلن مان چونڊيل ماڻهن وسيلي هلايو ويندو هوندو. جان روچ ۽ پروفيسر جوناٿن مارڪ جي اها تحقيق ٻڌائي ٿي ته چونڊيل جمهوري طرز حڪومت جي خالق به سنڌ ئي آهي۔ (9) چونڊيل جمهوري طرز واري حڪومت جا خالق به سنڌو سڀيتا جا وارث هئا.

دنيـا جي پهـرين سـماجوادي رياسـت سـنڌو ماٿر جا ماڻهو ترقيءَ جي بلندين تي هئا. هــو ڪڇي مــال هٿ ڪــرڻ لاءِ غــورابن ۾ چــڙهي دنيــا جي مختلـف ڪنـڊن تي وڃي نڪرنـدا هئـا. جن ڪـان هـو اڳئي واقـف هيـا. ٻـاهرين دنيـا لاءِ سـنڌ هڪ مثـالي ملڪ هيو. سمير جي ماڻهن لاءِ سنڌ جو ملڪ معتبر حيثيت رکندو هو. هو سنڌ سان پنهنجون روايتــون ۽ قصا منسوب ڪندا هئا. بـابلي تهـذيب تي سـنڌ جي سڌريل سڀيتا جو وڏو اثر هيو. سمير مان لــڌل هڪ ڪتبي ۾ سنڌ جي ساراهه ڪجهه هن ريت ملي ٿي: ”اهو ملڪ، جـو سـمير جي اوپـر ڏي آهي؛ ۾ جتـان ٻيڙين رستي گهڻـو ڪجهـه هت اچي ٿـو. اهـو اهـڙو ملڪ آهي، جتان سج اڀـري ٿـو ۽ اهـو بهشـت آهي، جتي ڪوبه مريض ناهي، ڪي بيواهون ۽ يتيم ٻار نه آهن.“(10)

## تشدد نه پر امن تي ٻڌل تهذيب

دنيـا جي قـديم تـرين سـنڌو سـڀيتا جي اهم خاصيت ان جي پرامن طـرز زنـدگي هـئي. چاڪـاڻ جو هتان جي قديم آثارن مان هڪ بـه هٿيـار ڪونـه لـڌو آهي. اهـڙو انڪشـاف 1976ع ۾ پاڪسـتان ۾ قـــديم آثــارن تي تحقيـــق ڪنـــدڙ هڪ آمـــريڪي آرڪيالاجسـت جونـاٿن مـارڪ ڪينـوائر آمـريڪن سينٽر ۾ سـنڌ جي تهـذيب جي مختلـف پهلـوئن تي ليڪچـر ڏينـدي ڪيـو آهي. ڊاڪـٽر ڪينـوائر مـوجب ميسـوپوٽيما، اومـان، مصـر، چين، آمريڪـا ۽ ڏکڻ آمريڪا جهڙين قـديم تهـذيبن جي ابـتڙ سـنڌو مـاٿر جي تهذيب وڙهج واپـار ڪنـدڙ تهـذيب هـئي. مختلـف

سببن جي ڪري هتان جو وڻج واپار صدين تائين جاري رهيو. آمريڪي ماهر موجب آڳاٽي دور ۾ سنڌ جي تهذيب وارن ماڻهن تي جنگي ٽيڪنالاجي موجود نه هئي. اتان جي علائقن ڪي وڏي پئماني تي قلعي بند شڪل ڪونه ڏني وئي هئي ۽ نه وري انهن هنڌن تان هٿيارن کي گڏ ڪرڻ جي ڪا ثابتي ملي آهي. سنڌ جي قديم آثارن مان مليل مهرن، مجسمن ۽ نڪرن جي ٿانون تي جنگين، فوجي ڪاهن ۽ جنگي قيدين جون تشبيهون به اڪريل ڪونه آهن. آمريڪي ماهر موجب مهرڳڙهه جي ڪجهه قبرن مان هٿ آيل لاشن کي بي رحمي سان مارڻ جا ثبوت پڻ نه ٿا ملن. انهن آڳاٽن ماڻهن تي ايڪڙ ٻيڪڙ اڳرايون ۽ جهيڙا ته ٿيل ملن ٿا پر هٿياربند جنگ جهڙي ڪا وڏي سرگرمي ٿيڻ جا اهڃاڻ نه ٿا ملن. نه ئي وري سنڌو ماٿر کي جنگي ڏاڍ ۽ جبر وسيلي ڳنڍيو ويو هو. جوناٿن مارڪ موجب هتان جي رهواسين اهڙي ٽيڪنالاجي ڪتب آندي ۽ ان کي اوسر ڏني جيڪا شهري زندگي جي گهرج پٽاندڙ هئي.

ظاهر آهي ته سنڌي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ مان چاٽندا ئي ڪونه هئا. هو نهايت مهذب هيا. سنڌ جي ماڻهن وٽ تشدد يا دٻاءَ جو تصور ئي ڪونه هيو. هو امن امان جا قائل هيا. ان ڪري ته سندن شهرن مان هٿيار ڪونه مليا آهن. پر هٿيارن يا مذهبي نڪاڻن بدران انهن جي شهرن مان اڪر (علم) مليا آهن. هو ان ئي پنهنجي طاقت يعني علم ۽ هنر سان دنيا جي هر ڪنڊ ۽ ڪڙڇ ۾ پکڙيا. هنن پنهنجن غورابن ۽ جهازن ۾ چڙهي سمنڊن جا سينا چيري وڃي اڻ وسايل پٽ آباد ڪيا. هنن جي هٿن ۾ ڀالن، ترارن ۽ نيزن جهڙن هٿيارن بدران قلم، ڏاتو ۽ ونجهه هيا. اها ئي سندن ترقي ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي لڪل

قوت هئي. اهو ئي سندن زندهه رهڻ جـو مقصـد ۽ متـو هيـو. سـنڌ جي آڳـاٽن رهـاڪن جي سوسـائٽي بـابت ڊي ڊي ڪوسـمبي اسـان کي ٻـڌائي ٿـو تـه: ”تشدد ۽ دٻاءُ نه پر مهذب پڻو سنڌو سوسائٽي جي نظرياتي طاقت هيو.“ (12)

مصر جا فراعنه جنگجو هئـا، ڪلـديا ۽ اشـور جـا مـاڻهو وحشـي ۽ خونخـوار هئـا. هـو پنهنجن مخالفن جون زبانون وڍيندا هئا، فـنيقي ڌاڙيـل هئـا، ٻانهين جو وڪرو ڪندا هئا، ايراني پڻ پنهنجي هيٺين رعيت کي آزاريندڙ هئا، پر سـنڌو مـاٿر جي شـهرن مان ڪابـه اهـڙي شـيءَ هٿ ڪانـه آئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ته ملڪ ۾ لـڙائي بـه لڳنـدي هـئي. آثار قديمه جـو هڪ مـاهر مسـٽر بـريلس فـورڊ ان بـابت چـوي ٿـو تـه مـوهن جي دڙي جي شـهر کي چوطرف ڪوٽ قلعـو نـه آهي ۽ جنگي هٿيـارن جي نه ملڻ ڪري چئي سگهجي ٿـو تـه شـهر جـا مـاڻهو صلح سانت ۾ رهندا هئا.

سنڌو ماٿر جي شهري رياسـت جـا رهواسـي سياسي طور آزاد هئا، هـو ڪنهن بـه ڌاري قـوم يـا قبيلي جا ماتحت ڪونه هيا، اهو ئي سـبب هيـو جـو هو پنهنجن صلاحيتن کي آزادانه نموني اجاگر ڪـري سگهيا. آزاديءَ سان گڏ تـرقي ڪـرڻ جي خـواهش ڪري هو غور فڪر ڪـرڻ ۽ نيـون ايجـادون ڪـرڻ لڳا. هنن هڪ ٻئي سان تعاون پيدا ڪيو، هڪ تنظيم ٺاهي. پنهنجي لاءِ قانون مقـرر ڪين، حڪـومت جـو بنيـاد وڌن. جنهن ۾ هـر رهواسـيءَ جي حفـاظت حڪـومت جي ذميـواري هـئي. حڪـومت مختلـف طبقن جي نمائندن تي مشتمل هوندي هئي، پـر ان ۾ خاص ڪردار واپاري طبقي جـو هونـدو هـو. انهن نمائندن مان حاڪم چونڊيو ويندو هو. جيڪو پنهنجي

جمهور اڳيان جوابدار هيو.

## شهري نظام

سنڌو سڀيتا جي وارثن وٽ هڪ معقول بلدياتي نظام رائج هيو ۾ ان سلسلي ۾ شهر کي صاف رکڻ، چوڪيداري نظام، عام فلاح ۾ بهبود لاءِ اناج جا گدام، عوامي کوهه، تورڻ ۾ ماپڻ جا مختلف پئمانا هڪ منظم سماجي زندگيءَ جي نشاندهي آهي.

موهن جي دڙي ۾ ڪن هنڌن تي ٽنين جا وڏا هال آهن. جتي انهيءَ زماني ۾ ماڻهو خاص ڪمن لاءِ پئنچاتون ڪندا هئا. انهن مان هڪ هال ته 80 چورس فوٽ ڪشادو آهي. جنهن ۾ ويهڻ لاءِ درجه بدرجه بئنچن وانگر مٽيءَ جا ڌاڪا ٺهيل آهن. جڏهن ته اڳواڻن جي ويهڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم ڪجهه مٿيرو ٺهيل آهن.(13) انهن هالن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان زماني ۾ ماڻهو شهر جو انتظام هلائڻ لاءِ انهن هالن ۾ گڏجاڻيون ڪري صلاح مشورا ڪندا هئا، جنهن جي موجوده دور ۾ جديد شڪل اسيمبلي آهي.

## شهري اڏاوت جي رٿابندي

موهن جي دڙي جي بيهڪ مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت جا ماڻهو سليقيدار ۾ شاهوڪار هئا. سندن گهر ننڍن ننڍن محلن ۾ ورهايل هئا. جن

جـون گهـٽيون سـڌيون ۽ آمهـون سـامهون هيـون، گهـــرن جـــون ڪي ســـرون اهڙيـــون آهن، جن تي هزارن سالن گذرڻ بعد به ڪوبه اثر ڏسڻ ۾ نـه ٿـو اچي. قديم آثارن جي مـاهرن ڪـان سـواءِ پيـو ڪـو ڏسندو ته ائين ئي چوندو ته ڇـتين ڪـان سـواءِ گهـر ڇڻ ته تازي زماني جـا ٺهيـل آهن. جـاين ۾ رهڻ لاءِ ڪوٺيون، غسلخانه ۽ کوهيون بـه آهن. ديـوارن تي انـدران ٿي انچ ليپـو چڙهيـل آهي. محلن جي انـدر گهـرن ۾ گهـڙڻ لاءِ هڪ وڏو دروازو ٻـاهرين گهـٽي مــان آهي. ڪن گهــرن ۾ گهـــڙڻ لاءِ ٿي دروازا بـــه آهن. شهر جا ڪي گهر دڪانن وانگر نظر پيــا اچن. هڪ دڪــان شــراب خــانو پيــو لڳي. هڪ دڪــان ۾ نيرولي جي ڪن هئي. انهيءَ تي رنـگ جـا داغ اجـا موجــود آهن. هڪ وڏي ڪليــل عمــارت انــدر، جنهن جون ديوارون 7 يا 8 فـوٽ آهن، هڪ وڏو تلاءُ آهي. جنهن ۾ لهڻ لاءِ ڏاڪـا آهن. تلاءَ جـو تـرو مضـبوط، لسو ۽ صـاف آهي. تلاءُ 39 فـوٽ ڊگهـو، 23 فـوٽ ويڪرو ۽ 8 فـوٽ اونهـو آهي. تلاءَ لـڳ کوهـه آهي، جتان تلاءَ ڪي پريو وينـدو هـو. تلاءَ جي تـري ۾ هڪ ڪنڊ وٽ سوراخ هو، جتان گندو پاڻي نيڪـال ڪـري تلاءَ ڪي صـاف ڪيـو وينـدو هـو. تلاءِ جي اوسـاري سيمينٽ جهڙي مصالحي سـان ٿيـل آهي. سـم جي روڪڻ لاءِ ڏانـبر ۽ ڪنڪــريٽ اسـتعمال ٿيـل آهي. دڙي جي گهــرن انــدر جيڪي غســلخانه مليــا آهن، سي سـوڙها پـر سـندن فـرش تمـام مضـبوط ٻـڌل آهن. چن ۽ پڪين ســـرن جي پـــور مـــان گـــڏيل مصـالحي جي فرشـبندي ٿيـل آهي. غسـلخانن جي فرش جي ليول لهواري آهي. ته جيئن پـاڻي آسـاني سـان ٻـاهر هليـو وڃي. ڪيـترن گهـرن ۾ ننـڍيون کوهيون ۽ وڏا کوهه به مليـا آهن. جن جي اوسـاري گول سرن سان ٿيـل آهي. هـرهڪ رسـتي ۽ گهـٽي

سان ڪوهه ڪوٺيل آهن. ڪن ڪوهن تي ويهڻ لاءِ سرن جون ٺهيل سِٽون جڙيل آهن. جنهن تي پاڻي پرڻ وارا اچي ويهندا هوندا.

شهر مان گندي پاڻي جي نيڪال جو سسٽم تمام سهڻي نموني رکيل آهي. هرهڪ گهٽي ۽ رستي سان پڪين سرن سان ٻڌل ناليون آهن. جيڪي سموريون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. معلوم ٿئي ٿو ته شهر ۾ هڪ سٺي ميونسپالٽي هئي. ۽ ماڻهن کي شهر جي آبادي جي صحت جي حفاظت جو گهڻو اونو هيو. گهر هڪ ٻئي کان ايترو پري آهن، جو هرهڪ گهر ۾ روشني ۽ صاف هوا اچي سگهي.

سر جان مارشل لکي ٿو ته؛ ”پراڻي ايجپٽ ۽ مصر خواهه اولهه ايشيا ۾ اهڙو ڪوبه مثال ڪونهي جنهن سان موهن جي دڙي جي ٺهيل سنان ڪوٺين ۽ ڪشادن گهرن سان ڀيٽ ڪري سگهجي.“ (14)

اوج جي پهتل سنڌو سڀيتا 2000 ق م کان پوءِ موسمي تبديلين سبب آهستي آهستي ڊرڪڻ لڳي. شهر پنهنجو اوج برقرار رکي نه سگهيا. برساتن گهٽ پوڻ سبب درياهي وهڪرن ۾ لاٿ اچڻ لڳي. زراعت گهٽجڻ سببـ هن ماڻري جي ماڻهن جي زندگي جيئن پوءِ تيئن مشڪلاتن جو شڪار ٿيڻ لڳي. جنهن سبب ماڻهو جياپي لاءِ لڏپلاڻ تي مجبور ٿيا ۽ شهر پنهنجو اوج برقرار رکي نه سگهيا.

## سنڌو سڀيتا جا شهر آباد ڪندڙ ڪي ٻاهريان ماڻهو نه پر مقامي هئا

آمريڪا ۽ انڊيا جي سائنسدانن جي هڪ ٽيم موجب سنڌو ماٿري جي هي تهذيب رڳو شهري مرڪزن تي مشتمل نه هئي پر سنڌو ماٿري جي قديم رهواسين ڳوٺن کان نڪري شهر آباد ڪيا ۽ بعد ۾ به ڳوٺن کان شهرن طرف لڏپلاڻ ٿيندي رهي. (15) يونيورسٽي آف فلوريڊا (University of Florida) جي سائنسدان بينجمن ويلنٽائن، جان ڪريگبوم، جارج ڪيمانوف، دکن ڪاليج پوني جي ٻن سائنسدانن وسنت شاندي ۽ وينا مشرف ترپاٺي ۽ آمريڪا جي ٻن ٻين سائنسدانن سان گڏ سنڌوماٿري جي شهري مرڪزن ۽ ڳوٺن تي جامع تحقيق ڪئي. (16) انهن اڳ قائم ڪيل ان تصور کي رد ڪيو ته سنڌو ماٿري جي شهري تمدن جو بنياد رکندڙ اتان جا مقامي ماڻهو نه پر ڪي ٻاهران آيل ماڻهو هئا. ماهرن جي هن ٽيم هڙاپا ۽ هريانا جي قديم ماڳ فرمانا مان مليل 4 هزار سال پراڻن انساني ڍانچن جي ڏندن تي ڪيميائي تحقيق ڪئي. هنن تحقيق ذريعي ثابت ڪيو ته سنڌو ماٿري جي تهذيب مرحلي وار ارتقا جا ڏاڪا طئه ڪيا. ان جا خالق ڪي ٻاهريان آيل ماڻهو نه پر مقامي رهواسي هئا.

سنڌو سپيتا جي دور ۾ دنيا جون ٻيون قديم تهذيبون

| نالو | دور | علائقو | ڌنڌو ڌاڙي | لکت جو نظام |
|---|---|---|---|---|
| سنڌو سپيتا | 3500 کان 1500 ق م | موجوده پاڪستان ۾ پارت | شهري رٿابندي، زراعت، واپار، ڌات، جانورن جي پالنا | تصويري لکت |
| سميري تهذيب (ميسوپوٽيما) | 3000 کان 750 ق م | عراق | جانورن جي پالنا، ڌات، ٽيڪسٽائيل | ڪيونيفارم |
| مصر جي تهذيب | 3000 کان 800 ق م | مصر ۾ نيل ندي ڪناري | احرام مصر، مميون، سولر ڪليندر | هيروگليفڪ |
| چيني تهذيب | 1600 ق م کان پهرين صدي عيسو | چين | عظيم ديوار، ڪپڙو، ڪاغذ، ڌات | چيني |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | ي | | | |
| يوناني تهذيب | 2700 کان 1100 ق م | يونان | زراعت، شراب، فن | يوناني |

## حوالا ۽ سمجهاڻيون:


1. لينن، ”رياســـت اور انقلاب“ ماســـکو، ص- 146
2. اينگلز، فريڊرڪ؛ ”خانــدان، ذاتي ملڪيت اور رياست کا آغاز“ ماسڪو
3. اينگلز، فريڊرڪ؛ ”خانــدان، ذاتي ملڪيت اور رياست کا آغاز“ ماسڪو
4. دوني، قمــر الــدين، ”تهــذيب ۽ تمــدن جــو مرڪز اولهه پاڪستان“، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ 1965ع
5. Archaeological Survey Report 1924-25, P-61-62
6. اسٽالن، جوزف، مارڪسي فلسفو، ص- 76-77

7. Marshall, “Mohenjo Daro and Indus Civilization” Vol: 1, P-VI

8. Charles Choi, Huge Ancient Civilization's Collapse Explained, Live Science, May 28, 2012, http://www.livescience.com/20614-collapse-mythical-river-civilization.html

See also: http://www.huffingtonpost.com/2012/05/29/indus-valley-civilization-climate-change_n_1553088.html

9. By John Roach, "Faceless" Indus Valley City Puzzles Archaeologists, http://science.nationalgeographic.com/science/archaeology/mohenjo-daro/

10. Crammer, Dr. Noah, Report in Daily Dawn Karachi, December 1960

11. الحق، سراج، سنڌي ٻولي، ص: 86-87

12. Kosambi, D.D. The culture and civilization of Ancient India in Historical Lines

13. تمدن سنڌ، ص-25

14. Marshall, Sir John, “Mohen jo Daro and Indus Civilization” Vol: 1, P-VI

15. http://
timesofindia.indiatimes.com/.../
articlesh.../47111875.cms

16. The researchers were led by University of Florida scientists Benjamin Valentine (who is now at Dartmouth College), John Krigbaum and George Kamenov with two Deccan College, Pune scientists Vasant Shinde and Veena Mushrif-Tripathy, and two more US scientists making up the other members. Their research paper is published in in the online journal PLoS ONE.

# سنڌو ماٿر □ شهري رياست جي معاشرتي حالت

## ناچ □ سنگيت

جذبات جي اظهـار جـو اولين □ مـوثر ذريعـو راڳ رهيو آهي. انساني معاشري □ نــاچ □ راڳ کي

خاص مقام حاصل رهيو آهي. سنڌو سڀيتا جا وارث يعني موهن جي دڙي جا رهواسي راڳ ۽ ناچ جي باري ۾ چڱيءَ طرح باخبر ۽ شوق رکندڙ هئا. موهن جي دڙي مان نڪتل ناچڻيءَ جو مجسمو ۽ بانسري ان ڳالهه جا ثبوت آهن، ته سنڌو ماٿر جي سڀيتا جا وارث راڳ سان نه رڳو محبت رکندا هئا پر ان کي پنهنجي شوق جو ذريعو بڻاين. ان دور ۾ موسيقي جو فن ايتري قدر ترقي ڪري چڪو هو جو مجسما بڻائي سجاوٽ يا يادگار طور رکيا ويندا هئا. ناچ ۽ سنگيت سنڌو ماٿر جي ماڻهن جي روح جي غذا بنجي چڪو هو. فنڪارن، سنگتراشن ۽ نقاشن کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. سنگتراش پنهنجي ديس جي مشهور شخصيتن جهڙوڪ: ناچن يا ناچڻين ۽ ڳائڻن وغيره جا بت تراشڻ ۾ شهرن اندر چوڪن يا اهم جاين تي انهن کي نسب ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. سنڌو ماٿريءَ ۾ موسيقي، سُر ۽ سنگيت جو تعلق ڳوناٽي زندگيءَ سان بيحد گهرو ۽ ويجهڙائي وارو پئي رهيو آهي. سنڌي موسيقي جون پاڙون ڳوناٽي ثقافت ۾ وڏيڪ گهريون هيون. موهن جي دڙي مان هڪ اهڙي سيل (مهر) ملي آهي، جنهن ۾ هڪ شخص وچ ۾ بيهي ڍولڪ وڄائي رهيو آهي ۽ سندس چوڌاري ڪيترائي ماڻهو ناچ ڪري رهيا آهن.

## زيور ۽ جسماني ٺاهه ٺوهه

سنڌو سڀيتا جا وارث  هر قسم جا زيور تيار ڪندا هئا. هو مٿي تي پائڻ جا زيور، ڳچيءَ ۾ پائڻ

جا زيور، ٻانهن ۽ پائڻ جا زيور، نراڙ جا زيور، ڪنن جا زيور، هٿ جون گجريون، منگليون، ڪنگڻ ۽ بازو بند ٺاهيندا هئا. (1) هو اهي زيور ڪنجهي ۽ ٽامي سان گڏ هڏن، ڪوڏن ۽ سپن مان پڻ تيار ڪندا هئا. ٻيو ته ٺهيو پر اهڙا نفيس ڪم به ٿيندا هئا، جو موهن جي دڙي جا ماڻهو قميص جا ٻٽڻ پڻ ٺاهيندا هئا. جيڪي ڪوڏين مان تيار ڪيا ويندا هئا. انهن تي به مختلف ڊزائنون، نقش ۽ چٽ پڻ چٽيندا هئا. اهي ٻٽڻ رٿ جي چڪر يا ڦيٿي جي نموني تي ٺهيل آهن.(2)

موهن جي دڙي مان مٽيءَ جي هڪ پڳل مورتي لڌي وئي آهي، جنهن جي ڳچيءَ ۾ هار ۽ ٻانهن ۾ چوڙا پيل آهن.(3) موهن جي دڙي مان ٻه چوڙا به لڌا ويا آهن، انهيءَ سان گڏ هڪ پتلي به ملي آهي، جنهن ڪي هڪ ٻانهن ۾ ڪلهي ڪان ڪرائي تائين چوڙا پيل آهن. ٻي ٻانهن ۾ رڳو ڪرائي وٽ چوڙا پيل آهن. موهن جي دڙي واري دور ۾ ڪي زالون ٺونٺ ڪان وٺي ڪلهن تائين ٻانهين چاڙهينديون هيون.(4)

چانهون جي دڙي واري شهر ۾ زيور ايترا ته ٺهندا هئا جو اهو شهر آرڪيالاجي ماهرن طرفان ”زيورن جو شهر“ سڏيو ويو. چانهون جي دڙي مان سون، مٽيءَ، ٽامي ۽ سپيءَ مان ٺهيل چوڙيون، هار، تائيٿ، ٻهه رڪيون، بازوبند، ڏند ڪوٽيون، ڪن ڪوٽيون، وارن جون ٽاچنيون، سرمي وجهڻ جون سرايون ۽ ڪانيون هٿ آيون آهن. (5) چانهون جي دڙي مان لڌل مٽيءَ جي تائيٿن مان هڪ تي ٻن هرڻن جون تصويرون اُڪريل آهن. مٽيءَ جي هڪ تائيٿ تي ڪنول جي گل جي ميووي جي تصوير اُڪريل ملي آهي. (6)

مٿئين ثابتين مان معلوم ٿئي ٿي تـه سـنڌ جـا هنرمند اوائل کان چوڙيگري جي فن کان واقف هئـا ۾ هو هار ۾ ٻانهن جا چوڙا بهـتر قسـم جـا جوڙينـدا هئا. ان کان سواءِ ان وقت جا ڪـاريگر اڄ وانگيـان ”ٻانهيون“ به جوڙيندا هئا. جيڪي ٻانهيون ٺونٺ کان ڪلهن تائين پاتيون وينديون هيون. (7)ـ مـوهن جي دڙي مان اهڙيون لاتعداد زنانيون مورتيون به مليون آهن، جن جي جسـم تي ڪـوبـه ڪـپڙو نـه آهي، پـر سندن ڳچيءَ ۾ سيني تي ڳهڻا هار ۾ مالهـائون پيـل آهن. (8) موهن جي دڙي مان مليـل هڪ مجسـمي ۾ عـورت جـا گهنديـدار وار پوئـتي لٽڪيـل ڏيکاريـل آهن، ڪن مــورتين جي چــوٽي پوئــتي نهيــل آهي، جيڪــو اڄ بـه رواج آهي. عورتــون وارن ۾ پنــون ۾ ٻڪل وجهنـديون هيـون. مـردن جي وارن جي ٺاهـه ٺوهه جا طريقـا الڳ هئـا. راڄ جي چڱي مـڙس جـا وار ٻتــون هئــا، مــردن ۾ ڏاڙهي نــاهڻ جــا مختلـف طريقا هئا، ڪن جون ڏاڙهيون ڪوڙيل ته ڪن جون وري چاپڙيون ڏاڙهيون هيون.

موهن جي دڙي جي دور ۾ سنڌ ۾ سـونارڪو هنر به عروج تي هيو، چـانهون جي دڙي مـان سـنڌ جي ڪاريگرن جون نهيل چوڙيون، هار، تـائيث، ٻهـه رڪيون، بازو بند، وارن جون ڏاچنيون، سرمي وجهڻ جون سرايون ۾ ڪانيون هٿ آيون آهن. (9)

هڙاپـا ۾ مــوهن جي دڙي مــان زيــور اڪــثر ڪــري گهــرن جي فــرش هيٺــان يــا ٻـتين جي انـدر احتياط سان پوريا ويندا هئا. هتان مليل زيورن مـان اندازو ٿئي ٿو ته سنڌو ماٿر جون عورتـون حسـن ۾ جمـال جي نکـار لاءِ ڪـثرت سـان زيـور اسـتعمال ڪنــديون هيــون. سـنڌي عورتــون ســينگار جــون شـوقين هيـون. حسـن جي نکـار لاءِ سـرمداڻيون ۾

سرايون گهٽي تعداد ۾ مليون آهن. ٽامي جا گول آئينا به مليا آهن. پيرن کي صاف ڪرڻ لاءِ پڪل مٽيءَ جا کهرا ٽڪر به مليا آهن.

## مصوري

جنهن وقت سنڌ اندر ڳوٺاٽي ثقافت اپري رهي هئي ته ان وقت ڳوٺاٽي ثقافت جا ماڻهو سادي سودي نموني جون تصويرون پڻ ڪڍندا هئا. اهڙا آثار اسان کي آمريءَ جي کوٽائي مان مليا آهن. عام طور تي آمري جا رهواسي هر ڏينهن جي خاص واقعي کي تصويرن ذريعي محفوظ ڪندا هئا. هو مٽيءَ، پٿر، هڏي ۽ هاٿي جي ڏندن تي ڏاڍيون سهڻيون ۽ دلڪش مورتون ٺاهيندا هئا. هو پنهنجي هٿيارن ۽ ٿانون تي نقش نگاري ڪندا هئا ۽ انهن کي عجيب طريقي جي چٽن سان سينگاريندا هئا. (10)

آمريءَ مان مليل ٿانون تي خاص نموني جا چٽ چٽيل آهن. ٿانون جي تري تي ٿلهن ڪارن پٽين تي لاڳيتا ٽڪنڊا مليا آهن. ٽڪنڊن جي پاسن ۾ ڳاڙهو رنگ پريل آهي. اهي ٿانون تي چٽيل ٽڪنڊا چونئرن جي شڪل پيا لڳن. ڄڻ ته انهن مٿن ۾ نادين تي ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ جو نظارو چٽيل آهي. جنهن ۾ چوئنرن جهڙا گهر هڪ ٻئي جي ويجهو نهيل آهن. آمريءَ جي ماڻهن ان دور ۾ پنهنجي ٿانون تي ساهوارن شين جا بوٽا يا شڪليون ڪڍڻ شروع ڪيون. انهن شڪلين ۾ ڳئون ۾ ڍڳي جي شڪل گهڻي ملي ٿي. اها شڪل هرڻن ۾ ڦاڙهن جي شڪل کان وڌيڪ بهتر قسم جي نهيل معلوم

تـئي ٿي. (11) پيـو تـه آمـريءَ جي ٿـانون تي مڇي جهلڻ جي رڇن ۽ جارين جا خاڪـا پڻ نظـر اچن ٿـا ۽ رليءَ جي ڇٽن جو بهترين نمونو به هن ئي دور ۾ ملي ٿو.

نال جي قبرستان مان هيڊي يا سائي خـاڪي رنگ جا ٿانون مليا آهن، جن تي جـدا جـدا نمـونن ۾ ڪاري، نيري، هيڊي ۽ ڳاڙهي رنـگ جـون ڊيزائنـون نڪتل آهن. ڪڙي ماهي مان مليل خاڪي رنـگ جـا ٿانون تي جانورن ۽ قدرتي منظرن جون تصـويرون چٽيـل آهن. مـوهن جي دڙي مـان نـيري رنـگ واري چٽسالي ٿيل ٿانون پڻ مليا آهن.

راڻا گنڊئي مان مليل ٿانون تي پهريان ڳاڙهي ۽ هيـڊي رنـگ جـا تهـه ڏنـل آهن، انهن جي مٿـان ڪاري رنـگ جي مصـالحي جي چٽسـالي ٿيـل آهي. ڪوٽ ڏيجيءَ جي مٽيءَ جي ٿانون تي عـام پينٽنـگ ڪئي ويندي هئي. شروعاتي دور جي ٿانون تي مور جون تصويرون ۽ مڇيءَ جا نمونا ملن ٿا. (12)

چانهون جي دڙي مان لڌل مـٽيءَ جي ٽـائيلن مان هڪ ٽائيل تي ٻن هرڻن جون تصويرون اُڪريل آهن، مٽيءَ جي هڪ ٽائيل تي ڪنـول جي گـل جي ”ميووي“ جي تصوير پڻ اُڪريل آهي. اها ان زماني جي مصوري آهي. (13)

## رانديون

سنڌو ماٿري شطرنج جي جاءِ پيـدائش هـئي. مـوهن جي دڙي مـان اهڙيـون ڳوٽـون ۽ پـٽر مليـو آهي، جنهن تي شطرنج جا خانـا نهيـل آهن. ان دور

□ بـه شـطرنج ائين کيـڏي وينـدي هـئي، جـيئن هن وقت کيـڏي وڃي ٿي. مـوهن جي دڙي مـان اهــڙا ثبوت ملڻ کان اڳ ڪي ماهر شطرنج راند کي گنگا نديءَ جي ڪنارن تي جنم ورتل رانـد، تـه ڪي وري ان کي ايـران، عـرب □ مصـر جي ايجـاد سـمجهندا هئــا. جــڏهن تــه هيءَ رانــد يــورپ □ 11 صــدي عيســويءَ □ پهـتي. ڪجهــه انســائيڪلوپيڊيائن جي مصنفن ان راند کي برصغير جي رانـد ڪوٺيـو آهي، جيڪا ايران کان ٿيندي يورپ پهتي.

جڏهن سر جان مارشل مـوهن جي دڙي جي کوٽـائي ڪـرائي تـه اتـان اهـڙا پـٿر مليـا، جن کي پهريان تور جا وٽ سمجهيو ويـو. پـر پـوءِ اهـڙا وٽ الڳ الڳ مليا. جن جي تور ڪئي وئي ته معلوم ٿيــو تـه اهي مهـرون شـطرنج جي وڏيڪ ويجهـو آهن. (14) بعد □ سر مورٽيمر ويلر □ ڊاڪٽر ايف اي خان به ان تي تحقيق ڪـئي □ ٻـڌايو تـه شـطرنج سـنڌو ماٿر جي ايجـاد آهي. هڪ برطـانوي مـاهر ايـف ڊي ڊگلس پنهنجي مقـالي □ ان ڳالهـه تي زور ڏنـو تـه شطرنج سنڌو ماٿر □ 5 هزار سال اڳ کيڏي ويندي هئي.

ڊاڪــٽر ســر مــورٽيمر ويلــر مــوهن جي دڙي مان نڪتل مهرن □ خـانن واري تخـتي کي دنيـا جي قديم ايجاد ڪـوٺيندي ان ڳالهـه تي زور ڏنـو تـه دنيـا جي پهرين شطرنج هتي ايجـاد ٿي، بعـد □ دنيـا جي اندر پکڙجي وئي. (15) شطرنج جون ڳوٽــون □ ان جي پٿر واري تخـتي ڪـراچيءَ جي قـومي عجـائب گهر □ رکيل آهي.

رانديڪا

سنڌو ماٿر جي وسندين مان بي انتها رانديڪا پڻ مليا آهن. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته ان دور جا والدين پنهنجي ٻارن جي دلچسپيءَ ۽ سندن راند روند تي ڪيترو ڌيان ڏيندا هئا. (16) هتان مٽيءَ، سپ، پٿرن ۽ هاٿي ڏندن جي هر قسم جا ارنديڪا مليا آهن. رانديڪن ۾ مٽيءَ جون ٺهيل ننڍڙيون گاڏيون، مٽيءَ جا ڏاند، ننڍن سڱن وارا ڏاند، گينڊا، مينهون، شينهن، سوئر، پولڙا، سها، مڇيون، مانگر مڇ، ڪڇون، ڪڪڙيون، طوطا خاص طور ذڪر لائق آهن.

حوالا ۽ سمجهاڻيون:


1. George F. Dales, Some Specialized Ceramic Studies at Harappa, Chapter 5 of Harappa Excavation Reports 1986-1990, https://www.harappa.com/content/some-specialized-ceramic-studies-harappa

2. الانا، غلام علي، ”سنڌي ثقافت جا اهم پهلو“، اثا مينهن ملير، ص-92-101

3. پرساد، دوارڪا ”سنڌ جو پراچين اتهاس“ ڀاڱو 2، 1944ع، ص-9

4. آڏواڻي، پيرومل، قديم سنڌ، حيدرآباد، ص-89 يا مولائي شيدائي، تمدن سنڌ

5. Mackay, E. Chanhu-Daro: Excavations 1935-1936. New York, 1943. (American Oriental Series, vol. 20.)

6. الانا، غلام علي، ”سنڌي ثقافت جا اهم پهلو- زيور ۽ هار سينگار جا سامان“، اُنا مينهن ملير، ص-92-101

7. Kenoyer, Jonathan Mark (1997). "Trade and Technology of the Indus Valley: New Insights from Harappa, Pakistan”. World *Archaeology* 29 (2: "High–Definition Archaeology: Threads Through the Past"): 262–280.

8. McIntosh, Jane R. (2008). *The Ancient Indus Valley: New Perspectives*. Santa Barbara, California: ABC-CLIO. pp. 281, 407. ISBN 9781576079072. Retrieved 15 November 2014

9. Untracht, Oppi. *Traditional Jewellery of India*. New York: Abrams, 1997 ISBN 0-8109-3886-3. p15.

10. ميمڻ، سراج الحق، آمري، نئين زندگي مارچ ۽ اپريل 1966ع

11. Mortimer Wheeler, The Indus Civilization: Supplementary Volume to the Cambridge History of India, New York, 1979

See Also: Charles Higham, Encyclopedia of Ancient Asian Civilizations, 2004, New York, P- 14

12. Ashish Nangia, Beginnings: Art from the Indus Valley Civilization, http://www.boloji.com/index.cfm?md=Content&sd=Articles&ArticleID=6714

13. الانا، غلام علي، ”سنڌي ثقافت جا اهم پهلو“، اٺا مينهن ملير، ص-92-101

14. Talpur, Prven, A Throw of Dice: 5000 Years Ago, http://parveentalpur.com/tag/chess/

15. Gupta, K.R.; Gupta, Amita. (2006). *Concise Encyclopaedia of India, Volume 3*. Atlantic Publishers & Distributors. pp. 964

16. Mohenjo-daro Tools and Artifacts Photo Gallery. *Archaeology Online*; retrieved 8 April 2012.

# سنڌو ماٿر ۽ شهري رياست جو معاشي تجزيو

سنڌو ماٿري اندر شهري رياست جي بنياد کان پوءِ علم، ادب ۽ هنر جو چرچو وڌيو. فنڪار ۽ ڪاريگر کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. نئين پٿر جي دور ۾ انسان شڪار واري زندگي کان اڳتي اچي پوک تي گذران ڪرڻ لڳو. زرعي فصل ڪيائين ۽ مال ڌاريائين. اٽڪل 3000 ق م ڌاري سنڌو ماٿر جي رهواسين ڦيٿن واريون ڪاٺ جون گاڏيون استعمال ڪرڻ شروع ڪيون. جنهن رستي پنهنجي زرعي پئداوار کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچائڻ يا ڍوئڻ لڳا. (1)

## زراعت

سنڌو سڀيتا جا وارث زراعت سان وابستا هئا. سنڌ جي زراعت بابت قديم آثارن جا ماهر ڊڪسن، بيڊن، پاويل ۽ ٻين عالمن جي راءِ آهي ته شروعاتي دور ۾ اهي سنڌ جون عورتون ئي هيون، جن ڪاڌي خوراڪ لاءِ مختلف قسمن جا ٻج، ٻوٽا پنهنجي تجربي ۾ آڻي انهن جي پوک جا طريقا رائج ڪيا. علم نباتات جي ماهرن جو خيال آهي ته سنڌ ۾ پيدا ٿيل اڳاتي ڪٽڪ جي تاريخ تمام پراڻي آهي.

ماهر ائين پڻ چون ٿا ته چين ۾ سنڌ کان گهڻو عرصو پوءِ 2700 ق-م ۾ ڪٽڪ جي پوک جي ابتدا ٿي. روسي ماهرن جو چوڻ آهي ته دنيا ۾ ڪٽڪ جي پوک جي شروعات سنڌ مان ئي ٿي هئي.(2) سنڌ ۾ موهن جي دڙي مان ڪٽڪ جا ڪي ڪارا ٿيل پر سالم داڻا به مليا آهن، جيڪي پاڻهي پيدا ٿيل نه پر انساني محنت جو نتيجو آهن. ان کان علاوه هتي ڇانورن ۾ دالين جي پوک به ٿيندي هئي.

موهن جي دڙي جي قديم آثارن مان ڪٽڪ، جو ۾ هڙاپا مان مٽر ۾ تر مليا آهن. جڏهن ته موهن جي دڙي مان کجور جون ککڙيون به مليون آهن. اهڙي طرح هڪ مهر تي هڪ اهڙي تصوير اُڪريل آهي، جنهن تي ناريل جو وڻ ڏيکاريل آهي. اهڙي طرح هڪ مهر تي ڏاڙهون جو وڻ به آهي.

مهر ڳڙهه جي قديم آثارن مان ماهرن کي ڪٽڪ ۾ ڪپهه جي پوکائي جا آثار مليا آهن. سنڌو ماٿري جا رهواسي سادا 7 هزار سال اڳ ڪٽڪ جي پوکائي ڪندا ها. ناميارې آبپاشي ماهر ايم ايچ پنهور موجب پوکن جي واڌ ويجهه مهرڳڙهه (7 هزار ق م)، آمري (3700 ق م)، ڪوٽڏجي (3300 ق م) ۾ موهن جي دڙي (2350 ق م) جي اسرڻ جو سبب بڻي. سنڌو ماٿري ۾ ڪٽڪ 6 هزار ق م ڌاري پوکي وئي. ساڳي طرح ان ئي دور ۾ جون جي به پوکائي ٿي. ان سان گڏ مينهن ۾ ڳئون پڻ ڌاري وئي. جڏهن ته سادا 4 هزار سال ق م ۾ ڦٽي جي پوک ڪئي وئي. (3)

سنڌو ماٿر ۾ ان دور ۾ ڪپهه جي پوک به ٿيندي هئي. سنڌو ماٿر جي اهم دريافت موهن جي دڙي مان مليل اهو ڪپهه جو ٽاٽيل ڪپڙو آهي، جيڪو ٽامي ۾ چانديءَ جي ٿالهيءَ جي پرسان مليو

آهي. اها ڪپهه جي قديم ترين دريافت آهي. جڏهن ته ڪورڪو هنر سنڌ ۾ گهڻي قديم زماني کان موجود هيو. موهن جي دڙي مان سٽ ڪتڻ جا ائٽ مليا آهن. کوٽائي مان گهٽو ڪري هر گهر مان سٽ ڪتڻ جا چرخا مليا آهن. اهي چرخا قيمتي ڌاتن کان وٺي مٽيءَ جا به ٺهيل مليا آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سٽ ڪتڻ جو ڪم انهن ڏينهن ۾ عام هيو. هڪ هنڌان چانديءَ جي ٿالهيءَ جواهرن سان پريل ملي آهي جيڪي هڪ ڪپڙي جي ٽڪر ۾ ويڙهيل هئا. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ان زماني ۾ ڪپڙو پڻ ٺهندو هو. ۽ ڪوري موجود هئا.

ڪپهه مان ڪپڙي ناهڻ جي صنعت هيل تائين مليل ثابتين مطابق دنيا ۾ سڀ کان پهريان سنڌو ماٿر ۾ شروع ٿي. هتي جا آڏاڻا ۾ هتي جو ٺهيل سوٽي ڪپڙو خاص ڪري ململ جو ڪپڙو سڄي دنيا ۾ مشهور هيو. موهن جي دڙي جا ماڻهو سبيل ڪپڙو پائيندا هئا، جنهن جي ثابتي دڙي مان مليل اڪيچار شين مان ملي ٿي. اهي شيون دڙي جي مختلف تهن مان مليون آهن. موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندڙ ماهر سرجان مارشل لکي ٿو ته؛ ”ڪپڙي لاءِ ڪپهه جو استعمال ان زماني ۾ اڪيلو سنڌ ۾ ٿيندو هو. جيڪا ڳالهه باقي دنيا ۾ به ٽي هزار ورهيه پوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.“ (4)

سنڌ جا ماڻهو ڪٽڪ، ڪپهه کان سواءِ سارين جا فصل پڻ پوکيندا هئا. اڳ سڄي دنيا ائين وسهندي هئي ته سڄي دنيا ۾ پهريان پهريان چانورن جي پوک فلپائين ۾ ٿئي ٿي. پر سنڌو سڀيتا جي قديم آثارن جي کوٽائين مان معلوم ٿيو آهي ته فلپائن کان به ڪي صديون اڳ سنڌ جا هاري ناري سارين جي پوک ڪندا هئا. ڪجهه سال اڳ فلپائين

جو انگريڪلچر جـو ڊائريڪـٽر جـنرل پاڪسـتان جي دوري تي آيو تـه هـو مـوهن جي دڙي تي بـه گهمڻ ويو، اتان هن هڪ پٽ جي مٽي پٽائي ڏسي چيو تــه اڳ اسان ائين سـمجهندا هئاسـين تـه چـانور دنيـا ۾ پهريان پهريان فلپائين ۾ ٿيا، پر هـتي اچڻ کـان پـوءِ مون کي خبر پئي آهي، ته چـانورن جي قـديم پـوک سنڌو ماٿر ۾ ئي ٿيندي هئي. ڇو جو ڇو جو پٽين تي لڳل گاري ۾ ڪٽڪ جي ٻهه سان گڏ سارين جا ٽوٽڙ ۾ چانورن جا اڌڙ به مون کي نظر اچن ٿا.

## هنر ۽ ڪاريگري

موهن جي دڙي مان جيڪي بـرتن مليـا آهن، اهي سـنڌو درياهـه  جي چيڪي مـٽيءَ مـان ٺهيـل آهن. جن ۾ چن ۽ ابـرق جـا ذرا شـامل آهن. اهي برتن ڪنـڀر جي چڪ تي ٺاهيـل آهن. ڪجهـه ٿـانون ڳاڙهسري مٽيءَ مان جڙيـل آهن ۽ انهن تي ڪـاري پـالش ٿيـل آهي. ڪجهـه اهـڙا بـرتن بـه مليـا آهن، جيڪي ٻارن کي کير پيارڻ لاءِ استعمال ٿيندا هوندا. هتي ڪانسيءَ ۽ مٽيءَ جون اهڙيون سرمداڻيون به لڌيون آهن، جن جو منهن تمام سوڙهو آهي. ٻيا بــه هار سينگار جا پٿر جا ٺهيل اوزار مليا آهن. پاٽيءَ جا مٽ ۽ ڪٽاڻ ٺاهڻ جون برنيون به مليون آهن. برتنن کان سواءِ مٽيءَ جا ٻيا ڪيـترائي سـامان مليـا آهن، جـيئن مـٽيءَ جـا ڦيٿـا، چوڙيـون، گلـدان، ڪٽـورا، صراحيون، هنـڊيون، مٽڪـا ۽ ان رکڻ جـا بـرتن بـه شامل آهن.

آمري جا ٿانون ڏسڻ بعد آمريءَ جي ڪنــڀرن کي داد ڏيڻو پوي ٿو. هنن جون بهـترين قسـم جـون

دڪيون جن تي ٿلهن ڪارن پٽين تي لاڳيتا ٽڪندا ٺهيل آهن، ڏسي اچرج پيو لڳي ته اڄ به اتڪل ساڳيو هنر ۽ نمونو سنڌ اندر موجود آهي. ڪوٽڏيجي مان مليل ٺڪر جي ٿانون مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي ٺڪر جي ٿانون ٺاهڻ ۾ ڪافي ترقي ڪري چڪا هئا. سندن ڪوزي گري جو هنر تمام اوچي درجي جو معلوم ٿئي ٿو. هو پنهنجن ٿانون تي عام طور پينٽنگ ڪندا هئا. (5) جهڪر جي دڙي مان ٿامي جي ٺهيل پالي جو منهن لڌو آهي، جيڪي اسان جا ڪاريگر هٿيار طور جوڙيندا هئا. نارو جي دڙي مان پڻ رانديڪن جون گاڏيون، چوڙا ۽ ٺڪر جا ٿانون مليا آهن. نال جي قبرستان مان ٿامي جون ڪهاڙيون ۽ چاقن جا ڦر لڌا ويا آهن. ڪوٽڏجي جي کوٽائي مان تيرن جا منهن ۽ راند ڪرڻ جا بلور مليا آهن.

موهن جي دڙي مان ٿامي ۽ مُٽ جا به ڪافي ٿانون مليا آهن. جيڪي گهريلو استعمال جي برتنن، ڪهاڙين، خنجرن، چاقن، ٻرڇين، ڪٽارن، تيرن، منڊين، ڪنن جي والين تي ٻڌل آهن. ان دور ۾ تمام گهٽيون شيون ٿامي ۽ مٽ مان ٺاهيون ويندیون هيون. سنڌو ماٿر جي سڀيتا جي وارثن جا اوزار ۽ هٿيار پٿر، ڪانسي ۽ ٿامي جا ٺهيل آهن. پر اهي مفيد، مضبوط ۽ عمدا ناهن. ۽ انهن سان ڪابه جنگ ڪري نه ٿي سگهجي. نيزن جا ڦر، ڪٽار، پالا، ڪهاڙيون، تير ڪمان، ٻرڇيون، تيشيون، گرز سنڌو ماٿر جي قديم شهرن ۽ ڳوٺن مان ججهي تعداد ۾ مليا آهن. اهي سڀ ٿامي يا مٽ جا آهن. نيزا ڏاڍا نازڪ آهن، جي انهن کي هٿ سان ٿورو زور ڏجي ته ڇپا ٿي پون ٿا. ٿامي جي مليل گرزن ۽ ٻين اوزارن تي ڪجهه تحرير ٿيل آهي. مليل اوزارن ۾ ناچڻيءَ جو هڪ مجسمو، مينهن ۽

ٻڪريءَ جا مجسما به ذڪر ڪرڻ جهڙا آهن. هاٿي جي ڏندن مان ٺهيل به ڪافي شيون مليون آهن، جنهن مان پتو پوي ٿو ته هاٿي جي ڏندن جو ڪم هتي ترقي ڪندڙ هو.

## شڪار

سنڌو سڀيتا جا وارث گوشت پڻ واپرائيندا هئا، هو پالتو جانورن کان سواءِ جهنگلي جانورن جو شڪار ڪري به گوشت حاصل ڪندا هئا. هڪ مهر تي ٻن ماڻهن کي تير ذريعي شڪار ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. موهن جي دڙي جي هڪ جڳهه تان گهڻي انداز □ تير مليا آهن. تصويري تحرير □ به تير ڪمان جو نشان ملي ٿو. مٽيءَ جون پڪل گوليون يا گليليون به مليون آهن. جن مان ڪمان جي شڪل جي گليلي جي ذريعي پکين جو شڪار ڪيو ويندو هو. مڇي پڪڙڻ جون ڪنڊيون به وڏي تعداد □ مليون آهن. هتي جا رهواسي جانور به پاليندا هئا، جانورن جو گوشت رڌي کاڌو ويندو هو. ڇو جو گهٽين □ گهرن مان مينهن، ٻڪري، ورياهي □ ساموندي مڇيءَ جون تمام گهٽيون هڏيون مليون آهن.

### سائنس جي جنم ڀومي سنڌو ماٿر هئي:

موهن جي دڙي جا ماڻهو ادائي هزار سال ق-م □ چوماسي وارين هوائن □ سنڌوندي □ ٻوڏ جو اڳواٽ اندازو لڳائڻ لاءِ پٿر جا ڪئلينڊر استعمال ڪندا هئا. فنلينڊ جي قديم آثارن واري ماهر ڊاڪٽر

ايرڪا مائولا انهن پٿر وارن ڪئلينڊرن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. يونائيٽيڊ نيوز آف انڊيا کي هن ٻڌايو آهي ته اهي پٿر دنيا جا پهريان سائنسي اوزار آهن. ڊاڪٽر مائولا دعوى ڪئي آهي ته سائنس جي جنم ڀومي ميسوپوٽيميا يا مصر نه پر سنڌ آهي. هن چيو آهي ته موهن جي دڙي ۾ هڙاپا مان لڌل انهن پٿرن کي گول پٿر، چليدار پٿر يا مخروطي پٿر وغيره سڏيو ويندو هو. هن موجب 40-45 سينٽي ميٽر قطر وارن انهن پٿرن جو وزن 40 ڪلوگرام (اٽڪل هڪ مڻ) ٿيندو. انهن پٿرن جي ٻنهي پاسن کان وچ وٽان 2 سوراخ آهن ۾ سندن لسي سطح تي ڪيترائي نشان آهن. جيڪي ڪوٽي ٺاهيا ويا آهن. ڊاڪٽر مائولا موجب انهن مان 3 پٿر اهڙا آهن جن تي اڪريل نشان اڃا تائين محفوظ آهن. فنلينڊ جي ماهر موجب اهي وڏا چليدار پٿر جيڪي موهن جي دڙي ۾ بمبئي ميوزمن ۾ محفوظ آهن، نه رڳو ڪئلينڊر جو ڪم ڏيندا هئا پر اهي (دوربين کان سواءِ) علم نجوم جي اوزار طور پڻ استعمال ڪيا ويندا هئا. جن ذريعي سج جي لهڻ ۾ اڀرڻ، ٻين آسماني تارن جي ظاهر ٿيڻ ۾ گم ٿيڻ ۾ ڌرتيءَ جي بدلجندڙ حالتن جو اڀياس ڪري سگهبو هو. انهن پٿرن کي سنڌو ماٿر جي قديم علم فلڪيات وارن آثارن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. مائولا موجب انهن مان 5 پٿر صحيح سلامت مليا آهن. جن مان هڪ مرڪزي ڪئيلنڊر جي حيثيت رکي ٿو. جيڪو سڄي معاشري لاءِ آهي.۾ ٻيا ننڍا ڪئلينڊر آهن جيڪي مختلف مقصدن جهڙوڪ زراعت، واپار، شڪار ۾ لاباري لاءِ استعمال ٿيندا هوندا. (6)

سنڌو ماٿر جا رهواسي مهينا چنڊ مطابق شمار ڪندا هئا. هتي چنڊ جي حساب سان هلالي مهيني جو رواج هيو. ان حساب سان موسمن جو

به شمار ڪندا هئا. هو چنڊ جي رفتـار سـان پنهنجـا ڏڻ ملهائينـدا هئـا. مـوهن جي دڙي جـا رهواسـي هرهڪ موسم جا چار مهينا شـمار ڪنـدا هئـا. تـور، ماپ ۾ جوتش جو علم هتي عام هيو.

ٻئي طرف رياضيءَ جي هڪ روسي مـاهر آءِ اي ولدروسـڪيءَ 1984ع ۾ بخارسـٽ ۾ سـڏايل تاريخ ۾ سائنس متعلق بين الاقوامي ڪانگريس کي ٻڌايو ته مـوهن جي دڙي مـان هٿ آيـل مهـرن جي ڪمـپيوٽر ذريعي اڀيـاس مـان معلـوم ٿيـو آهي تـه سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو ”علم فلڪيـات“ بـابت وڏي ڄاڻ رکندا هئا. (7)

سـنڌ جي قـديم باشـندن ڳڻڻ جـو فن ايجـاد ڪيو ۾ شين جو وزن ڪرڻ يـا وقت ۾ فاصـلي جي پيمائش جو آغـاز بـه هتـان ٿيـو. ڇـو جـو ڳڻڻ جـون مٽيءَ جون گوليون ۾ تورڻ جا وٽ اسـان کي سـنڌ جي قديم آثارن مـان مليـا آهن. سـنڌي مـاڻهو لکڻ پڙهڻ جي فن کـان اڳ ڳڻڻ ۾ تـورڻ جـو فن ايجـاد ڪيو. هڪ ماهر گريئرسن ٻڌائي ٿو تـه سـنڌو مـاٿر جا رهواسي ڳڻپ ڪري ڄاڻندا هئـا، هـو انـگ ڳڻڻ ۾ حساب ڪتاب رکڻ جا ماهر هئا. هو ويهـون ويهـون ڪري ڳڻيندا هئا ۾ سـٺ ٻـدران ٽي ڪوڙيـون يـا ٽي ويهون ڪري چوندا هئا. جيڪـو طريقـو اڄ بـه سـنڌ اندر رائج آهي. (8)

موهن جي دڙي مان پٿرن جا نهـايت صـفائي سان ٺهيل ٽڪرا ملن ٿا. جيڪي وزن ڪـرڻ لاءِ وٽن طور استعمال ٿيندا هوندا. انهن ۾ ڪي وٽ ته ايترا وڏا آهن، جـو ڪين رسـن سـان ڪٽـو پونـدو هونـدو. ڪي ته وري ايترا ننڍڙا آهن، جو انهن سان سون ۾ چانـدي توريـو وينـدو هونـدو. مـوهن جي دڙي مـان مليل ننڍا وٽ خاڪي رنگ جي سليٽ جا هئا. تارازو

گهٽ مليا آهن. تقريبن هڪ سو پنجاهه جڳهن تي پيمائش ڪرڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ اندر هڪ ئي وقت ۾ فوٽ ۾ ڪيوبڪ فوٽ ۾ٽهي طريقن سان پيمائش ڪئي ويندي هئي.

سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي وارثن وٽ دنيا اندر ڀهريون معاشي نظام موجود هو. ڪيناڊا جي ميٿاميٽڪس جي ماهر ڊاڪٽر بريان ويلس (Dr Bryan Wells) طرفان انڊين انسٽيٽيوٽ آف ميٿاميٽيڪل سائنس جي تعاون سان ڪيل تحقيق بعد ثابت ڪيو آهي ته سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن جي دور ۾ انتهائي بهتر قسم جو معاشي نظام موجود هو. هنن وٽ ماپ، طور ۾ شين جو ملهه طئه ڪرڻ جو نظام موجود هو. اناج جي تور ڪئي ويندي هئي. جنهن لاءِ مختلف وزن جا وٽ ٺاهيا ويا هئا. (9) روزمره جي استعمال جي شين جي مٽاسٽا به ڪئي ويندي هئي، مزدورن کي پگهار ڏني ويندي هئي. جيڪا اناج ۾ روزمره جي استعمال جي شين جي صورت ۾ هوندي هئي.

## موهن جي دڙي جا ماڻهو جيوميٽري جي علم کان واقف هئا:

مشهور آمريڪن سنڌي محقق پروين ٽالپر پنهنجي ڪتاب "اڍائي هزار کان ڏيڍ هزار سال قبل مسيح تائين سنڌو ماٿري جي سڀيتا ۾ جاميٽري جا اهڃاڻ" ۾ تحقيق ڪري ڄاڻايو آهي ته موهن جي دڙي جا ماڻهو جيوميٽري جي علم کان واقف هُئا جنهن لاءِ هن موهن جي دڙي جي لپي (اسڪرپٽ) جي هر اکر کي ڪٽي ان کي ثابت ڪيو آهي ته انهن مان

هرهڪ جيوميٽريڪـل پئـٽرن مـوجب جڙيـل آهي (10)

## مهرون

سـنڌو سـڀيتا جي وارثن جي ڪاميـاب تـرين تخليـق اهي مهـرون آهن، جيڪي مـوهن جي دڙي، هڙاپـا  بين شـهرن مـان مليـون آهن. ايـڏي وڏي تعداد  مهرون مليون آهن جو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هر شـخص وٽ پنهنجي مهـر هونـدي هئي. اهي مهرون اسٽيٽائيٽ (Steatite) مان ٺهيـل آهن. اهي مهرون اڍائي انچ کـان اڍائي چـورس انچ تائين مختلف سائيزن جون آهن. عام سائيز 7۔ 11 ۔ 2-1 انچ جون آهن. هي مهـرون چـورس شـڪل جون آهن. جن تي جانورن جون تصويرون  تحريـر چٽيل آهي. ڪجهه مهرون مستطيل شڪل جون بـه آهن. جن تي فقط تحرير لکيل آهي. چورس شڪل جي مهرن جي پاسن تي به سوراخ دار ڪنـڌا لڳـل آهن  مستطيل مهرن جي وچ  آرپار سوراخ آهن. جن  ڌاڳو ٻڌو ويندو هـو. معلـوم ٿـئي ٿـو تـه انهن مهرن ڪي پٿرن مان ڪاٽي ٺاهيو ويو هونـدو. بعـد  انهن ٽڪرن کي قينچي يا چاقو سـان تراشـي نقش نگار  تحرير لکي وينـدي هونـدي. ان بعـد انهن تي چن جا تهه چمائي کين باهه  پچـايو وينـدو هونـدو. گهـڻين مهـرن جـا نقش موجـوده دور جي پتـل جي مهرن وانگر ابتا ٺهيـل آهن، جـڏهن کين ڪنهن هنـڌ لڳـايو وينـدو هونـدو تـه اصـلي تصـوير سـڌي اڀي ويندي هوندي.

## ٻيڙيءَ کان جهاز تائين

اوائل  انسان شڪار لاءِ ننديون ٻيڙيون تيار ڪيون. اهي ٻيڙيون ڪنهن وڏي وڻ جو ٿڙ وچ مان ڪوڪلو ڪري ناهيون ويند‍يون هيون. ٿڙ جو هڪ پاسو ڪٽي  پوءِ وچ واري ڳر ڪڍي ان  ويهڻ جي جاءِ ناهي ويندي هئي. ٿڙ اوائل  پٿر جي ڪهاڙين سان ڪوڪلو ڪندا هئا  ان کي کهري پٿر سان لسو ڪندا هئا. جيئن ماڻهو ان ٻيڙيءَ  ويهي سولائي سان شڪار ڪري سگهي يا درياهن  ڍنڍن رستي هڪ علائقي کان ٻئي علائقي  وڃي سگهي.(11)

سنڌو سڀيتا جو پتو پوڻ کان اڳ دنيا وارن جي نظر  ته پهرين جهاز راني جو فن فنيقي قوم ايجاد ڪيو. جن کي ڪنعاني به سڏيو ويندو هو. سندن ملڪ ڪنعان (فنيشيا) شام  فلسطين جي ڪناري وارو ملڪ هو. جنهن  هاڻي شام، لبنان  اسرائيل جا ملڪ اچي وڃن ٿا.(12)

پر جڏهن سنڌ  قديم آثارن جون ڪوٽايون ٿيون  سنڌو سڀيتا پنهنجي عجائبات سان ظاهر ٿي ته ماهرن کي ان پراڻي راءِ کي تبديل ڪرڻو پيو. ڇو جو فنيشيا کان گهڻو اڳ جهاز رانيءَ جي فن جو پتو سنڌ  پوي ٿو. جهاز رانيءَ جو فن سنڌ  فنيقي قوم کان به گهڻو اڳ هتي موجود هو. جديد تحقيق ته ايتري قدر ثابت ڪيو آهي ته خود فنيشين لوڪ هتان سنڌو ماٿر مان ئي ڪنعان ويا  اتي وڃي تهذيب  تمدن جو بنياد وڌو. اهي هتان جا ئي لوڪ هئا جن ڪنعان  فن جهاز رانيءَ کي عروج تي رسايو. قديم آثارن جو ماهر ڊاڪٽر هال ٻڌائي ٿو ته سنڌي ماڻهو فن جهاز رانيءَ  پڙ هئا  سندن واپار ڏکڻ  دکن  سيلون، اوڀر  هند 

چين، اولهه □ ايران، عراق، يمن □ مصر تائين پکڙيل هو. ان ڳالهه جي تصديق بابل □ نينوا جي ڪتبن □ ملي ٿي. جن □ سنڌو □ سمير جو پاڻ □ گهاٽو سٻنڌ ٻڌايو ويو آهي. (13)

سنڌين جي جهاز رانيءَ جو ٻيو ثبوت اهو مليو آهي ته سنڌ جا ماڻهو سمير □ جڏهن پهتا ته اتان جي ماڻهن، جن اڳ ڪڏهن جهاز ڪونه ڏٺا هئا □ نه وري سامونڊي سفر کان واقف هئا، تن جهازن □ چڙهي آيل نون ماڻهن کي ’اوئنس‘ سڏڻ شروع ڪيو. اوئنس انهن راڪاسن کي چئبو آهي، جيڪي خشڪيءَ تي به هلي سگهن □ پاڻيءَ تي به تري سگهن. اهي سنڌو ماٿر جا باشندا ئي هئا، جيڪي سمنڊ جي خوفائتي مسافري طئه ڪري بابل پهتا □ بابل □ وڃي رهائش اختيار ڪئي. بابل جي ڪتبن □ اوئنس جو مٿيون ڌڙ ماڻهوءَ جو □ هيٺيون ڌڙ مڇيءَ جو ٻڌايو ويو آهي. (14) بابل □ جڏهن سنڌي ماڻهو جهازن □ پهتا ته پهريون ڀيرو سمنڊ رستي ايندڙ ماڻهن کي ڏسي بابل واسي تعجب □ پئجي ويا □ هنن انهن کي عجيب □ غريب مخلوق سمجهي کين اهڙي راڪاس سان تشبيهه ڏني □ انهن جو پنهنجن ڪتبن □ عجيب طريقي سان ذڪر ڪيو. سنڌو ماٿر کان آيل ماڻهن کي ڳچيءَ کان پيرن تائين عجيب پوشاڪ □ ڏسي هنن مڇيءَ سان تشبيهه ڏني.

سنڌو سيپتا جي دور □ مڪران جي ساموندي ڪناري تي دشت نديءَ جي واديءَ □ ”ستڪگين در“ □ شادي ڪرونديءَ جي ماٿر □ ”ستڪگين ڪوهه“ سنڌ □ عراق وچ □ جهاز رانيءَ جا به وڏا مرڪز هئا. جتي ساموندي جهاز لنگر هٽندا هئا.(15) ساڳئي ئي وقت ڪنيات جي نار جي

ڪناري تي لوٿل نالي شهر جي کوٽائي مان ساموندي جهازن ناهڻ جي هڪ گودي ملي آهي، جيڪا سڄي پڪين سرن جي ٺهيل آهي. (16)

## واپار:

مسٽر پگٽ لکي ٿو ته؛ ”موهن جي دڙي ۽ هن علائقي جي ٻين شهرن ۾ يڪسانيت ۽ هڪ جهڙائي جيئن پڪيون سرون، برتن هڪ جهڙا ۽ معياري، هر جڳهه تي هڪ ئي رسم الخط مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته موهن جي دڙي تي واپاري طبقو حاوي هيو. جيڪو سمنڊ پار جي ڏوراهن ڏيهن ڏانهن پنهنجو مال وڪڻڻ ويندو هو ۽ ان واپار جي خاطر هنن ملڪ اندر هر جڳهه تي رستا ۽ سٺا شهر تعمير ڪرايا ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ پنهنجون ڪوٺيون قائم ڪيون.“ (17)

بابل ۽ نينوا جي ڪتبن ۾ سنڌ جي شربتي ململ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جنهن کي ’سنڌو‘ سڏيو ويندو هو. ان مان خبر پوي ٿي ته سنڌ جا هنرمند ململ جو ڪپڙو تيار ڪري پرڏيهه ۾ وڪرو ڪري ناڻو ڪمائيندا هئا، يا ان جي بدلي اتان شيون خريد ڪري هتي آڻيندا هئا. سنڌ جا رهواسي بابل ۽ نينوا ڏانهن مصالحو، سرهاڻ، ناريل ۽ نير پڻ ڪٽي ويندا هئا. (18)

ڪئليفورنيا يونيورسٽي آمريڪا جي ماهر جوناٿن مارڪ تحقيق بعد ثابت ڪيو آهي ته سنڌ جا رهواسي موهن جو دڙو واري دور ۾ افغانستان، ميسوپوٽيميا ۽ ايران سان ڪوڙن ۽ سپن جو واپار سمنڊ رستي ڪندا هئا. موهن جي دڙي جي رهواسين ان واپار کي ڪافي زور وناي. موهن جي

دڙي مـان اهـڙي سـپ ملي آهي ۾ اهڙيـون سـپون مڪـران ۾ سـبي جي علائقي مـان پڻ مليـون آهن. مڪـران جي علائقي مان کوٽـائي دوران هٿ آيـل 6 هزار سال پراڻو هار جيڪو سپن جـو نهيـل آهي، ان ڳالهه جي ثابتي ڏئي ٿو ته هتي اهو واپار ۾ صـنعتي شين جي ٻين ملڪن سان متاسثا عـروج تي هـئي.(19)

سنڌو سڀيتا جي دور ۾ سنڌ مان ململ ڪـان سواءِ نير ۾ دوائون بـه ٻين ملڪن ڏانهن موڪليـون ويندڀون هيون. موهن جي دڙي مان ڪاري رنگ جو سلاجيت ۾ ڦاڙهي جا سـنگ بـه هٿ ڪيـا ويـا آهن. سنڌ جا باندر، مور ۾ عاج بيت المقدس تائين هتــان جا واپاري ڪٽي ويندا هئا. (20)

## واپار لاءِ پرڏيهه ويندڙ شيون

ڪوٽڏيجي مان 3000 ق م ۾ سـوٽي ڪـپڙو، ڪاٺ ۾ ميـنـدي ميسـوپوٽيما مـوڪلي ويـنـدي هـئي. مصر جا فرعون سـنڌ جي ميـنـدي هٿن ۾ پـيرن کي لڳائيـنـدا هئـا. جنهن جـون ثـابتيون مصـر جي قـديم ممين مان مليون آهن. (21)

هنـدوازم ڪتـاب جـو مصـنف ڪي ايم سـين ڄاڻـائي ٿـو تـه سـنڌو مــاٿر جي سـڀيتا جـو بنيــاد وجهنــدڙن کي چانــدي، ٽــامي، جســت ۾ پتــل جي اسـتعمال ڪـرڻ جي ڄـاڻ هـئي ۾ هـو لکڻ پـڙهڻ ڄاڻندا هئا. وٽن واپاري طبقو هو ۾ هو ڪن هـنرن ۾ ڪــاريگريءَ ۾ تمــام هوشــيار هئــا. ان ئي وقت ۾ چانهون جو دڙو ”زيورن جو شهر“ سڏيو ويندو هــو.

زيور سون، چاندي، ٽامي ۽ ٻين ڌاتن مان ٺاهيا ويندا هئا.

جپان جي ماهرن جي هڪ ٽيم طرفان سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن، درياهي وهڪرن ۽ ساموندي ڪناري تي آباد وسندين تي 5 سال تحقيق ڪئي وئي. ڪويوٽو جي ريسرچ انسٽيٽيوٽ فار هيومنٽي اينڊ نيچر (Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto) جي پروفيسر ايميريٽس توشاڪي اوساڊا (Professor Emeritus Toshiki Osada)۔ جي سربراهي ۾ ماهرن جي هن ٽيم ۾ مختلف ملڪن جا 40 محقق ۽ سائنسدان شامل هئا. جپان جي هن ٽيم طرفان انڊيا ۾ سنڌو سڀيتا سان واسطو رکندڙ 2 قديم ماڳن جي کوٽائي ڪئي وئي. هن ٽيم طرفان ڪوجنا بعد ٻڌايو ويو ته سنڌو سڀيتا جي شهرن جو پاڻ ۾ واپاري نيٽ ورڪ موجود هيو. ان نيٽ ورڪ يا ڳانڍاپي سبب سنڌو سڀيتا جي رهواسين وچ ۾ گهڻ ثقافتي ۽ گهڻ لساني تهذيب جنم ورتو. ان کان اڳ اهو خيال ڪيو ويندو هو ته سنڌو سڀيتا جا شهر ڪنهن هڪ مرڪزي اٿارٽي جي اثر هيٺ هيا. پروفيسر اوساڊا موجب ان دور ۾ سنڌو سڀيتا جي مختلف مقامي برادرين ۾ واپار رستي هڪ مضبوط نه پر ڍلي قسم جو سياسي ۽ انتظامي ڳانڍاپو موجود هو. جپاني ماهرن جي هن ٽيم طرفان ٿيل تحقيق (22) موجب سنڌو سڀيتا جي وارثن جي رياست مضبوط مرڪزيت جي بنياد تي قائم نه هئي پر انهن ۾ هڪ ٻئي جي ثقافت، ٻولي ۽ مفادن جي احترام جي بنياد تي لاڳاپا قائم هئا.

جپاني محققن موجب ان وقت سنڌو سڀيتا جا به يعني موهن جو دڙو ۽ هڙاپا اهم مرڪز نه هيا

۾ 5 مرڪزي شهر هئا. جن ۾ موجوده پاڪستان ۾ گنويروالا، انديا جي رياست گجرات جي ضلعي ڪڇ ۾ ڍولا ويرا ۽ هريانا رياست جي هسار ضلعي ۾ راکي ڳڙهي به اهم شهري مرڪز هيا. جپان جي هوسي يونيورسٽي (Hosei University) جي فزيڪل جاگرافي جي ماهر پروفيسر هدياڪي مائيموڪو (Hideaki Maemok) موجب سنڌو سڀيتا جا قديم ماڳ شهر ۽ وسنديون رڳو وڏن درياهن جي ڪنارن تي آباد نه هيون، پر ان وقت موجود ٻين پاڻي جي ننڍن ننڍن وهڪرن جي پرسان به آباد هيون، جيڪي هن وقت پنهنجو وجود وڃائي ويٺا آهن. ڍولا ويرا مان اهڙيون ثابتيون مليون آهن ته هن شهر رستي سامونڊي واپار ٿيندو هو. ڍولا ويرا جا رهواسي عراق جي شهر ميسوپوٽيما سان واپار ڪندا هئا. (23) سنڌو سڀيتا جا ڪافي ماڳ نه رڳو درياهن پر سامونڊي ڪناري پرسان به هوندا هئا. ان وقت سمنڊ جون ڇوليون ڍولا ويرا شهر سان ٽڪرائبيون هيون.

موهن جو دڙو هڪ واپاري منڊي هئي. هتان ويجهن علائقن کان سواءِ ڏوراهن ڏيهن ڏانهن واپار پڻ ڪيو ويندو هو. موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان لاتعداد ڏاند گاڏين جا آثار مليا آهن، جن مان اندازو ٿئي ٿو ته سامان ڪٽي اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ ڏاند گاڏيون به استعمال ڪيون ويندييون هيون. موهن جي دڙي جا ماڻهو جانورن کي بار ڍوئڻ ۽ گاڏين هڪلڻ لاءِ پڻ استعمال ڪندا هئا. موهن جي دڙي مان ڏاندن جون هڏيون ملڻ ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته ڏاند هتي بار ڍوئڻ ۽ سواري لاءِ پڻ استعمال ٿيندو هو. ڏاند گاڏين ۽ جانورن کان سواءِ هتي ٻيڙين ذريعي به سامان آندو ويندو هو. سنڌوندي جهاز رانيءَ لاءِ انتهائي موزون رهي آهي. ان دور ۾ وڏيون ٻيڙيون

آسانيءَ سان هڪ شهر کان ٻئي شهر ڏانهن سامان کڻي ويندا هيون. ڪاٺ مان ٺهيل ٻيڙيون ضرور موجود هونديون، پر اهي وقت گذرڻ سان سڙي رک ٿي ويون هونديون. ان هوندي به ڪجهه اهڙيون ثابتيون مليون آهن، جيڪي ان سلسلي ۾ اسان جي رهنمائي ڪن ٿيون. مثلن هڪ مهر تي ٻيڙي جي تصوير ملي آهي. ان مان ظاهر آهي ته هتان جا ماڻهو ٻيڙي ناهڻ ۾ ان کي هلائڻ جي مهارت رکندا هئا.

سنڌو ماٿر مان مختلف سامان پرڏيهه روانو ڪيو ويندو هو ۾ اتان وري هتي نه ملندڙ شيون ۾ سامان آندو ويندو هو. مثلن فيروزه، گيروب، رال، خاص قسم جا هڏا، هاٿي ڏند، سيپ، گهونگها وغيره موجود هجڻ مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي شيون ٻاهران آنديون وينديون هيون. ٻاهران گهرايون ويندڙ شين ۾ هيٺيون شيون ذڪر ڪرڻ لائق آهن:

1. سنگمرمر: راجپوتانا، 2. سون: ڏکڻ هندستان، افغانستان، ايران، 3. چاندي: ڏکڻ هند، افغانستان، ايران، آرمينا، 4. ٽامون: ڏکڻ هند، افغانستان، راجپوتانه، 5. قلعي: افغانستان، ايران، راجپوتانه، 6. فيروزه: ايران، خراسان، 7. سنگ جراحت: ڪاٺياواڙ ۾ بلوچستان، 8. ياقوت: ڏکڻ هندستان، 9. سليٽ جو پٿر: راجپوتانه، 10. عقيق: راجپوتانه، ڪاٺياواڙ، ڪشمير وغيره.

وسڪونسن ميڊيسن يونيورسٽي آمريڪا جي پروفيسر جوناٿن مارڪ ڪينوائر 1986ع ۾ پروفيسر جارج ايف ڊيلس سان گڏ موهن جي دڙي جي وڌيڪ کوٽائي ڪري اهم نتيجا سامهون آندا. (24) وسڪونسن ميڊيسن يونيورسٽي (University of Wisconsin – Madison) آمريڪا

جي پروفيسر جوناٿن مارڪ ڪينوائر موجب 2600 سال قبل مسيح کان 1900 سال قبل مسيح تائين دنيا جي خشڪي توڙي بحري سپني واپاري رستن تي سنڌو سپيتا جي واپارين جو مڪمل ضابطو رهيو هو۔

## ٽرانسپورٽ

قديم آثارن جي ماهرن موجب سنڌو ماتري جي معيشت واپار تي دارومدار رکندي هئي. سنڌو سپيتا جي وارثن واپار سبب ئي ٽرانسپورٽ جي ٽيڪنالاجي ۾ مهارت حاصل ڪئي. سنڌو سپيتا دنيا جي پهرين تهذيب هئي، جنهن ڦيٿي کي ٽرانسپورٽ طور استعمال ڪيو. هن سپيتا جي وارثن ڏاند گاڏين جي ايجاد ڪئي. جيڪا قديم دور جي انسان جي هڪ وڏي سائنسي ايجاد ۾ ترقيءَ طرف اڳڀرائي هئي. ڏکڻ ايشيا جي قديم آثارن تي تحقيق ڪندڙ ماهرن مچيل ڊي پيٽراگاليا ۾ برڊگيٽ آلچن موجب سنڌو ماتري جي رهواسين واپار خاطر ڏاند گاڏيون ۾ ٻيڙيون ايجاد ڪيون. (25) اڄ به ڏکڻ ايشيا ۾ ڏاند گاڏين جو استعمال ٿي رهيو آهي. سندن ايجاد ڪيل ٻيڙيون ننڍيون هونديون هيون. ان قسم جون ٻيڙِون اڄ به سنڌو درياهه ۾ مهاڻا مڇي جي شڪار لاءِ استعمال ڪندا آهن. ماهرن موجب هن ماتري جا ماڻهو سمنڊ رستي واپار لاءِ ننڍا غوراب استعمال ڪندا هئا. اولهه انڊيا جي قديم ماڳ لوٿل جي کوٽائي بعد قديم آثارن جي ماهرن ان قسم جا ثبوت هٿ ڪيا آهن. ماهرن موجب لوٿل ۾ هڪ ساموندي بندر گاهه جي گودي

جا به آثار مليا آهن. سنڌو ماٿري ۾ هڪ ڪينال نيٽ ورڪ بـه موجـود هـو. جيڪـو دريـاهن مـان نڪتـل قـدرتي وهڪـرن تي مشـتمل هـو. قـديم آثـارن تي تحقيق ڪندڙ ماهرن مچيل ڊي پيٽراگاليا ۽ بـرڊگيٽ آلچن مــوجب ســنڌو مــاٿري ۾ ٽــامي جي دور ( copper age) 4300 ق م کان شروع ٿيو. ان دور ۾ هن ماٿري جا مـاڻهو ترڪمنسـتان ۽ ڏکڻ ايـران سان به واپار ڪندا هئـا. ترڪمنسـتان ۽ ايـران جي قديم آثارن مان ماهرن کي اهڙا آثار مليا آهن.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون:


1. پنهور، ايم ايچ، سنڌ جي ريجاڻي تاريخ، ڪراچي، 2013ع، باب ستون
2. قاسـمي، مولانـا رسـالو الـرحيم سـنڌي، حيدرآباد، 1967ع
3. ايم ايچ پنهور، سنڌ جي ريجاڻي تاريخ، ڪراچي، 2013ع، (باب ستون)

4. Marshall, Sir John “Mohen jo Daro and Indus Civilization” Vol: 1, P-VI

5. Khan, Dr. F.A, “Preliminary report on Kot Diji Excavation” 1956-58

6. روانه هلال پاڪستان 31 ڊسمبر 1983ع
7. روزانـــه هلال پاڪســـتان ڪـــراچي، 21 ڊسمبر 1984ع

8. Graersen, “Linguistic Survey of India” Vol: 1, Part 1, P-35-132

9. Dr Bryan Wells, “Indus Valley's Bronze Age civilisation 'had first sophisticated financial exchange system”, http://www.telegraph.co.uk/news/worldnews/asia/india/6584160/Indus-Valleys-Bronze-Age-civilisation-had-first-sophisticated-financial-exchange-system.html

10. Talpur, Parveen, Evidence of Geometry in Indus Valley Civilization 2500-1500 B.C. Sindhology Department, University of Sindh, Jamshoro. 1995

11. انسان ٻڙا ڪيسي بنا، ص- 156-158

12. Philip, Hitti, “History of Syria” P-100

13. Hall, H.R, “Ancient History of Near East” P-171-174

14. Siecus, “History of Persia” Vol: 1, P-6

15. اسـتيئن، آئـرل ”آرڪيالاجيڪـل تـوئر آف گدروسيا“ ڪلڪتو، 1931ع، ص-71

16. Wheeler, S.M, “Indus Civilization” P-51-52

17. Piggott, Sturat “Pre-Historic India” 1950

18. Majumdar, R.L, “History and

Culture of Indian People” Bombay, 1955, Vol: 2, P-611-612

19. جوناٿن مارڪ ”سنڌو ماٿر □ ڪوڏن □ سپن جو واپار“ جي موضوع تي ڪئليفورنيا يونيورسٽي آمريڪا طرفان ڊاڪٽريٽ جي ڊگريءَ لاءِ مقالو لکندي اهڙو انڪشاف ڪيو آهي. ڏسو عبرت 7 نومبر 1981ع

20. شيدائي، تمدن سنڌ، ص-29

21. Panhwar, M.H, Six thousand years of History of Irrigation in Sindh, April 2011 (PDF Edition)

22. Osada, Professor Emeritus Toshiki "Indus: Exploring the Fundamental World of South Asia" and "The Riddle of the Indus Civilization," Kyoto University Press, October 2013

23. http://asia.nikkei.com/magazine/20131219-Power-play/Culture/Japanese-researchers-help-unravel-mystery-of-the-Indus-civilization

24. Jonathan Mark Kenoyer, “Mohenjo-Daro”, http://www.mohenjodaro.net/

25. Michael D. Petraglia, Bridget Allchin, The Evolution and History of Human Populations in South Asia, Netherlands 2007, Ref:

https://books.google.com.pk/books?id=Qm9GfjNlnRwC&pg=PA18&lpg=PA18&dq=Evolution+%26+Human+Origins+in+Indus+valley&source=bl&ots=7VbPi2qT6i&sig=deYXzfGE5jXxOwV6eBYU7goPKM&hl=en&sa=X#v=onepage&q=Evolution%20%26%20Human%20Origins%20in%20Indus%20valley&f=false

# سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ٻولي ۽ لپي

دنيا جي پراڻين تهذيبن جي کنڊرن مان مليل لکتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته شروعات ۾ انسان شڪليون ناهڻ سکيو ۽ انهن کي لکڻ جو طريقو ڪري استعمال ڪرڻ لڳو. اهو طريقو دنيا جي چند سڌريل تهذيبن سميت سنڌو ماٿر جي قديم آثارن مان به ملي ٿو. انهيءَ صورتخطيءَ ۾ هرهڪ اُچار يا آواز لاءِ جدا جدا مورت هئي ۽ انهن مورتن کي ڳنڍي اکر يا جملو ٺاهيو ويندو هو. فرض ڪريو ته جي لکڻو آهي ته ماڻهوءَ شينهن کي ماريو، ته انهيءَ حالت ۾ شينهن جي شڪل ڪڍي ماڻهوءَ کي

سندس سامهون يا پويان بيهاريو ويندو هو ۽ ان جو پالو شينهن جي پيٺ ۾ آرپار ڏيکاريو ويندو هو. شينهن جي شڪل اهڙيءَ طرح ڏيکاربي هئي جڻ ته اهو سور ۽ پيڙا وچان مري رهيو آهي. ان قسم جي لکٽيءَ کي پڪٽوگراف يعني تصويري رسم الخط چئبو آهي. جيڪڏهن انسان مصوري نه سکي ها ۽ اوائل ۾ شڪليون ڪڍڻ نه سکي ها ته هو لپي يا صورتخطي ايجاد نه ڪري سگهان. ان ڪري انسان لکڻ کان اڳ مصوري ڪرڻ سکي هئي. ان بعد ئي هن پنهنجي خيالن کي چٽڻ ۽ شڪلين رستي ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن مان ئي اڳتي هلي صورتخطي وجود ۾ آئي.

سنڌ ۾ آمري مان مليل ٿانون جي ٺهه تي جيڪي چٽ چٽيل آهن، انهن چٽن ۾ لکت جا پڻ نشان ملن ٿا. اهي سادا نشان مخروطي نموني جا پيا لڳن. اهڙي لکت اسان کي آمريءَ جي هيٺين ٺهه کان وٺي آمريءَ جي شهري تمدن (موهن جي دڙي واري تهذيب) واري دور جي ٺهه ٿائين ملي ٿي. آمري ۾ ٿانون تي لکت جا ڪل 39 نمونا مليا آهن. جن مان ڪي موهن جي دڙي جي لکت سان واسطو ۽ مشابهت رکندڙ آهن.(1)

جنهن وقت دنيا جي ٻين ٻن وڏين تهذيبن ميسوپوٽيما ۾ ڪيونيفارم ۽ مصر ۾ هيروگلافڪ اسڪرپٽ موجود هئي. ان وقت سنڌو ماٿري ۾ تصويري رسم الخط رائج هئي، مارڪ ملر (MARK MILLER) موجب سنڌو سڀيتا جي شهري مرڪزن مان مهرن، ٿائن، پٽر جي ڦرهين ۽ ذات جي ٽڪرن تي ان لکت جون 985 ڪان وڌيڪ نشانيون يا حرف مليا آهن. جيڪي اڃا سوڌو پڙهجي نه سگهيا آهن. (2) جنهن سبب هڪ صدي گذرڻ

باوجود اها ڳجهارت سلجهي نه سگهي آهي ته سنڌو سپيتا جا وارث ڪهڙي ٻولي ڳالهائيندا ها. سنڌو ماٿر جي ماڻهن پڪٽوگراف رسم الخط ايجاد ڪئي. اها ساڳي صورتخطي اولهه ايشيا ۾ هتان سنڌ مان وئي. ان رسم الخط کي اولهه ايشيا ۾ رائج ڪرڻ جو سهرو سميري ثقافت جي وارثن تي آهي. جن جا پڻ سنڌو ماٿر جي وارثن سان ويجها ۾ گهاٽا لاڳاپا هئا.

سنڌ ۾ قديم آثارن جي کوٽائي کان اڳ ماهرن وٽ اها راءِ موجود هئي ته تحرير جو فن سڀ کان پهريان دجله ۾ فرات وارن ايجاد ڪيو. ان بعد مصري تهذيب وارن ۾ پين سکيو. موهن جي دڙي جي کوٽائي کان اڳ ماهر ان راءِ جا هئا ته لکڻ جو هنر ساڍا پنج هزار سال پهريان عراق جي شهر اريک ۾ ايجاد ٿيو. اريک شهر جي کوٽائي 1924ع ۾ جرمن ماهرن ڪرائي ۾ اتان کين هڪ تصويري تحرير ملي. جيڪا 3500 ق-م ڌاري مٽيءَ جي هڪ تختيءَ تي لکيل هئي.

ڪجهه ماهرن جو خيال آهي ته ميسوپوٽيميا جي سمير تهذيب جي لپي موهن جي دڙي جي لپيءَ جهڙي آهي. ٻئي طرف ايشيا مائنر جي تيل رهف ۾ بوگزڪوئي مان جيڪا نهايت پراڻي هٽائيت تهذيب ملي آهي، اها ۾ اتان جي پراڻي هٽائيت لپي سنڌو تهذيب ۾ سنڌو لپيءَ جهڙي آهي.

ايجپٽ مان سر پيٽراءِ کي اتان جي پهرين انساني آباديءَ جون جيڪي شيون مليون آهن ۾ جيڪا انهن جي پراڻي لپي ملي آهي، سا به سنڌو لپي سان ڪافي حد تائين مشابهت رکندڙ آهي.

پئسفڪ سمنڊ جي نيڪرني ۾ ايسٽرکيو مان ٿورا سال اڳ هڪ حيرت انگيز پراڻي لپي ۾ لکيل

ليک مليا آهن. ان لپيءَ جي جاچ ڪندي معلـوم ٿيـو آهي تـــه اهـــا ســـنڌو لـــپيءَ جي ئي ڏيءُ هـــئي. آڪسـفورڊ يونيورسـٽي جي پروفيسـر ڊاڪـٽر ايس لئنگڊن (S. Langdon) جهڙي ماهر ان بـابت چيـو آهي تـه،” مـوهن جي دڙي جي تهـذيب وارا مـاڻهو پراڻي زماني □ پئسفڪ سمنڊ □ آمدرفت ڪندا هئـا □ اهـــا انهن جي ئي لـــپي □ تهـــذيب آهي. جيڪـــا ايسٽرڪيو جي ڪنڊرن □ ملي آهي.“

آمريڪـا جي پـراڻن رهـاڪن مايـا مـاڻهن جي لپي □ سنڌو لپيءَ □ ڪافي هڪ جهـڙائي آهي □ ان مان اهو چـئي سـگهجي ٿـو تـه پـراڻي سـنڌي لـپي ڪافي پري پري تائين پکـڙي. سـنڌي مـاڻهو جيڪي بعد □ آمريڪا □ ڳاڙها هندستاني سڏجڻ لڳـا، سـي سنڌو ماٿر مان آمريڪا پهتا هئا □ اتي وجي پنهنجي ٻوليءَ □ لپيءَ کي عام ڪيو هئائون.

سنڌو سڀيتا جي عروج واري دور □ ڪيـترائي شهري سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري ٻاهر ويا. ڪي پنجـاب واري واٽ وٺي اتـر هندسـتان ڏانهن پکـڙڻ لڳـا تـه ڪي وري سـرحد پـار ڪـري ايـران □ ان جي آس پـــاس وارن ملڪن □ رهڻ لڳـــا. ڪي قـــبيلا ســـمنڊ رسـتي سـمير، بابـل، نينـوا □ فونيشـيا وڃي پهتـا. ڪجهه ماهرن موجب فونيشين يا پـٽي لـوڪ سـنڌو مـــاٿر جي رهواســـين جي ٻڻ ٻٽيـــاد مـــان هئـــا. هنن يـورپي ٻـولين جي آئيوتـا پنهنجي اصـلوڪي مـورتي لپيءَ مان پيـدا ڪـئي. هندسـتان □ وري ان مـورتي لپيءَ مان برهمي رسم الخط پيدا ٿيو. ان ڳالهه تي هـاڻي ٻـوليءَ جـا مـاهر متفـق آهن تـه سـمير جي مـــورتي لـــپيءَ جـــون ڪيـــترين نشـــانيون ســـنڌي صورتخطيءَ جون نشـانيون آهن. جن کي سـميرين محض پنهنجي ٻوليءَ جا آواز ڏئي لکڻ شروع ڪيـو.

لينارڊ وولي چوي ٿو تـه سـميرين مـاڻهو اوپـر کـان اچي فرات جي ڪناري تي آباد ٿيا. سميرين تهـذيب تي تحقيق ڪندڙ آمريڪا جي مشهور آرڪيالاجسـٽ نوحا ڪريمر جو به ساڳيو خيال آهي. هيروڊوٽس به ان خيال جو آهي ته فونيشين ماڻهو ايريٿرين سـمنڊ يعني هندي سمنڊ جي ڪناري کان ٻـيڙين ۾ چـڙهي آيا هئا. انجيـل مطـابق حضـرت نـوح جـو اولاد اوپـر کان ”شنار“ (بيبيلان) پهتو هو. اهي اوپـر جـا مـاڻهو سنڌي ئي هئا. ڇاڪـاڻ تـه ان دور ۾ تهـذيبي طـرح سنڌي تمدن ئي اوير ۾ ثـابت ٿي سـگهيو آهي. اهي سمورا قـبيلا پنهنجي اصـلوڪي زبـان، صـورتخطي، مهرن ۾ لکيتن جي صـورت ۾ پـاڻ سـان کـڻي ويـا. وقت گـذرڻ سـان انهن ئي نشـانين کي ڪتب آڻي، انهن کي نيون معنائون ۽ نوان اچار ڏئي نوان رسم الخـط ايجـاد ڪيـا ويـا. هـتي ٻـولي ۾ تـه نـه رڳـو نشانيون سـاڳيون ملن ٿيـون پـر خـود ڪيـترا لفـظ هوبهو سـنڌيءَ جـا ملن ٿـا. جيڪي مـوهن جي دڙي جي زماني جا آهن. ڇاڪـاڻ تـه هـتي ٻـولي مـوهن جي دڙي جي زماني کان اٽڪـل 2500 ورهيـه پـوءِ جي آهي.

## سنڌو ماٿر جي لوڪن جي ٻولي

سـنڌو سـپيتا جي وارثن جي ٻـوليءَ بـابت لسـاني مـاهرن ۾ وڏا اختلاف موجـود آهن. ان جـو وڏو سبب موهن جي دڙي سـميت ٻين قـديم آثـارن مان مليل لکتن جو پڙهجي نـه سـگهڻ آهي. سـنڌو ماٿر جا مـاڻهو وڏن دسـتاويزن لاءِ ڦرهـا، چمـڙي ۽ ڪپڙي جـا ٽڪـرا ۽ ڪـاٺ جـون تخـتيون ڪم آڻينـدا

هئا، جيڪي وقت گذرڻ سان ڳري، سڙي □ مٽيءَ □ ملي ويا. ان ڪري ان دور جي ٻوليءَ □ لکت بابت انتهائي گهٽ ثابتيون مليون آهن. جيڪي به مهرون □ ٻوليءَ بابت ٻيون شهادتون مليون آهن، سي انتهائي گهٽ □ اڻ پوريون آهن. ڪي تختيون □ مهرون ڀڄي ڀرزا ڀرزا ٿي ويون آهن، ته ڪن تي وري هڪ اڌ اکر مس لکيل مليو آهي.

## ڇا سنڌو سڀيتا جا وارث لکي پڙهي نه سگهندا هئا؟ هڪ مفروضو

ڪجهه ماهرن اها به دعوى ڪئي ته سنڌو ماٿري جي قديم آثارن مان مليل لکتن جا نمونا اصل □ ڪا به لکت يا ٻولي نه آهي. پر اهي محض ڪجهه غير لساني نشانيون آهن. انهن ماهرن □ رچرڊ اسپروٽ(Richard Sproat)، مائيڪل وٽزل (Michael Witzel) □ سٽيو فارمر (Steve Farmer) شامل آهن. جن مرڳو ان ڳالهه کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو ته سنڌو سڀيتا جي وارثن وٽ ڪو لکت جو نظام موجود هو. سندن دعوى مطابق سنڌو ماٿري جا ماڻهو اڻ پڙهيل هيا. هنن وٽ لکت جو ڪو به نظام موجود نه هو. (3) سندن چوڻ موجب ان ڪري هاٽي سنڌو سڀيتا جي وارثن جي انهن نشانين (لکتن) کي رسم الخط قرار ڏيڻ بند ڪرڻ گهرجي. هنن ماهرن موجب سنڌو ماٿري جي قديم آثارن مان مليل نشانيون محض ڪن مذهبي، سياسي □ سماجي عملن □ اهم ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هيون. جن جو ڪنهن لساني ڪارج يا ٻولي يا يادگيريءَ سان ڪو به لاڳاپو نه هيو. هنن

ماهرن جي موجب سنڌو لکت جا ڪي به ڊگها متن نه مليا آهن. ان ڪري مليل نشان ڪنهن رسم الخط جي نمائندگي نه ٿا ڪن. سندن چوڻ آهي ته هاڻي ان مفروضي ڪي رد ڪرڻ گهرجي ته دنيا جي پهرين الفابيٽ سنڌو ماٿري ۾ ايجاد ٿي.

قديم لکتن تي اپياس ڪندڙ هڪ نامياري ماهر آسڪو پرپولا (Asko Parpola) سٽيو فارمر، رچرڊ اسپروٽ ۽ مائيڪل وٽزل جي ان ٿيوري ڪي رد ڪيو آهي ته سنڌو ماٿري جي رهواسين وٽ لکت جو ڪو نظام موجود نه هيو. سندس چوڻ آهي ته آئون انهي راءِ جو آهيان ته سنڌو سپيتا جي وارثن وٽ لکت جو هڪ نظام هو. محض ننڍين تحريرن ملڻ جي آڌار تي انهن ڪي لکت جو درجو نه ڏيڻ ڪنهن به طرح عقلي دليل نه آهي. جيتوڻيڪ سنڌو متن سراسري ڊيگهه ۾ پنجن نشانين تي مشتمل آهي. اها خوبي ننڍڙن اسم وارن فقرن جي اظهار ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. اسان محض مهرن ۽ ٻين محفوظ ٿيل شين تي مڪمل جملن جي توقع ڪري نه ٿا سگهون. پوءِ به ليڪ اسمي فقرا، ٻوليءَ تي ٻيٺل رسم الخط جي ساک پرين ٿا. (4) سندس موجب مصري رسم الخط به ننڍين نشانين تي مشتمل هئي. انهن ۾ اڪثر ڪري ٻه يا ٽي نشانيون هيون، جنهن ڪي رسم الخط جو رتبو مليو. آسڪو پرپولا سٽيو فارمر، رچرڊ اسپروٽ ۽ مائيڪل وٽزل جي سنڌو ماٿري جي قديم آثارن مان لکڻ جو سامان برش، قلم وغيره نه ملڻ ڪي بنياد بڻائي سنڌو لکت کان انڪار ڪرڻ واري خيال ڪي رد ڪندي چيو آهي ته اهي شيون ممڪن آهي ته موجود رهيون هجن، جيڪي بعد ۾ ڳري سڙي فنا ٿي ويون هجن. هڙاپا وارين ٿانون تي چٽيل سنڌو متن مان اسان ڪي خبر پوي ٿي ته

سنڌو لوڪ لکڻ لاءِ برش استعمال ڪندا هئا. سرڪوٽاڊا ۽ بالا ڪوٽ مان مليل چوڙين ۽ ٻئي سامان مان به برش استعمال ٿيڻ جون شاهديون ملن ٿيون. جيڪي برش بعد ۾ محفوظ نه رهيا هوندا. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته ميسوپوٽيميا جهڙي پڙهيل لکيل تهذيب سان لهه وچڙ ۾ رهندڙ سنڌو جي واپارين ۽ شاهوڪار طبقي پنهنجو ڪو لکت جو نظام نه جوڙيو هجي. ماهر ان راءِ جا آهن ته سنڌو ماٿري جي رهواسين ضرور ڊگهيون تحريرون به لکيون هونديون، جيڪي ڪپڙي، چمڙي ۽ ڪن اهڙين ٻين شين تي لکيون ويون هونديون، جيڪي محفوظ رهي نه سگهيون. صرف اهي لکتون ئي محفوظ رهي سگهيون، جيڪي مهرن ۽ ٺڪر جي ٿانون تي موجود هيون. آسڪو پرپولا موجب سنڌو لکت جون نشانيون فقط ڪنهن هڪ قديم ماڳ مان نه مليون آهن، پر اهي وسيع ايراضي تي ڦهليل هن سڀيتا جي ڪيترن ئي ماڳن تان مليون آهن. انهن لکتن ۾ هڪ جهڙائي موجود آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته انهن نشانين ۾ ڪو مفهوم ۽ معنى هوندي، انهن لکتن کي استعمال ڪري پري پري رهندڙ ماڻهو واپار يا ملڪي نظام لاءِ استعمال ڪندا هوندا. (5) جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌو لکت سموري ماٿري ۾ هڪ جهڙي رائج هئي. آسڪو پرپولا موجب جيڪڏهن اهي لکت جون نشانيون نه هيون ته اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته مختلف علائقن جا ماڻهو هڪ ئي وقت اهڙيون نشانيون استعمال ڪندا هجن.

مشهور آرڪيالاجي ماهر ماسيمو وڊيل ( Massimo Vidale) به سنڌو ماٿري جي لکت جي وجود کان انڪار ڪندڙ ماهرن سٽيو فارمر، رچرڊ اسپروٽ ۽ مائيڪل وٽزل جي ان ٿيوري کي رد

ڪيو آهي. ماسيمو وڊيل موجب فارمر ۽ سندس ساٿين جو نظريو مفروضن ۽ هوائي ڏڪن تي بيٺل آهي (6) هن پنهنجي تحقيق ذريعي ثابت ڪيو ته سنڌو سڀيتا جي وارثن وٽ لکت جو ڪو نظام موجود هو.

ستيو فارمر، رچرڊ اسپروٽ ۽ مائيڪل وٽزل جي ان ٿيوري جو رد پارتي لساني ماهر مهاديون به تحقيق ذريعي ڏنو ۽ سندن ان دليل کي رد ڪيو ته سنڌو ماٿري جا ماڻهو اڻ پڙهيل هئا يا لکڻ نه ڄاڻندا هئا. مهاديون سنڌو لکت بابت فارمر ۽ سندس ساٿين جي ان بحث کي هڪ اجايو بحث قرار ڏنو آهي. مهاديون ان معاملي تي پنهنجي جوابي مقالي ۾ چوي ٿو ته قديم آثارن ۽ لسانيات جا تمام مضبوط ثبوت اهڙا موجود آهن، جيڪي ڏيکاري سگهن ٿا ته سنڌو رسم الخط هڪ تحريري سرشتو آهي. جنهن ۾ هڪ خطي جي ٻولي موجود آهي. (7)

موهن جي دڙي جي کوٽائي بعد قديم آثارن جي مختلف ماهرن اتان مليل لکتن کي پڙهڻ يا سمجهڻ کان اڳ ئي مفروضي تحت سنڌي ٻولي جو واسطو مختلف ٻولين يا انهن جي شاخن سان منسوب ڪري ڇڏيو. جنهن جو ڪو به علمي ۽ عقلي جواز موجود نه هو. ڪن ماهرن ان کي سامي صفت جي ٻولين جي شاخ قرار ڏئي ڇڏيو ته ڪن وري ان کي سنسڪرت جي ڌيءَ قرار ڏيڻ ۾ ڪا به ججهڪ محسوس نه ڪئي.

يورپ جا محقق ۽ لساني ماهر جڏهن هندستان آيا ته هنن پهريان سنسڪرت جو مطالعو ڪيو، بعد ۾ پنهنجي محدود مطالعي جي آڌار تي هتان جي بين ٻولين کي سنسڪرت ٻوليءَ جون

شاخون ظاهر ڪيو. هنن ڪي جنهن به ٻوليءَ جي سنسڪرت سان ٿوري به مشابهت نظر ٿي آين ته تڪڙ ۾ اها راءِ پئي قائم ڪين ته اها ٻولي پڻ سنسڪرت جي پيڻ يا ڌيءُ آهي. تامل، تيلگو ۽ ڪناڙي ۾ سنڌي ٻوليءَ جون ڪجهه خاصيتون ڏسي ڏڪو هنين ته سنڌي ٻولي انهن ٻولين جي گروپ مان جڙي راس ٿي ۽ اهي دراوڙي ٻوليون آهن. يا وري سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي هڪجهڙائي ڏسي سنڌي زبان ڪي سنسڪرت ڄائي ٿي سمجهين. پر اصل ۾ ائين ڪونه هو. ان جو ڪوبه ثبوت موجود نه هو. تامل تيلگو ۽ ڪناڙي ٻولين جي وارثن جون تهذيبون ايتريون قديم نه آهن، سندن تهذيبون سنڌو سپيتا جي پيٺ ۾ ٻارڙيون لڳن ٿيون.

موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ سنڌو ماتر جي ٻين قديم آثارن جي کوٽائي بعد نين لڪتن جي ملڻ ۾ وقت بوقت نوان انڪشاف يورپي ماهرن جي انهن نظرين کي رد ڪندا رهيا ۽ ماهر وقت بوقت پنهنجي خيالن ۾ تبديليون آڻيندا رهيا. پر هڪ اهڙو به ٽولو هيو، جيڪو هرويرو مذهبي ڪٽرپڻيءَ ۾ هٺ ڌرميءَ ڪري زوريءَ پنهنجي راءِ تي ذٺ هٽي ويهي رهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هتان جي اصل نج ٻولي مڃڻ کان انڪار ڪندو رهيو. ان ٽولي ۾ ڪٽر هندو، سنڌي زبان کي سنسڪرت ۾ ٻين دراوڙي نسل جي ٻولين مان نڪتل ٻولي سمجهڻ لڳا ۽ ٻيا وري ڪٽر مسلمان هرويرو سنڌي زبان جو واسطو عربي ۽ سامي نسل جي ٻولين سان ڳنڍڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا. جڏهن ته ڪجهه تامل ٻولي ماهر نسلي ۽ قومي تعصب جي بنياد تي سنڌو سپيتا جي ٻولي کي تامل دراوڙي قرار ڏيڻ لاءِ نهن چوٽيءَ جو زور لڳائڻ لڳا.

سنڌو ماٿري جي ٻولي تي تحقيق ڪندڙ ماهرن وٽ هن ٻولي بابت مختلف خيال موجود آهن. هيل تائين ان بابت پنج موقف سامهون اچي چڪا آهن.

سنڌي ٻولي جي حسب نسب بابت پهريون موقف ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ قائم ڪيو. جنهن موجب سنڌي ٻولي سنسڪرت زبان جي ورچڊا اپڀرنش مان ڦٽي نڪتي. ٽرمپ لڳ ڀڳ ڏيڍ سو سال اڳ اهو نظريو ڏنو. جنهن کي اڳتي هلي ٻولي ماهرن جي وڏي گروهه تحقيق بعد تسليم نه ڪيو. سنڌي زبان کي سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل ڏيکارڻ واري گروپ جو اڳواڻ گريئرسن هو. سندس ان نظرئي کي سنڌ ۾ وڌيڪ مشتهر ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي ٻن ڪتابن ذريعي ڪيو. هن ان ڳالهه کي هٿي ونائي ته سنڌي زبان هند آريائي زبانن جي شمالي مغربي گروهه سان تعلق رکي ٿي ۽ ورچڊا اپڀرنش پراڪرت سان هن جو سڌو تعلق آهي.

سنڌي ٻولي بابت ٻيو موقف سنڌ جي عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو سامهون آيو. جنهن سنڌي ٻولي کي سنڌو ماٿري جي قديم انڊو آرين پري سنسڪرت زبان قرار ڏنو.

سنڌي ٻولي بابت ٽيون موقف ايم ڪي جيٽلي جو سامهون آيو. سندس موجب سنڌي ٻولي ڪنهن پراڻي انڊو آرين ٻولين جي نسل مان آهي.

چوٿون موقف سنڌي ٻولي جي ماهر سراج الحق ميمڻ جو سامهون آيو، جنهن سنڌي ٻولي کي سنڌو ماٿري جي اصلوڪي زبان قرار ڏنو ۽ سنسڪرت کي سنڌي ٻولي مان ڦٽل ڏيکاري، ان کي سنڌي ٻولي جي ڌيءُ قرار ڏنو.

پنجـون موقـف ڊاڪــٽر غلام علي الانــا جــو سامهون آيو، جنهن جـو چـوڻ هـو تـه سـنڌي ٻـولي جون پـاڙون سـنڌو مـاٿري جي سـڀيتا ۾ ڪتـل آهن، سنڌي ٻولي ڪنهن ٻي ٻولي مان جنم نه ورتو آهي، پـــر اهـــا ســـنڌو مـــاٿري جي مـــاڻهن جي پنهنجي اصلوڪي ٻولي آهي. (8)

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان اٽڪــل 800 ڪن مهـــرون ۽ تـــائيت لـــڌا آهن. جن تي شـــڪليون، تصويرون ۽ نشانيون اُڪريل آهن. انهن مـان مڪيـه نشانيون ۽ سچاٽپ ۽ اينڊڙ 400 ڪن ملن ٿيون. اها ان وقت جي سـنڌي لـپي هـئي.(9) ڊاڪــٽر جي آر هنٽر، مئڪي، سڊني سـمٿ، سـي جي گـئڊ تحقيـق بعـد اهـو نظريـو قـائم ڪيـو آهي تـه بـرهمي رسـم الخـط مـوهن جي دڙي جي سـنڌي لـپي مـان ڦـٽي نڪتي. هنٽر ان خيال جو آهي تـه بـرهمي، سـبائين، صفائين، سائپريٽ (قبرص ملڪ) ۽ فونيشين رســم الخط، سنڌي رسم الخط مـان ئي اپريـا ۽ اسـريا.( 10) ڊاڪٽر هنٽر ته ان حد تائين خيال ڏيکــاريو آهي ته ممڪن آهي ته ان وقت سـنڌين کي ايـراني نـار تائين ساموندي آمدرفت ۾ جهاز رانيءَ ۾ هڪ هـٿي حاصل هئي. اهـا حقيقت انجيـل ۾ ذڪـر ٿيـل هـرم بادشاهه ۽ حضرت سـليمان عليـه سـلام جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جي روايت کي ثـابت ڪـري ٿي. جنهن معاهــدي مطــابق فونيشــين (سـنڌين) لــوڪن کي ايزئنجبر ۾ بينڪ قائم ڪرڻ جي اجازت ملي هئي.

ڪــوپن هيگن (فنلينـڊ) جي چئن سائنســدانن آسڪو پرپولا، سپو ڪوسڪينيامي، سـيمو پـارپولا ۽ پنيتي الٽو 1970ع جي ڏهاڪي ۾ دعوى ڪــئي آهي ته هنن موهن جي دڙي جي قديم رسم الخط پڙهي ۽ ســمجهي ورتــو آهي. هنن مــوهن جي دڙي جي

رسم الخط کي دراوڙي قـرار ڏنـو. هنن اهـا راءِ ان بنياد تي قائم ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تـه سـنڌي ٻـوليءَ جا لفظ دراوڙي ٻولين ۾ موجود آهن. پر اهي مـاهر ان حقيقت کي ويجهو نه پهچي سگهيا آهن ته اصـل ۾ دراوڙي ٻولين تي آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ جو اثر هــو ۾ موهن جي دڙي جي ٻـولي دراوڙي نـه پـر آڳـاٽي سنڌي ٻولي هئي.

ڊاڪــٽر پرپــولا، سـيموئل پرپـولا ۾ روس جي ٻين عــالمن ڪمــپيوٽر ذريعي مــوهن جي دڙي جي قديم لکت کي پڙهڻ ۾ ڪاميـابي جي دعـوى ڪـئي آهي. هنن مــوجب ”مــوهن جي دڙي واري ٻــولي، دراوڙي ٻـــولين جي مـــاءُ آهي. جنهن مـــان اهي دراوڙي ٻوليـون ڦـٽي نڪـتيون.“(11) هنن مـاهرن موهن جي دڙي مان مليل ڪن مهرن جون پڙهڻيون به ڏنيون آهن.

فنلينڊ جي ٻولي مـاهر آسـڪو پرپـولا پنهنجي نـتيجن جي آڌار تي سـنڌو لکت جـو لاڳـاپو دراوڙي زبان سـان ظـاهر ڪيـو آهي. آسـڪو پرپـولا سـنڌو لکتن کي پڙهڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندڙ ماهرن ۾ وڏو نالو آهي. سندس چـوڻ آهي تـه سـنڌو مـاٿري جي جيڪا رسـم الخـط آهي، ان جـو تعلـق دراوڙي خاندان جي ڪنهن ٻولي سان آهي. (12) هن سنڌو لکت کي پڙهڻ جي ڪوشـش دوران دراوڙي ٻـولين کي بنيـاد بنـايو. جنهن سـبب پـاڻ وڏين ڪوششـن بـاوجود سـنڌو لکت کي پـڙهڻ ۾ ڪاميـابي حاصـل ڪري نه سگهيو. ساڳي طرح آسـڪو پرپـولا وانگـر سنڌو لکت جو دراوڙي نظريو رکندڙ ٻيو ماهر اروٿم مهــاديون (IRAVATHAM MAHADEVAN) آهي. هن تامـل نسـل سـان واسـطو رکنـدڙ پـارتي مـاهر تامل ۾ بـرهمي لکتن تي ڪـافي ڪم ڪيـو ۾ قـديم

تامل ۽ برهمي لـپين جي اپيـاس (پـاچ) ۽ ڪاميـاب ويو. جنهن بعد مهاديون سـنڌو لکت کي پـڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هن به آسڪو پرپولا وانگر سنڌو لکت جو بنياد تامل ۽ ڳـولڻ جي ڪوشـش ڪـئي. (13) جنهن سبب ڪيس هي قديم سـنڌو لکت پـڙهڻ ۽ اجا سـوڌو ڪاميـابي نصـيب نـه ٿي آهي. آسـڪو پرپــولا ۽ اروٿم مهــاديون طرفــان سـنڌو لکت کي پـڙهڻ جـون ڪوشـشـون جـاري آهن. خـاص ڪـري آسڪو پرپولا سنڌو لکت پڙهڻ لاءِ ايـترو تـه بنيـادي ڪم ڪيو آهي، جو بقول اروٿم مهـاديون هـو ڪنهن بـــه وقت ان ۾ ڪاميـــاب ٿي ســـگهي ٿـــو. اروٿم مهاديون ان ڳالهـه جي بـه نفي ڪـري ٿـو تـه تامـل نـاڊو جـا مـاٺهو سـنڌو سـپيتا جـا وارث آهن. اروٿم مهاديون پـاڻ بـه ان خيـال جـو آهي تـه اڄ هڙاپـا ۽ موهن جي دڙي واري علائقي ۾ رهندڙ ماڻهو ئي ان تهذيب جا اصل وارث آهن. سندن ٻولي ۽ ثقافت ۾ صديون گذرڻ بعد فرق ضرور آيو هوندو.

يونيورسٽي آف واشنگٽن سيئٽل آمريڪـا جي ڪمــپيوٽر ســائنس ۽ لســانيات جي پــارٽي مــاهر راجيش رائو (Rajesh P. N. Rao) به سنڌو لکت تي ڪمــپيوٽر ذريعي تحقيــق ڪــري، نتيجـا حاصـل ڪرڻ جي ڪوشش ڪـئي. راجيش رائـو ۽ سـندس سـاٿين (14) جــو تعلــق پـارت جي ڏکڻ ۾ دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ خطي سان آهي. هنن سنڌو لکت کي دراوڙي پســـمنظر ۾ پـــرکڻ ۽ ســـمجهڻ جي ڪوشـش ڪـئي. سـندن تحقيـق ۾ هنـدو مـذهب ۾ نسلي برتري جي عنصر کي نظرانداز ڪري نــه ٿــو ســگهجي. اهــو ئي ســبب آهي جــو ســنڌو لکت تي سندن تحقيــق دراوڙي نقطي جي چــوڌاري ڦرنــدي رهي. (15) راجيش رائو ۽ سـندس سـاٿين مـوجب سنڌو رسـم الخــط اٽڪـل 2600 –ـ 1900 ق م ۾

ڏکڻ ايشيا ۾ سنڌو سڀيتا جي اندر وڌيو ۽ ويجهيو. انهيءَ سڀيتا پنهنجي پٺيان اندازن 4 هزار لکتون، مهرن، ننڍڙين ٽڪين، نڪر جي ٺانون، پٿر جي ٺانون، ٽامي جي ٺانون، اوزارن، هٿيارن ۽ ڪاٺ تي لکيل ڇڏيون آهن. موجوده لکتون نسبتن ننڍيون آهن ۽ سندن سراسري ڊيگهه 5 نشانين جيتري آهي، ۽ ڪنهن هڪ سطح تي ڊگهي ۾ ڊگهي لکت 17 نشانين تي مشتمل آهي. هن رسم الخط ۾ نشانين جو ڪٽيل تعداد اٽڪل 400 کن آهن. (16)

## سنڌ سڀيتا جي ٻولي ۽ لکت بابت مولانا ابو جلال ندويء جي دعوى

پاڪستان ۾ مولانا ابو جلال ندويءِ به سنڌو سڀيتا جي ٻولي ۽ لکت تي تحقيق ڪرڻ جي دعوى ڪئي آهي. هن پنهنجي هڪ مضمون ”قديم سنڌي نوشتي“ ۾ اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته سنڌو ماٿري جي سڀيتا يعني موهن جي دڙي مان مليل ٻولي ۽ لکت دراصل عبراني ۽ عربي جو بنياد آهي. هن اها به دعوى ڪئي هئي ته هو موهن جي دڙي جون ڪي مهرون پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. مولانا ندوي سنڌي تهذيب، تمدن ۽ رسم الخط کي عربي زبان جي تناظر ۾ پڙهڻ، پرکڻ ۽ جاچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن پنهنجي هڪ ٻئي مضمون ”فن ڪتابت“ ۾ لکت جو قديم دور کان جائزو ورتو آهي. هن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته ” سنڌي رسم الخط هاٿي تائين جي معلومات جي حد تائين دنيا جو قديم رسم الخط آهي. هيءُ رسم الخط پهرين شڪلي هوندو هو. تصويرن جي ذريعي خيالن کي

قلمبند ڪيو ويندو هو. سنڌ وارن تصويري لکت کي غير شڪلي بلڪ ابجدي ڪري ڇڏيو.“

مولانا ابو جلال ندوي جي تحقيق جو بنيادي مرڪز عربي □ عبراني علم □ ادب سان وابسته آهي. هو لکي ٿو ته ”2650 ق م کان 2150 ق م تائين سنڌ □ عراق جي وچ □ آمدرفت رهي آهي. اهو زمانو عراق جي اندر سميري □ سامي تهذيبن جي عروج جو زمانو هو. انهن ڏينهن □ عراق □ ٻه زبانون هڪ ”ايسمي نها“، يعني مردانا زبان توراني زبان جهڙِي هئي، جيڪي سميري ڳالهائيندا هئا. ٻي زبان ”ايمي سل“ يعني زناني زبان هئي، جيڪا سميري عورتون □ سامي ماڻهو ڳالهائيندا هئا. اها زبان عربي، عبراني □ حبشي جي هم نسل، پر توراني آميز هئي. مولانا ابو جلال ندوي اهو نتيجو اخذ ڪيو آهي ته سنڌو سڀيتا جي وارثن جو انهن ٻنهي زبانن سان واسطو هو. هو انهن ٻنهي کي نه سهي، پر هڪ زبان کي ضرور ڄاڻندا هئا. ان امڪان کي به رد ڪري نه ٿو سگهجي ته سنڌ □ ان مان ڪا هڪ زبان ڳالهائجندي □ لکي ويندي هئي.“

ابو جلال ندوي پنهنجي تحقيق ذريعي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌو ماٿري جي ماڻهن جي زبان □ لکت اصل □ مقامي نه هئي پر، اها چار يا پنج هزار سال پراڻي عربي زبان آهي. هن مذهب اسلام □ موجوده پاڪستان سان محبت جي بنياد تي سنڌو سڀيتا جي ٻولي □ لکت کي بنا ڪنهن ثبوت جي عربي □ اردو سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن پاڻ هڪ مضمون □ اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته ”سنڌ ماٿري جي زبان جي تحرير نه سنسڪرت آهي □ نه وري دراوڙي، پر اصل □ اها عربي زبان آهي.“ هن هڙاپا □ موهن

جي دڙي جي لکتن جي سلســلي کي اردو ابجــدن سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ابو جلال ندوي اصـل ۾ مـذهب جي اثـر هيٺ سنڌو سڀيتا جي ٻولي ۽ لپي کي زبردسـتي سـامي تهذيب سان ۽ عرب دنيا سان ڳنـڍڻ جي ڪوشـش ڪئي آهي. جنهن جا ڪي به عقلي ۽ سائنسي بنياد موجـود نـاهن. جيڪـڏهن سـنڌو لکت ۽ ٻـولي جـو واسطو سامي تهـذيب سـان هـو ۽ هن ﭘـري ﭘـاڳي ترقي يافتا سنڌو ماٿري جـا مـاڻهو ان وقت سـامي تمــدن ســان واســطو رکنــدڙ مــاڻهن جي ٻــولي ڳالهائيندا هئا ته ﭘوءِ سميري تهذيب مان مليل لکتن ۽ موهن جي دڙي مـان مليـل لکتن ۾ هڪ جهـڙائي موجود ڇو نه آهي. سميري تهذيب جي لکت ۽ سنڌ لکت سـاڳي هـئي تـه ﭘـوءِ سـميري لکت ﭘـڙهجي سگهي آهي ﭘـر سـنڌو لکت ان سـان هڪ جهـڙائي رکڻ باوجود ڇو اڄا تائين ﭘـڙهجي نـه سـگهي آهي. اصـل ۾ مولانـا نـدوي جي تحقيـق جـو بنيـاد علمي، عقلي ۽ سائنسي بنيـادن تي رکيـل نـه آهي ﭘـر هن مذهب جي اثر هيٺ بنا ڪنهن ثبوت جي موهن جي دڙي جي زبــان کي عــربي زبــان ثــابت ڪــرڻ جي ڪوشــش ڪــئي آهي. هڪ هنــڌ تي مــذهب ســان محبت جي بنياد تي سموري جديد تحقيـق ۽ نـتيجن کي ﭘاسي تي ڦٽو ڪندي اها دعوی به ڪئي آهي ته وادي سنڌ جا ماڻهو دين حنيف جي مڃڻ وارا هئـا ۽ ملت ابراهيم سان تعلق رکندا هئا. ان ڪري مولانــا ندوي جي سـنڌو لکت ۽ ٻـولي تي ٿيـل تحقيـق جي ڪي بـه علمي، عقلي ۽ سائنسـي بنيـاد نـه آهن. (17) ڊاڪٽر اين بي بلوچ ۽ ابوالجلال ندوي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌي سنسڪرت زبان نـه آهي، ابـو الجلال ندوي جي چوڻ موجب سنڌي سنسـڪرت ۽ تامل سان ڪوبه تعلق نه ٿي رکي. (18)

پاڪســتان جــو نامـيــاري آرڪيــالاجي مــاهر پروفيســر داني بــه ان نظـرئي جـو آهي تـه سـنڌو سپيتا جي وارثن جي ٻولي دراوڙي نه هئي. ڇاڪاڻ جو اڄ جي ڏکڻ هندستان ۾ آڳاٽي سنڌو ماٿري جي وچ ۾ وڏو فاصلو آهي. ڏکڻ هندستان ۾ قديم سنڌو ماٿري ۾ ثقافتي تسلسل جا بـه ڪي مثـال موجـود ناهن. ساڳي ڳالهه پارتي ماهر مهاديون به ڪري ٿو ته سنڌو ماٿري ۾ هيـڏو پـري دراوڙي ڏکڻ ۾ سـڌو رشــتو ممڪن ڪــونهي. ڇــو تــه وچ ۾ ايــڏي وڏي فاصلي ۾ وقت جي وٿي آهي. اٽڪل 2000 سال ۾ 2000 ميــل جي دوري آهي. (19) پاڪســتان جي مشهور آرڪيالاجسٽ پروفيسر احمـد حسـين داني موجب سنڌو سپيتا جا خالق دراوڙ نه هئا. هن انـڊيا جي آرڪيالاجســٽن اســوڪا پــارپولا ۾ پروفيســـر مهـاديون ۾ روسـي محققن جي ان نظـرئي ڪي رد ڪيو آهي ته موهن جي دڙي جا وارث دراوڙ هئا، ان بابت هن پنهنجي انٽرويو ۾ چيو آهي ته سنڌو سـپيتا جي ماڳن تي ٿيل تحقيقي مان ان ڳالهه جـو ڪوبـه ثبوت نه مليـو آهي تـه مـوهن جي دڙي جي تهـذيب جا وارث دراوڙ هئا، جيڪـڏهن دراوڙ سـنڌو تهـذيب جا خـالق هئـا ۾ هن مـاٿري مـان ئي لـڏپلاڻ ڪـري ڏکڻ هندستان ويا هئـا تـه پـوءِ اتـان هن وقت تـائين موهن جي دڙي جي تهذيب جا آثار ڇو نه مليـا آهن. جڏهن ته سنڌ تهذيب جا آثار گجرات، ملبار ۾ سنڌو مـاٿري جي پـر وارن ٻين خطن مـان مليـا آهن. پـر دراوڙي ٻولي ڳالهائيندڙن جي خطي ڏکڻ هندسـتان مـان ڪـو هڪ بـه اهـڙو آثـار نـه مليـو آهي، جيڪـو سنڌو سپيتا سان هڪجهڙائي رکندڙ هجي يا ان دور جو هجي. (20)

سنڌ ۾ سـنڌو لکت تي ڪم ڪنـدڙ هڪ مـاهر سراج الحق ميمڻ موجب موهن جي دڙي ۾ ســنڌو

ماٽري جي ٻين وسندين مان مليل لکتون سنڌي ٻوليءَ جون آهن. سنڌي ٻولي سنڌو ماٽريءَ جي اصلوڪي ٻولي آهي. اها ڪٿان ٻاهران نه آئي هئي ۾ نه وري ڪنهن ٻي ٻولي مان ڦٽي نڪتي هئي. هن پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ ۾ اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته جيئن ته سنڌو ماٽري جي سڀيتا تمام گهڻي قديم آهي، ان ڪري ان جي ٻولي به سڀني ٻولين کان قديم هوندي. جنهن مان پوءِ ٻيون ٻوليون ڦٽي نڪتيون هونديون. سراج ميمڻ پروٽو سنڌي کي پروٽو دراوڙي، پروٽو آريائي ۾ هن خطي جي ٻين قديم ٻولين جي ماءُ قرار ڏئي ٿو. (21)

ساڳي طرح سنڌ جو هڪ ٻيو لسانياتي ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا به سنڌي ٻوليءَ کي هتان جي اصلوڪي ٻولي قرار ڏئي ٿو. جنهن کي هو ”سنڌوئي“ جو نالو ڏئي ٿو. ڊاڪٽر الانا جي سنڌي ٻولي بابت اها راءِ آهي ته جيئن ته 5 هزار سال پراڻي سنڌي ڪلچر ۾ سڀيتا جو تسلسل اڄ به سنڌ ۾ موجود آهي. ته ٻولي ۾ به ساڳيو تسلسل هوندو. (22) ان ڪري ضروري آهي ته سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ان ٻولي ۾ لکتن کي ان پسمنظر ۾ پڙهڻ گهرجي. (23) ساڳي طرح سنڌ جي هڪ ٻئي ماهر ايم ايچ پنهور جي به اها راءِ آهي ته سنڌ ۾ هن وقت جيڪا ٻولي ڳالهائجي ٿي، اها پروٽو انڊين يعني آڳاٽي هند جي ٻولي هئي ۾ دراوڙن سان ان جو تعلق گهڻو آڳاٽو ڇڇي چڪو هو ۾ ٻولي ڪنهن به صورت ۾ دراوڙي ٿي نه ٿي سگهي. ان ڪري سنڌو لکتن کي دراوڙي کي بنياد قرار ڏئي پڙهڻ (Decipherment) جي ڪابه ڪوشش ڪامياب ٿي نه ٿي سگهي.

ٻوليءَ جا ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته

پراڻي (پروٽو) سنڌي ٻولي ئي سنڌو سڀيتا جي وارثن جي ٻولي هئي. سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون موهن جي دڙي واري سڀيتا ۾ ڪتل آهن. پروٽو سنڌي ٻوليءَ جون خاصيتون هندستان جي ٻين ٻولين ۾ هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته انهن ٻولين جو اصل بڻ بنياد پروٽو سنڌي هئي. بابل ۽ ميسوپوٽيميا ۾ سنڌي ٻوليءَ جون نشانيون ملڻ مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته سنڌو ماٿر جي ترقي يافته تهذيب جي وارثن واپار سانگي اتي پهچڻ بعد پنهنجي ٻوليءَ جو انهن ديسن ۾ ڦهلاءُ ڪيو. جنهن ڪري بابل ۽ ميسوپوٽيميا جي قديم آثارن مان ٻولي بابت مليل باقيات جو موهن جي دڙي جي ٻولي سان هڪجهڙائي ان جو ثبوت آهي. ماهرن اهو ثابت ڪيو آهي ته مکيه دراوڙي ٻوليون تامل، تيلگو ۽ ڪناڙي اصل پروٽو سنڌي ٻوليءَ جي اثر هيٺ رهيون آهن. جڏهن ته سنسڪرت جي پيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ گهڻي پراڻي آهي.

سنڌو لپي کي پڙهڻ لاءِ ڄاڪوڙ ڪندڙ ماهرن مان ڪجهه هن لکت کي هند آريائي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن ۽ سنڌو لکت کي سنسڪرت، دراوڙي يا براهمي لکت سان پيٽي ويدڪ پيا ثابت ڪن ته ٻيا وري ان جي پروٽو دراوڙي هئڻ جو يقين ڪري ان کي تامل ۽ تيلگو ٻولين کي اڳيان رکي پڙهڻ ۽ سمجهڻ طرف پنهنجون توانايون استعمال ڪري رهيا آهن. ساڳي طرح ماهرن جو هڪ گروپ وري سنڌو لکت کي سامي صفت جي ٻولي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪري. سنڌو ماٿري جي لپي کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪندڙ لسانياتي ماهرن پنهنجي اڳيان هن ماٿري کان هزارين ميل پري موجود زبانن کي اڳيان رکي سنڌو لکت کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي

ڪوشش ڪئي آهي. پر اصل ۾ سنڌو لکت جون پاڙون ان ئي ماٿري جي زبانن ۾ ڳولڻ گهرجن، جتي اها عظيم تهذيب اسري ۽ نسري هئي. پراڻي لکت جي باقيات سنڌو ماٿري ڪان هزارين ڪوهه پري نه پر ان ئي خطي ۾ ملي سگهي ٿي، جتي اها هزارين سال اڳ لکي وئي هئي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌو لکت کي پڙهڻ جي ڪوشش وقت موجوده سنڌي ٻولي سميت هن ماٿري ۾ هن وقت موجود ٻين ٻولين سرائيڪي، پنجابي، ڪشميري ۽ ٻين ٻولين کي اڳيان رکي اها ڳجهارت پچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

حوالا ۽سمجهاڻيون

1. سـراج الحـق، آمـري، مـاهوار نـئين زنـدگي كـراچي، مارچ اپريل 1966ع

See Also: J.G. Shaffer and B.K. Thapar, PRE-INDUS AND EARLY INDUS CULTURES OF PAKISTAN AND INDIA, PART ONE (J. G. SHAFFER), ISBN 978-92-3-102719-2

See Also: Richard F. S. Starr, Indus Valley Painted Pottery, The American Journal of Semitic Languages and Literatures, Vol. 58, No. 4 (Oct., 1941), pp. 421-426

2. MARK MILLER, Decoding the mysterious ancient Indus Valley script will shed light on powerful ancient civilization,

Ref: http://www.ancient-origins.net/artifacts-ancient-writings/decoding-mysterious-ancient-indus-valley-script-will-shed-light-powerful-020582#ixzz3zCyIdqDz

3. Steve Farmer, Richard Sproat and Michael Witzel, The Collapse of the Indus Script thesis: The myth of a literate Harappan Civilization, Ref: www.ejvs.laurasianacademy.com

or
http://www.safarmer.com/fsw2.pdf

وڌيڪ ڏسو: ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌيڪار، سنڌو لکت، ايڪيهين صديءَ □ ٿيل نئين تحقيق، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2012ع

.4 ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌيڪار، سنڌو لکت، ايڪيهين صديءَ □ ٿيل نئين تحقيق، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2012ع

5. Asko Parpola,_Is the Indus script indeed not a writing system?

https://www.harappa.com/content/indus-script-indeed-not-writing-system

See also: Asko Parpola, Deciphering the Indus Script, https://www.harappa.com/script/parpola15.html

See also: Asko PARPOLA, Study of the Indus Script (Special Lecture), Paper read at the 50th ICES Tokyo Session on 19 May 2005 in Tokyo.

6. Massimo Vidale, The Collapse Melts Down: A Reply to Farmer, Sproat & Witzel, East and West, Vol. 57, No. 1/4 (December 2007), pp. 333-366

7. IRAVATHAM MAHADEVAN, The Indus ‘non-script’ is a non-issue,

http://www.thehindu.com/todays-paper/tp-features/tp-sundaymagazine/the-indus-nonscript-is-a-nonissue/article661496.ece

8. Allana, Dr. Ghulam Ali, SINDHI LANGUAGE & LITERATURE AT A GLANCE, Sindhi Language Authority, Hyderabad, Sindh. 2009

9. سنڌي ٻولي، ص-122

10. Hunter, “Script of Harapa and Mohenjo Daro”, P-22

11. The Daily Dawn, Karachi, Sunday, July 20th, 1969, P-17

12. ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌيڪار، سنڌو لکت، ايڪيهين صديءِ ۾ ٿيل نئين تحقيق، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2012ع

13. ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌيڪار، سنڌو لکت، ايڪيهين صديءِ ۾ ٿيل نئين تحقيق، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2012ع

See Also: https://www.harappa.com/script/mahadevantext14.html

14. Rajesh P. N. Rao, Nisha Yadav, Mayank N. Vahia, Hrishikesh Joglekar,

R. Adhikari, and Iravatham Mahadevan.

15. Rajesh P. N. Rao, Nisha Yadav, Mayank N. Vahia, Hrishikesh Joglekar,

R. Adhikari, and Iravatham Mahadevan, Entropy, the Indus Script, and Language: A Reply to R. Sproat, https://homes.cs.washington.edu/~rao/IndusCompLing.html

16. ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌيڪار، سنڌو لڪت، ايڪيهين صديءِ □ ٿيل نئين تحقيق، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2012ع (راجيش رائو □ سندس ساٿين جو مقالو)

17. ريفرنس طور ڏسو مولانا ابو جلال ندوي جا لکيل مقالا □ مضمون: 1. قديم سنڌي نوشتي (اردو)، سنڌي رسم الخط 800 ق م تک مستعمل تها (اردو)، سنڌي مهرين (اردو)، هڙاپا سڪرپٽ پڙهي جائي تو ڪيسي (اردو)

18. ندوي ابو الجلال، موهن جو دڙو ڪي زبانين، رساله تاريخ و سياست، نومبر 1953ع

19. ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌيڪار، سنڌو لڪت، ايڪيهين صديءِ □ ٿيل نئين تحقيق، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2012ع

20. نامياري آرڪيالاجسٽ ڊاڪٽر احمد حسين داني ڪان هي انٽرويو 6 جنوري 1998 تي اسلام آباد ۾ ورتو ويو. جيڪو هڙاپا بابت ويب سائيٽ تي موجود آهي. ( http://www.harappa.com/script/danitext.html#1)
21. ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌيڪار، سنڌو لکت، ايڪيهين صديءِ ۾ ٿيل نئين تحقيق، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2012ع ص: 228
22. Allana, Dr. Ghulam Ali, SINDHI LANGUAGE & LITERATURE AT A GLANCE, Sindhi Language Authority, Hyderabad, Sindh. 2009
23. ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌيڪار، سنڌو لکت، ايڪيهين صديءِ ۾ ٿيل نئين تحقيق، سنڌي لئنگيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، 2012ع

# سنڌو ماٿر جي شهري رياست جا مذهب ۽ نظريا

سنڌو ماٿر جا رهواسي زراعت سان منسلڪ هجڻ سان گڏوگڏ واپاري پڻ هئا. ان ڪري هنن وٽ

زنــدگيءَ جي بــاري ۾ هڪ الــڳ نقطي نظــر هيــو. سنڌي تهـذيب ٻين تهـذيبن جي ڀيٽ ۾ مـادي مـزاج جي هئي. واپـاري طبقي وٽ مـذهب ثـانوي حيـثيت رکنــدڙ هــو، ان ڪــري هــتي مــذهبي خيــال وڌيڪ پرورش وٺي نه سگهيا. واپاري هجڻ ڪري هنن وٽ روح بـدران جسـم، آسـمان بـدران زمين ۾ وحـدت بـدران ڪـثرت کي اهميت حاصـل هـئي. هـو مـاڻهو قدرت تي گهڻ ڀاڙيندا هئا.

سنڌو ماٿر جي سڀيتا جو بنياد مـذهب نـه پـر واپار تي ٻيٺل هيو. موهن جي دڙي ۾ هڙاپـا سـميت سـنڌو مـاٿر جي ٻين اهم شـهرن جي اسـتحڪامت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان تمدن جـو بنيـاد مذهب تي نـه پـر پـرڏيهي واپـار تي هيـو.(1) قـديم آثارن جو ماهر اسـٽروٽ پگـاٽ ان نقطي نظـر جـو آهي تــه ســنڌو ســڀيتا جي واپــاري پيشــا ملڪي حڪمرانن جو سياسي نقطي نظر لاديني هيو. (2)

پروفيســر ڪي ايم ســين پنهنجي مشــهور ڪتاب ”هندو ازم“ ۾ لکيو آهي تـه مـوهن جي دڙي يا هڙاپا جي کوٽائي مان گڏجي عبادت ڪـرڻ جـون ڪي جـايون ڪونـه مليـون آهن. مـوهن جي دڙي ۾ هڙاپا سـميت سـنڌو مـاٿر جي ٻين اهم شـهرن جي استحڪامت مان انـدازو لڳـائي سـگهجي ٿـو تـه ان تمدن جو بنياد مـذهب تي نـه پـر پـرڏيهي واپـار تي هيو.(3)

سـنڌي تهـذيب ۾ شــو ۾ ڳئــون جي علامت ظاهر ڪري ٿي ته اهي ٻئي شيون زرخـيزيءَ جـون علامتون هيون. ڇو جـو زراعت جـو تعلـق ڌرتيءَ ۾ ڌاند سان هيو. ان ڪري انهن ٻنهي شين جي وڌيڪ عـزت ڪـئي وينـدي هـئي. ٻيـو جنسـي ميلاپ جي حساب سان عورت ۾ مرد جي خـاص عضـوون کي

وڏيڪ اهميت هــئي. ڇــو جــو عــورت جي خــاص عضووي ۽ جڏهن مرد ۾ داخل ڪندو هو ته تخليــق جو عمل ٿيندو هو. اهڙي طـرح جـڏهن زمين تي ٻج ڇٽبو هو ته اتان فصل پئدا ٿيندا هئا.

سنڌو ماٿر جا ماڻهو تخليـق جي مـادي تصـور جا قائـل هيـا. انهن لاءِ تخليـق هڪ مسلسـل عمـل هئي، هيءُ عمل بهار ۾ وڻن جي ڦوٽهڙي اچڻ سان شـروع ٿينـدو هـو. ٻـنين ۽ کيتن ۾ جـوڙا وڃي پيـار وندبيندا هئا ۽ تخليـق جـو عمـل (جمـاع) ڪنـدا هئـا. ماهرن موجب سنڌو ماٿر ۾ تخليق جو تصور جـدلي يعني مادي هو، پر ٻين ديسـن ۾ اهـو تصـور سـلبي (روحاني) نظر اچي ٿو. قديم سنڌين جو خيال هيـو ته ڌرتي ماتا يعني زمين انسانن ۽ جانورن کي کاڌو پهچـائي ٿي. تنهن ڪـري اهـا پوڄـا جي لائـق آهي. عورت ۽ زمين ۾ هڪ جهـڙائي هجڻ فطـري ڳالهـه آهي، ان ڪري عورت ۽ ڌرتي تخليق جو سرچشمو شمار ڪيا ويندا هئا. ان زماني ۾ لنگ پرستي جو به رواج هيو. جيڪو پڻ تخليق جي عمل سان سلهاڙيل عضوو آهي. موهن جي دڙي مان اهڙا مجسما مليـا آهن، جن ۾ مـــرد ۽ زال جي گـــڏيل تصـــوير آهي. جنهن مان قديم سنڌين جي نظرئي بـابت پتـو پـوي ٿو. موهن جي دڙي مان هڪ مرد جو مجسمو مليـو آهي، جنهن کي سرجان مارشل ديوتا سڏي ٿو. اهو مرد مچيءَ جي يوگ آسڻ تي ويٺل آهي. هڪ اهڙي عورت جي تصوير به ملي آهي، جيڪا اونــڌي منهن ٽنگون ٽيڙي پئي آهي، سندن خاص عضوي مان ٻيڻ جو ٻوٽو اسرندي ڏيکاريـل آهي. جنهن مـان عـورت تخليق جي ماءُ هجڻ واري تصور کي هـٿي ملي ٿي. (4)

# عورت جو ڪردار

وسڪونسن ميڊيسن يونيورسٽي (University of Wisconsin – Madison) آمريڪا جي پروفيسر جوناٿن مارڪ ڪينوائر چيو آهي ته سنڌو سڀيتا جي قديم آثارن تي تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته ان سماج ۾ عورت کي مرڪزي مقام حاصل هيو. عورت انتهائي طاقتور تصور ڪئي ويندي هئي. هڙاپا مان اهڙا ثبوت مليا آهن ته عورت جي مرڻ بعد سندس مڙس کي به ساڻس گڏ دفن ڪيو ويندو هو.(5) جڏهن ته پارت جي ڪجهه قديم قبيلن ۾ ويجهي ماضيءَ تائين مردن جي وفات بعد سندن زالن کي ساڻن گڏ دفن ڪيو ويندو هو. سنڌو لکت تي تحقيق ڪندڙ ڪيس ويسٽرن ريزرو يونيورسٽي (Case Western Reserve University) جي ماهر پروفيسر جيمس شيفر (James Shaffer) چيو آهي ته قديم دور جي ٻين سڀيتائن جي ڀيٽ ۾ سنڌو ماٿري جي سماج ۾ عورت کي مٿيرو مقام مليل هو ۾ عورت کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. فيصلن ۾ عورت جو مرڪزي ڪردار هوندو هو. ان وقت دنيا جي ٻين تهذيبن ۾ عورت مرد جي ماتحت يعني غلام تصور ڪئي ويندي هئي. (6)

سنڌو ماٿر جي قديم شهرن ۾ وسندين مان مندر، بت يا ڪا مذهبي مورتي ڪانه ملي آهي. سنڌو ماٿر جي رهواسين جو تخليق بابت عقيدو هيو ته عورت ۾ ڌرتي ماتا ئي هر شيءَ جي تخليق جو بنياد آهي. هتان جا رهواسي جڏهن واپار سانگي ٻاهرين ملڪن ۾ پهتا ته اتي به هنن ان تصور کي وڌايو ۾ ڌرتي ماتا جي پوڄا شروع ٿي.

ذرتي ماتا جي پوڄا واري تخيل جا خالق سنڌي هئا. عراق ۾ پڻ ڌرتي ماتا جي پوڄا ٿينـدي هـئي، جنهن کي عورت سان تشبيح ڏني ويندي هئي.

سنڌ اندر اوائل ۾ ”ماءُ آدرشي سماج“ هيو ۽ جنهن ۾ عورت کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هـو، زراعت عـورتن جـو ڪم هـئي ۽ ٻوٽـا پـوکڻ ۽ زمين کي زرعي مقصـــــــــدن لاءِ ڪتب آڻڻ جي شروعات به پهـرين عـورتن ڪـئي. عـورت ۽ زمين جيڪي زرخـيزيءَ جي علامت هيـون، انهيءَ ڪـري اوائلي سـماج ۾ ٻنهي عـورت ۽ ڌرتيءَ کي مـان ۽ مرتبـو حاصـل هيـو ۽ انهن جي پوڄـا ڪـئي وينـدي هئي. بعد ۾ جڏهن زرعي نظام پختو ٿيڻ شروع ٿيـو ۽ زراعت بــه مــردن جــو ڪم بڻجي وئي تــه مــاءُ آدرشي سماج جي جاءِ پيءُ آدرشـي سـماج والاري ورتي. جنهن بعد ئي ذاتي ملڪيت جـو بنيـاد پڪـو ۽ پختو ٿيڻ لڳو. مرد معاشري جي حــاوي ٿيڻ ۽ ذاتي ملڪيت جي واڌ ويجهـــه ســبب ســماج طبقن ۾ ورهائجي ويـو. جنهن بعـد ئي مـذهب جي ضـرورت پيش آئي. جـيئن متـئين طبقي جي مـال، ملڪيت ۽ ڦرلٽ کي مذهبي بنيادن تي جـائز قـرار ڏنـو وڃي. هيٺين طبقي کي مطيـع ڪــرڻ لاءِ کين مـذهب جي بنيــاد تي اڻ ڏٺين قــوتن جــو ڊپ ڏنــو ويــو ۽ هن زندگيءَ جي آسائشن کي ڇڏي ڏيڻ جي عيوض هن زندگيءَ کان پوءِ ملنـدڙ آسائشـن ۽ ثـوابن جي لالچ ڏني وئي. طبقــاتي ســماج جي طــاقت وٺڻ بعـــد مذهب پنهنجي پـوري قـوت سـان ظـاهر ٿيـو. ملڪ اندر پوڄارين جي طـاقت وڌڻ لڳي. سـنڌو مـاٿر ۾ اهو دور 1500 ق-م بعد شـروع ٿيـو ۽ طـاقت وٺڻ لڳو. ان دور کي سنڌو سڀيتا کان پـوءِ وارو ”ويـدڪ دور“ ڪوٺيـو وڃي ٿـو. ان ئي دور ۾ شـولنگم جي پوڄا جو رواج پيو. جيڪو ”پيءُ آدرشي سماج“ جـــو

اهم اهڃاڻ هيو. سنڌو ماٿر ۾ طبقاتي سماج 1500 ق-م ڌاري وڌيڪ پختو ۽ مضبوط ٿيو، واپاري طبقو ڪمزور ٿيڻ لڳو ۽ ملڪ ۾ پوڄارين ۽ پروهتن جو تعداد وڌڻ لڳو. جنهن سان مذهبي نظرين کي هٿي ملي.

انساني علم جا ماهر فريزر ۽ ٽائلر چون ٿا ته دنيا جي مڙني وحشي ۽ نيم مهذب قومن ۾ انساني قرباني جو رواج هيو. ماڻهو انهن بدنصيب لاشن کي ٻنين ۾ ٻج سميت دفن ڪندا هئا. اهو رواج مصر، عراق، آسٽريليا، ميڪسيڪو وغيره ۾ موجود هيو. پر اڄ ٽائين ڪوبه محقق اهو ثابت ڪري نه سگهيو آهي ته اهو رواج سنڌ ۾ به هيو. ڇو جو سنڌي ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مهذب هيا. هو اهڙين ڳالهين ۽ تصورن ۾ يقين نه رکندا هئا. هنن وٽ انسان جو قدر ۽ قيمت هئي. هو صرف درياهه ۽ زمين جي پوڄا ڪندا هئا. ۽ فصلن پچڻ وقت خوشيون ڪندا هئا. هو ڌرتيءَ ۽ درياهه جي لاءِ ڪابه انساني قرباني وغيره ڪونه ڏيندا هئا.

آمريڪا جي ماهر اومائل، اين مورا سنڌو سڀيتا تي لکيل پنهنجي ڪتاب " دي ڊانسنگ شئڊوز" ۾ لکيو آهي ته موهن جي دڙي مان ڪنهن به وڏي عبادتگاهه جا آثار نه مليا آهن، جيڪا ان ڳالهه جي شاهدي آهي ته سنڌ ماٿري جي شهري رياست ۾مذهب کي رياستي سرپرستي حاصل نه هئي. موهن جو دڙو سميت ٻين شهرن ۽ وسندين ۾ مذهبي رواداري جو نظام هو، مذهب هر ماڻهو جو خانگي معاملو هو. مذهب جو شهري ڪارونهوار سان ڪو به واسطو نه هو. (7)

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

1. اشـرف، محمـد، تـاريخ و سياسـت، رسـالو، جولاءِ 1951ع

2. Piggott, “Pre Historic India” 1950

3. اشـرف، محمـد، تـاريخ و سياسـت، رسـالو، جولاءِ 1951ع

4. Marshall, Sir John, “Mohen jo Daro and Indus Civilization” Vol: 1-3, London 1931

5. Jonathan Mark Kenoyer, “Mohenjo-Daro”, http://www.mohenjodaro.net/

6. Traci Watson, Surprising discoveries from the Indus Civilization, National Geographic News
Mon, 29 Apr 2013 14:15 UTC

See also: http://www.sott.net/article/261407-Surprising-discoveries-from-the-Indus-Civilization

7. Aoumiel Ann Moura، Dancing Shadows: The Roots of Western Religious Beliefs (Llewellyn's World Religion and Magic) October, 1995

# سنڌو سڀتا جي وارثن جا پرڏيهه سان لاڳاپا

قديم تهذيبن □ ٻولين تي کوج کندڙ ماهرن جي ذهنن □ ان وقت عجيب غريب سوال اڀريا □ هو مونجهاري □ پئجي ويا. جڏهن هنن ڏٺو ته قديم قومن جي نه صرف ٻولي پر ريتون رسمون □ حسب نسب به هڪ ئي هو. هنن پوري جڳ جي کوج ڪرڻ بعد اندازو لڳايو ته انسانذات ڪنهن هڪ ئي مرڪز تان ٽڙي پکڙي آهي □ پوءِ وقت گذرڻ □ مختلف ملڪن جي آبهوا □ ٻين موسمي حالتن سندن شڪليون، ٻوليون □ ڪلچر بدلائي ڇڏيا آهن. تڏهن به ڪي اهڙيون هڪجهڙايون مڙني ملڪن جي ٻولين، ريتن رسمن □ ڏند ڪٿائن □ ملن ٿيون، جن مان پروڙ پوي ٿي ته قديم انسان ڪنهن وقت هڪ ٻئي سان گڏ رهندا هئا □ پوءِ ڌار ٿيڻ ڪري منهنجن تبديليون اچي ويون. جڏهن ته مڙني قديم قومن جي ٻولين، ريتن رسمن □ هڪجهڙايون صرف متئين خيال جي ئي تصديق نه ٿيون ڪن، پر اهو به چئي سگهجي ٿو ته قديم قومن وچ □ اهي هڪجهڙايون، سندن هڪ خطي کان ٻئي خطي تائين لڏ پلاڻ، اتي وڃي پنهنجون آباديون قائم ڪرڻ يا انهن خطن وچ □ واپاري ناتا □ لاڳاپا هئڻ ڪري به پيدا ٿي سگهيون هونديون. انساني تاريخ جا ماهر ان ٻئي خيال کي وڌيڪ قبول ڪن ٿا. جنهن جون اڳتي هلي مضبوط شهادتون ملن ٿيون.

قـــــديم دؤر جي مختلــــف تهـــذيبن وچ ۾ هڪجهڙايـون ملڻ جـيئن قـديم مصـر جي تهـذيب، عـراق جي تهـذيب ۽ سـنڌو سـپتا جي قـديم مـاڳن مــان مليــل ســامان، لڪتن ۽ گهــرن جي اڏاوت ۾ مشابهت، ان ڳالهه جا وڏيڪ پختا دليـل آڏو آنـدا تـه قديم دؤر ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لڏپلاڻون ٿينـديون رهيـون. ڪيـئي قـبيلا ۽ برادريـون موسـمي ڦـيرين گهيرن ڪـري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وينديون رهيون. لڏپلاڻ جي عمل ۾ اچڻ جو سـبب اهـوئي هيـو جـو موسـمي تبـديلين، يعـني گهٽ برسـاتين، سـردين، طوفــانن، ٻــوڏن، زلــزلن ڪــري سرســبز ميــدان صحرائن ۾ تبـديل ٿي وينـدا هئـا تـه وري ڪي ٽـوٽ سڪل ۽ انساني تهذيب کان نـا آشـنا خطـا بـدلجي سرسبز ۽ آباد ٿي ويندا هئـا. اهـڙي طـرح موسـمي ڦـيرين گهـيرين کـان سـواءِ لـڏپلاڻ آبـادي جي واڌ ڪري به عمل ۾ ايندي هئي. سنڌ مان جيڪا لڏپلاڻ ٿي ۽ هتان جا ماڻهو قــديم دؤر ۾ ٻين خطن ۾ وڃي آباد ٿيا. ان جي پويان بـه اهي عمـل ڪارفرمـا هيـا. ڪيترائي انساني تاريخ جا ماهر ان ڳالهـه سـان هم خيـال آهن. فرگوسـن تـه چـوي ٿـو تـه ”سـنڌ مـان سـنڌوندي رسـتي ذاتين پنيـان ذاتيـون ۽ بي شـمار ماڻهو ٻاهر ويا آهن، جن تهذيب جو ڦهلاءُ ڪيو آهي“ (1)

دنيــا جي گهڻن قــديم قــومن جي تهــذيب ۽ تمدن، ٻـوليءَ ۽ ڪلچـر ۾ سـنڌو مـاتر جي ٻـولي ۽ ڪلچر جي ڇاپ ملڻ، ان ڳالهـه جي ثـابتي آهي تـه هـزارين سـال اڳ جـڏهن سـنڌ ڌرتيءَ تي انسـاني اوسـر ۽ تهـذيب جي ابتـدا ٿي تـه هتـان جـا مـاڻهو قافلن جي صورت ۾ خشڪيءَ توڙي سـمنڊ رسـتي دنيـا ۾ ڦهلجڻ لڳـا. هـو پنهنجن ٻـيڙين ۾ غـورابن ۾ چڙهي، نين انساني آبادين کان خالي تـوڙي تهـذيب

جي ابتدائي مرحلن ۾ سفر ڪندڙ انساني آبادين تائين وجي نڪتا. هيءَ لڏ پلاڻ سنڌو ماتر مان ان وقت ٿيڻ لڳي، جڏهن موهن جو دڙو، هڙپا، چانهون جو دڙو، ڪوٽڏيجي پنهنجي تهذيب جي اعليٰ منزل تي رسيل هيا.

سنڌو ماتر جا وارث ان دؤر ۾ دنيا جي هيئين خطن تائين وجي پهتا. جتان اهڙيون شهادتون مليون آهن.

## آسٽريليا

گاٻ فري بلنڊن لکي ٿو ته "برفاني دؤر جي شروع ٿيڻ ڪري زمين جي سطح پاڻيءَ کان مٿي اڀري آئي ۾ سمنڊ محدود ٿيڻ لڳا ۾ سامونڊي پاڻي پنهنجي موجوده سطح کان ٽي سو فوٽ هيٺ ٿي ويو. ان ڪري خشڪ زمين جي هڪ پٽي مٿي اڀري آئي. اهڙي طرح آسٽريليا جو حصو ڏکڻ ايشيا (هند) سان ملي ويو. ان ئي دور ۾ ايشيا (هند، سنڌ) جا جانور ۾ قديم باشندا انهن رستن کان هتي پهتا." (2)

ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته جڏهن برفاني دور ختم ٿيڻ تي هو ته آسٽريليا طرف گرم هوائون گهلڻ لڳيون ۾ سرديون ختم ٿيون ته ايڏانهن هند، سنڌ جي گرم علائقي جا ماڻهو چراگاهن ۾ رهائش جي تلاش ۾ وڌڻ لڳا. هتان هجرت ڏکڻ هندستان ٿيڻ لڳي ۾ هتان جا قديم باشندا هجرت ڪري مليشيا ۾ آسٽريليا طرف ويا. هتان جا جانور ۾ قديم باشندا ليموريا کنڊ رستي قديم پٿر دور ۾ آسٽريليا طرف ويا ۾ اتي پنهنجي

تهذيب ”سون“ جو بنياد وڌائون. ”سون ڪلچر“ بابت اسان ٻڌائي آيا آهيون ته اڄ کان 5 لک سال اڳ سنڌو ماٿر ۽ موجود هيو. انهن ئي ماڻهن هجرت ڪري وڃي آسٽريليا کي آباد ڪيو ۽ بحر رومي نسل هن ئي ”سون ڪلچر“ وارن جو پونئير آهي. اهڙي طرح انسان جو ”جاوا نسل“ جيڪو آسٽريليوي نسل جو پڙاڏاڏو ڪوٺيو وڃي ٿو، سو پڻ 40 هزار ق - م کان اڳ جو ڪونهي. پر ”سون ڪلچر“ ان کان تمام گهڻو پراڻو آهي. يعني ”جاوي انسان“ کان اڳ ”سون انسان“ موجود هيو. (3) جنهن آسٽريليا، جاوا، سوماترا ۽ سريلنڪا جا ٻيٽ آباد ڪيا.

”سون ڪلچر“ بابت ٿامس پئٽرسن لکي ٿو ته ”سون ڪلچر ايشيا جي سر زمين تي پيئنين ڪلچر ۽ تبديل ٿيو. هن سون ڪلچر بدستور آسٽريليا جي گئمبيرين ڪلچر کي وجود ۽ آندو.... تاسمين ڪلچر آسٽريليا ۽ آخري زماني واري پليوسين دؤر ۽ پهتو ۽ هن ۽ سون ماٿر جي اوزارن جا ڪيترا نمونا پسجن ٿا“ (4) ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته جنهن نسل کي محقق آسٽريليوي نسل ڪوٺن ٿا، سو دراصل سنڌو ماٿر جي رهواسين جو نسل آهي. جيڪي هتان ئي آسٽريليا ڪنڌ طرف لڏي وڃي ويٺا (5).

ڏکڻ ايشيا مان هجرت جيڪا آسٽريليا طرف ٿي، ان جا ثبوت ٻوليءَ جي ماهرن ڏنا آهن. سنڌ جا رهواسي جيئن ته سنڌ مان ڏکڻ هندُ طرف ويا، ان ڪري ڏکڻ هند جي ٻولين تامل، تيليگو ۽ ڪناڙي تي سنڌو جي وارثن جي ٻوليءَ جو اثر پيو ۽ اتي اڄ جيڪي به ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، انهن ۽ پروٽو-سنڌي ٻولي جا لفظ ۽ ٻيون گرامري

خاصيتون ملن ٿيون. دکن ۾ چوٽا ناگپور جي رهواسين ۾ سنڌين واريون خاصيتون جسماني توڙي ڪلچرلي ملن ٿيون.

ڏسڻ ۾ ته اهو به اچي ٿو ته انڊونيشيا جو ملڪ، جنهن ۾ جاوا، سوماترا، بالي، سيليسين، بورنيو وغيره اچي وڃن ٿا. تنهن جو نالو پڻ سنڌ ۾ سنڌونديءَ جي نالي پٺيان رکيل آهي. اصل ۾ اهو ”انڊس نوسيا“ (Indus-Nusia) آهي. جنهن جو مطلب آهي سنڌوءَ جو پراڙ وارو ملڪ. (6)

مٿين شهادتن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌو سڀيتا جا وارث موهن جي دڙي واري تهذيب يافته دور ۾ ان کان اڳ هجرتون ڪري، آسٽريليا طرف ويا ۾ هنن جاوا، سوماترا، سريلنڪا وغيره طرف وڃي پنهنجون آباديون قائم ڪيون.

## عراق (ميسوپوٽيميا)

تازو ميسوپوٽيميا جي شهر اُر(Ur) جي کوٽائي ليو ناربولي ۾ ڪش (Kish) شهر جي کوٽائي پروفيسر لئگڊن ڪرائي. ٻنهي شهرن جي صفا هيٺين تهن مان جنهن تهذيب جا آثار مليا آهن، سا ڪانسيءَ دور (Bronze Age) جي آهي. ان کان اڳ جي هتي ڪنهن به ابتدائي انساني آباديءَ جا آثار نه ملڻ مان اندازو لڳايو ويو ته عراق اندر هي وسندڙ پهرين آبادي آهي. (7) هن کان اڳ هن انساني آباديءَ وارن پنهنجي تهذيب جا ابتدائي ڏاڪا ڪنهن ٻئي هنڌ طئه ڪيا هئا. بعد ۾ اتان لڏي اچي هتي آباد ٿيا. پروفيسر رابرٽ بريفالٽ، ميسوپوٽيميا جي رهاڪن ۾ سندن تهذيب تي ڳالهائيندي چيو

آهي، ”بابـل ۽ جـتي اسـان کي پهريـان ئي پـوري ترقي يافته تهذيب نظر اچي ٿي ۽ کـو بـه ابتـدائي قديم مرحلو نظر نه ٿو اچي، ان کري فرض ڪرڻو پوي ٿـو تـه بابـل وارن تهـذيب جـو پهريـون مرحلـو ڪنهن ٻئي هنڌ تي طئه ڪيو هوندو.“ (8)

ڪيـــترن ئي انســـاني تهــذيب جي مـــاهرن سميرين تهذيب جو جنم گهر سنڌو مـاٿر کي سـڏيو آهي ۽ ثبوت سـان ٻـڌايو آهي تـه سـنڌو سـپيتا جي وارثن اتي وجي تهــذيب جــو ڦهلاءُ ڪيــو. انســاني تهـذيب جـو هڪ مـاهر فرئنڪفـرٽ چـوي ٿـو تـه، ”ميسوپوٽيميا جا اوائلي رهـاڪو ايـران جي مٿـانهن پٽن کان آيا، جن جي تمدن سنڌ تائين ڦهليل هـئي.“ (9) يعني ايران جا مٿانهان پٽ، سـنڌو مـاٿر جـا ئي هئـا ۽ ايـران جي مٿـانهن پٽن ۽ وڏ کـان وڏ قـديم تهـــذيب ســـنڌ ۾ ئي ملي آهي. ان ڪـــري چـــئي سگهجي ٿو ته اهي سنڌو ماٿر جـا رهـاڪو ئي هئـا، جن عراق کي وسايو. هڪ ٻيو ماهر هـال پڻ سـمير جي لوڪن بابت چوي ٿو ته، ”سندن مشابهت ڀارت جي آڳــاٽن ســنڌين ســان ملنــدڙ آهي. ان ڪــري خاطري آهي ته سـميرين لـوڪ ڀـارت واسـي آهن، جيڪي خشـڪيءَ رسـتي يـا سـمنڊ رسـتي پرشـيا (ايـران) ڪـان ٿينـدا، ٻن نـدين تـائگرس (دجلـه) ۽ يوفرٽيس (فرات) جي ماٿرين ۾ پهتـا. سـندن اصـل گهر ڀارت ۾، شايد سـنڌ هـو ۽ جتـان ئي هـو ايشـيا مائنر پهتا.“ (10)

## ڇا سنڌو تهذيب ميسوپوٽاما جي تهذيب مان ڦٽي نڪتي هئي؟

سنڌو سڀيتا جي ماڳن تي سربستي تحقيق نه ٿيڻ کان اڳ ڪجهه ماهر ان خيال جا هئا ته سنڌو تهذيب ميسوپوٽاما جي تهذيب مان جنم ورتو هو. ان خيال کي بعد ۾ قديم آثارن جي ماهرن مڪمل طرح رد ڪري ڇڏيو آهي. ناميار آرڪيالاجسٽ ۽ آبپاشي ماهر ايم ايڇ پنهور موجب اڳ عام تاثر اهو ڏنو ويندو هو ته نيل ۽ دجلا - فرات جي ماٿرين جون تهذيبون وڌيڪ سڌريل ۽ وڏي علائقي تي پکڙيل هيون ۽ سنڌو تهذيب ميسوپوٽامي ثقافت مان ڦٽي نڪتي هئي. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته نيل ۽ دجلا - فرات جي ماٿرين جي تهذيبن جي پکيڙ سنڌو ماٿري جي تهذيب جي ڏهين پتي جيتري به مس هئي. (11) سنڌو تهذيب اٽڪل 5 لک چورس ميلن تي پکڙيل هئي. سنڌو تهذيب مهر ڳڙهه جي زماني 7500 ق م کان 1000 ق م تائين يعني ساڍا 5 هزار سالن کان وڌيڪ هلي.

قديم سڀيتائن جي ماهرن موجب ميسوپوٽيميا يعني الهندي ايشيا ڏانهن هتان سنڌ جي رهاڪن وڃي بيٺڪون وڌيون. لينارڊ وولي، سميرين بابت چوي ٿو ته اهي اوڀر کان اچي فرات جي ڪناري آباد ٿيا هئا ۽ اسان کي خبر آهي ته عراق جي اوڀر ۾ پريو پاڇيو پرڳڻو سنڌو ماٿر ئي آهي، جنهن جي ئي مهاڏي تان لڏپلاڻون عمل ۾ آيون.

انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا ۾ پيون تاريخون ته ايئن ٻڌائين ٿيون ته قديم زماني ۾ ڪي لوڪ ميسوپوٽيميا ۾ اچي رهيا. سندس اصل نسل جو پتو ڪونهي. پر اهي شمير (Shumer) سڏجڻ ۾ آيا ۽ انهن مان سميرين نالو نهيو. سمير نالي وارا ماڻهو

ڏکڻ عراق  سمنڊ  خشڪيءَ جي رستي آيا  فرات جي ماٿريءَ  انهن ئي اچي تهذيب  تمدن جو بنياد وڌو. بابل جي ڪتبن  انهن کي ”اونس“ ڪري سڏيو ويو آهي، يعني ته اهي راڪاس جن جو مٿيون ڌڙ ماڻهو جو هو ته هيٺيون مڇيءَ جو. ڇو جو اهي ماڻهو سمنڊ رستي ٻيڙين  اتي پهتا، جيڪا ڳالهه اتان جي ماڻهن لاءِ حيرت جوڳي هئي. ”انجيل“ مقدس اسان کي ٻڌائي ٿو ته حضرت نوح جو اولاد اوپر کان شنار (ئيلان) پهتو هو. يعني سميري لوڪ اوپر يعني سنڌو ماٿر کان آيا. انجيل مقدس  شمير ٻدران شنر (Shuner) نالو ڪم آيل آهي، جيڪو سنڌور يا سنڌ کي ويجهو آهي. (12) يا سنڌ لفظ جو بگاڙ ئي معلوم ٿئي ٿو. پوڪوڪ، شنار لفظ بابت ائين ئي چوي ٿو ته اهو آهي، ”سنڌور“  سميري سنڌونديءَ جا رهاڪو آهن. (13) سميري اصل  ٻاهريان آهن  اهي سامي ناهن، ان تي ڪيترائي ماهر متفق آهن. ”مورخن جي تاريخ عالم“ (Historian’s History of the World) جي ترتيب ڏيندڙن وڏي بحث مباحثي  تحقيق بعد ظاهر ڪيو آهي ته، ”سميري قطعن سامي ڪو نه هيا  نه ئي بنيادي طور تي، نه فعلي، ڪرداري  زبان جي لحاظ کان ئي.“ ان نظرئي رکندڙ ماهرن  پروفيسر هتي، ڊاڪٽر فرينڪفرٽ، ڊاڪٽر سي ايل وولي  ليونارڊ ڪانرال سر فهرست آهن. (14)

هر  ڦيٿو تهذيب جو بنياد سمجهيا وڃن ٿا. سي سنڌ مان عراق پهتا هئا. عراق جو سڀ کان قديم  پهريون شهر ”عُر“ يا ”اُر“، ”عُري“ يا ”هري“ آهي. جيڪو ”هر“ يا ”هري“ جو بگڙيل اُچار آهي. ڇو جو سنڌي ماڻهن ئي پهريان عراق  کيتي باڙي جي شروعات ڪئي  هر سان اتان جي زمين

ڪي ڪيڙي، ان مان سون جهڙا فصل اُپايا. اتان جي اصلي باشندن پنهنجي شهر جو نالو ”هر“ جي پويان رکيو. ڇو جو هر ذرخيزيءَ جي علامت آهي.

آثار قديمه جي ماهرن موهن جي دڙي جهڙي هڪ سيل ”ڪش“ جي دڙي مان هٿ ڪئي آهي. جيڪا سارگن جي زماني جي آهي ۾ ان تي لکيل ٻوليءَ بابت چون ٿا ته اها ”سنڌو لپي“ ئي هئي، جيڪا ان زماني ۾ چاتل سڃاتل هئي. (15) تازي تحيقيق مطابق سميري تمدن جي قديم لکتن ۾ لفظ ”ادا“ معنى ”پاءُ“ ملي ٿو. ساڳيو لفظ فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي آهي. يعني اهو سنڌي لفظ عراق ۾ ان ڪري ويو جو سنڌي اتي رهندا هئا ۾ عراق سان واپاري ناتا هئن. (16)

قديم دور ۾ سنڌي واپاري ۾ جهازران جيڪي سنڌ ڪان سامان ڪڻي عراق ويندا هئا، انهن اتي ننڍيون ننڍيون واپاري بستيون ۾ شهر پڻ آباد ڪيا. عراق ۾ سنڌين جي هڪ اهڙي بستي ملي آهي، جيڪا 4 هزار سال اڳ اٽڪل 2000 ق - م ۾ سنڌي واپارين اتي آباد ڪئي هئي. عراقي شهرن جي قديم کنڊرن مان سنڌي مصنوعات عراق جي اڪادي دور (2334 ق م) جي شروع کان ئي ملڻ شروع ٿيون ۾ اهي شيون عروج يافته سنڌي تهذيب سان واسطو رکن ٿيون. يعني اڄ کان ساڍا چار هزار سال اڳ جون آهن.

عراق جي قديم شهر اُر جي کوٽائي مان انهن ڳالهين جا ٺوس ثبوت مليا آهن ته اتي سنڌي ماڻهو بحري ۾ خشڪيءَ رستي ايندا هيا. ان شهر مان موهن جو دڙو سميت چانهون جي دڙي جون ٺهيل مهرون، زيور ۾ برتن وغيره مليا آهن.

عراق □ سنڌ جو واپـاري نـاتو (1892-1750 ق م) جي زماني □ عراق □ بابل جي پهرين شـاهي خانـدان جي فرمـانروا حمـوربي جي زمـاني □ ختم ٿي ويو. حموربي خاندان جي زوال بعــد 1595 ق - م □ عراق □ گهـرو ويڙهــه □ افراتفـري مچي وئي. عراق ان ئي دور □ باقي دنيا کان الڳ ٿلڳ ٿي ويو.

اسان مٿي ڏنل حقيقتن جي روشنيءَ □ چئي سگهون ٿا ته عراق □ تهذيب □ تمـدن کي وڌائينـدڙ سنڌو ماٿر جا رهواسي هئا □ بابلي تهذيب جــو جنم گهر سنڌ هو. سنڌو سڀيتا جي وارثن جا عراق سان واپاري ناتا □ رشتا هئا، جيڪي جيئن جو تـيئن گهاٽـا □ اڻ ٽٽ ٿيندا ويا.

## نار جون رياستون

قديم آثارن جي هڪ ماهر ڊاڪٽر رفيق مغــل تازو پنهنجي رپورٽ ”سنڌو سڀيتا تي نئين روشـني“ □ لکيو آهي تـه گلـف (نـار) جي رياسـتن جهـڙوڪ: اومان، بحرين □ ڪويت □ قـديم دڙن جي کوٽـائيءَ کان پوءِ معلوم ٿيو آهي تـه سـنڌو مـاٿر جي مـاڻهن عربي سمنڊ ٽپي، گلف (نار) جي رياستن جي واپــار تي وڏي قبضو ڪيو هو. جنهن جي ثبـوت □ بحــرين □ ”ٿـاربري“ جي دڙي مــان لـڌل نڪــر جـا ٿـانون، مهرون □ مٽيءَ جا اهڙا نڪر مليا آهن، جن تي جڳ مشهور موهن جي دڙي واري لپيءَ □ لکتون مليون آهن. اهڙي طرح اٿلي جي مـاهرن اومـان جي دڙن جهڙوڪ ”راس الحمارا“ □ ”راس الجفيـا“ مـان پڻ سـاڳيون شـيون کـوٽي کـڍيون آهن. سـاڳي ريت کــوويت جي سـامونڊي ڪنــاري کــان ٿــورو پــري

”فاعلقا“ ڀيت وٽ پڻ هڪ ٻي ٽيم موهن جي دڙي واريون مهرون هٿ ڪيون آهن. هنن واپاري ناتن ۽ سنڌو ماٿري مان جيڪي شيون اوڏانهن موڪليون ويندیون هيون، تن ۾ پاڇين، ڪپهه، مور پکي، ٽامي ۽ قيمتي پٿر جي ثابتي ملي آهي. ڊاڪٽر رفيق مغل وڌيڪ ٻڌايو آهي ته بغداد ۽ دمشق مان پڻ سنڌو ماٿر واريون مهرون مليون آهن. گلف رياستن ۾ چانور پهرين سنڌو ماٿر جي ماڻهن واپار وسيلي متعارف ڪرايا هئا. اهڙي طرح ڪجي به سنڌو ماٿر ذريعي عربستان پهتي. چو جو ڪجيءَ جون ڪکڙيون سر جان مارشل کي موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان مليون آهن. (17)

بحرين ۾ فرانسيسي ماهر موسيو بي کوٽائي دوران موهن جي دڙي جون مهرون هٿ ڪيون آهن. تازو اومان ۽ ابوظهبي جي النار جزيري ۾ کوٽائي دوران موهن جي دڙي جا برتن مليا آهن. (18)

سنڌو سڀيتا جا وارث 4300 ق م ڌاري ترڪمنستان ۽ ايران سان به واپار ڪندا هئا. ڏکڻ ايشيا جي قديم آثارن تي تحقيق ڪندڙ ماهرن مچيل ڊي پيٽراگاليا ۽ برڊگيٽ آلچن موجب ايران ۽ ترڪمنستان جي قديم آثارن مان اهڙا ثبوت مليا آهن ته سنڌو ماٿري جي رهواسين جا ڏکڻ ايران ۽ سينٽرل ايشيا ترڪمنستان سان واپاري لاڳاپا هئا. چاڪاڻ ته اتان موهن جي دڙي جي مهرن، زيورن ۽ هٿ جي ٺهيل ٿانون جا نمونا مليا آهن. مصر مان به اهڙا آثار مليا آهن ته سنڌو ماٿري جي رهواسين جو مصر سان به واپاري لاڳاپو موجود هو. (19) ماهرن موجب مصر، عراق، ايران ۽ سينٽرل ايشيا جي ٻين ملڪن سان اهو واپار سنڌو

ماٿر جي شهرن موجوده بلوچستان جي دشت ندي پرسان آباد قديم شهر ستڪاجن در، پسني جي پرسان مليل قديم ماڳ سوڪهتا ڪوهه، سونمياني جي پرسان بالاڪوٽ سميت گجرات جي شهر لوٿل ذريعي ٿيندو هو. اهي قديم شهر سنڌو سڀيتا جا پرڏيهه سان واپار جا مرڪز هيا.



## حوالا □ سمجهاڻيون


1. Frgossen, “History of Indian and Eastern Architecture” Vol: 1, Introduction P-4

2. بلنڊن، گاڊ فري ”سرزمين اور باشندي-آسٽريليا“ ص- 3-12

3. Bowte, John, “The Concise Encyclopaedia of World History” P-19

4. The Chamber’s Encyclopaedia, Vol: 1, P-805

5. چنـا، محبـوب علي ”سـنڌ مـاٿر جـا اصل رهواسي دراوڙ آهن“ ٽماهي مهراڻ 1973-3

6. پٺــاڻ، ممتــاز ”ســنڌ جي عظمت“ نئين زندگي ڪراچي 1971ع ص-9

7. سـمراٽ، گنگـارام ”سـنڌ سـووير“ ص – 98-99

8. بريفـــالٽ، رابـــرٽ ”تشـــڪيل انسانيت“ ص-96

9. Journal, Sindh Historical society, Vol: VIII, P-71

10. Hall, “The Ancient History of Near East” P-173-174

11. پنهور، ايم ايڇ، سنڌ جي ريجاڻي تاريخ جا ڇهه هزار سال، (سنڌي ايڊيشن)، ڪراچي، 2013ع

12. Lal, Chaman “Hindu America” P-46

13. Pecocke, “India in Greece” P-45-47

14. چنا، محبوب علي ”سنڌي ادب ڪي مختلف رجحانات“ ص-2-3

15. Langdon, S. “A new factor in the Problem of Sumerian origins”, Journal, Royal Asiatic Society (1931), P-593-6

16. بلـوچ، ڊاڪـٽر نـبي بخش ”سـنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ 1962ع

17. مغل، ڊاڪٽر رفيق ”سنڌو سڀيتا تي نئين روشني“
18. اختر، جمنا داس ”قديم سنڌ اور اس کي روابطه“ روزانه جنگ ڪراچي، مڊويڪ مئگزين 27 جولاءِ 1983ع، ص-12-13
19. Doniger, Wendy (30 September 2010). The Hindus: an alternative history. Oxford University Press. p. 67. ISBN 978-0-1-9959334-7.

## سنڌو ماٿر جي عوام جو نسلي جائزو

سنڌ اندر باقي دنيا جي ڀيٽ  ڀهريان ڀهريان تمدني زندگيءَ جو آغاز ٿيو. هتان جي ئي سنڌي ماڻهن پنهنجي پروٽو سنڌي ٻولي کي لکت جي صورت ڏني. هتان ئي قبيلن جا قبيلا لڏپلاڻ ڪري ڏورانهن ڏيهن ڏانهن ويا  اتي وڃي تمدني زندگيءَ جي شروعات ڪئي. 1500 ق-م تائين سنڌو ماٿر جي سڀيتا پنهنجي عروج تي هئي. جنهن بعد ويدڪ دور شروع ٿيو. ويدڪ دور کان 3 هزار سال اڳ سنڌ جا ماڻهو پرڏيهه سان واپار ڪندڙ هئا. سنڌ جي ماڻهن ڏکڻ هندستان پهچي پنهنجي تهذيب جو ڦهلاءُ ڪيو. جنهن ڪري اتان جي تهذيب  ٻوليءَ تي پروٽو سنڌي ٻوليءَ جو اثر پيو. جيڪو اڄ به ڪنهن نه ڪنهن شڪل  موجود آهي. سنڌو سڀيتا جي وارثن دراوڙي نسل جي ماڻهن تي پنهنجي ڇاپ

چڙي. دراوڙي ٻولين ۾ سنڌي ٻـوليءَ جـا لفـظ ملڻ ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته هنن هڪ سڌريل تهذيب ”سـنڌو“ جـو اثـر قبـول ڪيـو. جيڪـڏهن ڪـو ائين سمجهي ٿو ته سنڌي تهذيب دراوڙ نسل جي ماڻهن جي تخليق آهي ته اهو گاڏيءَ ڪي گهوڙي جي اڳيان جوٽڻ ٿيندو. ڇاڪاڻ ته دراوڙن جي اصـل ديسـن ۾ ڪنهن به اهـڙي شـاندار تهـذيب جـا ثبـوت نـه مليـا آهن، جهڙيون شاهديون سنڌو مـاٿر ۾ مليـون آهن. ماهرن ثابت ڪيو آهي ته موهن جي دڙي جا مــاڻهو دراوڙ نسل جا نه پر اڳاٽا سنڌي هئا.

آرڪيالاجيڪـل سـروي آف انـڊيا (دهلي) جي هڪ ماهر اين ڪي بوس پنهنجي ڪتاب (1) ۾ 260 هڏاون پڃرن جي ماپ ۽ جاچ ڪـرڻ بعـد ان نـتيجي تي پهتو آهي ته، موهن جي دڙي جا مـاڻهو موجـوده سـنڌين جهـڙا هئـا. يعـني سـنڌ انـدر هڪ ئي قـوم سنڌي رهندڙ هئي. جن جا هڏا موهن جي دڙي مان لڌا ويا آهن. اڄ جيڪي سنڌ انـدر مختلـف ذاتيـون ۽ قبيلا آهن، تن جا ابـا ڏاڏا مـوهن جي دڙي جـا وارث هئا.

## سنڌ سڀيتا جا وارث دراوڙ نه هئا

پاڪســـتان جي مشـــهور آرڪيالاجســـٽ پروفيسر احمد حسين داني موجب سنڌو سـڀيتا جـا خـالق دراوڙ نـه هئـا. هن انـڊيا جي آرڪيالاجسـٽن آسـڪو پـارپولا ۽ پروفيسـر مهـاديون ۽ روسـي محققن جي ان نظرئي کي رد ڪيو آهي تـه مـوهن جي دڙي جا وارث دروڙ هئـا، ان بـابت هن پنهنجي انٽرويو ۾ چيو آهي ته سنڌو سڀيتا جي ماڳن تي ٿيل تحقيقي مان ان ڳالهه جو ڪوبه ثبوت نه مليـو آهي

ته موهن جي دڙي جي تهذيب جا وارث درواڙ هئا، جيڪڏهن درواڙ سنڌو تهذيب جا خالق هئا ۽ هن ماتري مان ئي لڏپلاڻ ڪري ڏکڻ هندستان ويا هئا ته پوءِ اتان هن وقت تائين موهن جي دڙي جي تهذيب جا آثار ڇو نه مليا آهن. جڏهن ته سنڌو تهذيب جا آثار گجرات، ملبار ۽ سنڌو ماتري جي پر وارن ٻين خطن مان مليا آهن. پر دراوڙي ٻولي ڳالهائيندڙن جي خطي ڏکڻ هندستان مان ڪو هڪ به اهڙو آثار نه مليو آهي، جيڪو سنڌو سڀيتا سان هڪجهڙائي رکندڙ هجي يا ان دور جو هجي. (2) احمد حسين داني جي ان راءِ سان ڀارت جو مشهور آرڪيالاجسٽ بي بي لال به متفق آهي. احمد حسين داني ۽ بي بي لال آرين جي سنڌو ماتر تي حملي ۽ ان سبب هن تهذيب جي خاتمي کي به رد ڪيو آهي.

## آرين جو سنڌ تي حملي وارو مفروضو

مختلف ماهرن طرفان آرين جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ هتان جي اصلي باشندن کي غلام بڻائي انهن جو قتل عام ڪرڻ يا مڙني ماڻهن کي سنڌ مان نيڪالي ڏئي ڇڏڻ يا سندن سموري تهذيب ۽ ان جي شهرن ۽ وسندين کي مڪمل طور فنا ڪري ڇڏڻ وارو تصور هڪ مفروضو پيو لڳي. آريا نه ڪا قوم، نه وري قبيلو يا ماڻهن جو ڪو گروهه هيو. ان ڪري اهو تصور ڪرڻ ته سنڌو سڀيتا جو خاتمو نام نهاد آريا قبيلن آندو، عقلي ۽ سائنسي بنيادن تي بيٺل نه آهي.

آريا اصل ۾ ڪا قوم، قبيلو يا نسل نه هو، پر

سنڌو ماتر ۾ رهندڙ ماڻهن جو هڪ طبقو هو. آريا اهي ماڻهو سڏبا هئا، جيڪي هارپو ڪندا هئا. هارين کي موهن جي دڙي جي دور کان وٺي ويدڪ دور ۾ ان کان پوءِ به آريا چيو ويندو هو. جڏهن ته هارپو نه ڪندڙن کي اڻ سڌريل يعني اڻ آريا چيو ويندو هو. هندن جو ديوتا ’هري‘ اصل ۾ ’هر‘ مان نڪتل آهي ۾ آباديءَ جو ديوتا تصور ڪيو ويندو آهي. ان ڪري سنڌو ماتر ۾ آباديءَ ۾ خوشحالي جي علامت طور هارين کي آريا ڪوٺيو ويندو هو. سنسڪرت زبان ۾ به آرين جي معنى اوچي ذات، شريف ۾ آزاد آهي. سنسڪرت زبان ۾ آريا لفظ ڪنهن نسل، قبيلي يا قوم جي نالي طور ڪتب نه آيو آهي. جيئن يورپي محققن هڪ مفروضو قائم ڪري تاريخ ۾ آرين جو افسانو گهڙي شامل ڪيو. يورپي محققن طرفان آرين جو افسانو گهڙڻ پويان به ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن کي غلام رکڻ جو هڪ نفسياتي حربو هو. يورپ خاص ڪري جرمنيءَ جا ماڻهو پاڻ کي آريا يعني سڌريل نسل جا سمجهندا هئا ۾ برصغير تي پنهنجي قبضي کا جائز ڄاڻائڻ لاءِ هنن هتان جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انگريز محققن ۾ حڪمرانن پاڻ کي آرين جا وارث ڄاڻائي دنيا آڏو ۾ غلام قومن آڏو اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو قديم دور کان وٺي سڌريل ۾ طاقتور هئا. هنن ئي سڄي دنيا کي تهذيب يافته بڻايو. سندن ڪمزور قومن مٿان قبضو جائز هيو. ڇو جو هو تهذيب جا علمبردار هئا ۾ دنيا کي مهذب ڪرڻ لاءِ ماضيءَ جيان ڀيهر نڪتا هئا.

رياضيءَ جي هڪ روسي ماهر آءِ اي ولدروسڪيءَ 1984ع ۾ بخارسٽ ۾ سڏايل تاريخ ۾ سائنس متعلق بين الاقوامي ڪانگريس کي ٻڌايو ته موهن جي دڙي مان مليل مهرن جي ڪمپيوٽر

تي اڀياس مان معلوم ٿيو آهي ته موهن جي دڙي جا رهواسي آريا نه هئا.(3) گهڻا ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌو ماٿر جي سڀيتا جا اصل باشندا هتان جا تڏهوڪا سنڌي هئا. (4)

